روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

1 Hand Book for Political Journalists

# جمهوريت، صحافتي اخلاقيات ۽ ميڊيا


ليکڪ ۽ مرتب : جامي چانڊيو

سنڌيڪار : اسلم خواجه



سي پي سي ايس

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي

B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد

Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401

cpcs.sindh@hotmail.com

# جمهوريت،
# صحافتي اخلاقيات
# ۽
# ميڊيا

ليکڪ ۽ مرتب: جامي چانڊيو

سنڌيڪار: اسلم خواجه

CPCS

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | جمهوريت، صحافتي اخلاقيات ۽ ميڊيا |
| موضوع: | سياست ۽ ميڊيا |
| ليکڪ ۽ مرتب: | جامي چانڊيو |
| سنڌيڪار: | اسلم خواجه |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | فيبروري 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | پنجاهه روپيا |


All Rights Reserved


| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Democracy, Media Ethics and Journalism |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-I |
| **Authored and Compiled by**: | Jami Chandio |
| **Translator**: | Aslam Khuaja |
| **Year**: | Feb. 2007 |
| **Published by**: | CPCS |
| **Courtesy**: | Center for Civic Education, Islamabad. |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ٻه اکر | – جامي چانڊيو | 6 |
| باب پهريون: | | |
| جمهوريت جو ادراڪ ۽ ميڊيا جو ڪردار | | 8 |
| باب ٻيو: | | |
| سُٺي حڪمرانيءَ جو ادراڪ ۽ ميڊيا جو ڪردار | | 30 |
| باب ٽيون: | | |
| تحقيقي ۽ تفتيشي صحافت: اُسرندڙ جمهوريت ۽ سُٺي حڪمرانيءَ جو هڪ اثرائتو ذريعو | | 46 |
| باب چوٿون: | | |
| سُٺي حڪمراني، ضابطءِ اخلاق ۽ ميڊيا | | 57 |

# ارپنا

پيشيوراڻه فرض شناسيءَ سان صحافتي ذميواريون
نڀائيندي قبيلائي دهشتگرديءَ هٿان شهيد ٿيل نوجوان
فوٽوگرافر صحافي منير سانگيءَ جي نالي، جنهن
پنهنجي پيشي سان ڪمٽمينٽ جو هڪ اُتساهيندڙ
مثال قائم ڪيو.

– جامي چانڊيو

# پہ اکر

جمهوريت کي سچيءَ دنيا اندر اظهار جي آزاديءَ سان نہ رڳو مشروط ڪيو ۽ سمجهيو ويندو آهي پر ڪين هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم قرار ڏنو ويندو آهي. پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ جتي جمهوريت جو عملي ثبوت تہ ڇا پر رياستي سطح تي انجو ڪو واضح ۽ عوام دوست ڍانچو ۽ خاڪو بہ موجود نہ آهي، اُتي تصور ڪري سگهجي ٿو تہ اظهار جي آزادي هڪ مفروضي کان وڌيڪ حقيقي طور ڪيترو موجود هوندي؟

زندگيءَ جي ٻين شعبن جيان ميڊيا کي بہ اڳتي وڌڻ ۽ آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ماحول ۽ حالتون گهرجن. جيڪي پاڪستان ۾ ۽ خاص طور سنڌ ۾ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان ناپيد رهيون آهن. صحافت بہ سياست ۽ ٻين شعبن جيان پنهنجو پيشہ ورانہ ۽ عوام دوست ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ سازگار قانونن، ماحول ۽ حالتن جي گهرجائو هوندي آهي. پاڪستان ۾ جتي رياست غير جمهوري سوچن، قوتن ۽ مفادن وٽ يرغمال هجي، ۽ سماج فاشي قوتن، دهشتگردن، انتهاپسندن، جنونين، عوام دشمن جاگيردارن، وڏيرن توڙي مڊل ڪلاس جي ڪرپٽ حصن ۽ سندن نمائنده سياسي مافيائن جي ور چڙهيل هجي، اُتي تصور ڪري سگهجي ٿو تہ ميڊيا ڪيترو ذميواريءَ، آزاديءَ ۽ پيشہ ورانہ فرض شناسيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندي هوندي؟

پاڪستان ۾ ۽ خاص طور سنڌ ۾ صحافين جي پيشہ ورانہ تعليم ۽ تربيت جو ڪوبہ منظم انتظام موجود نہ آهي، صحافين جو تمام ٿورو انگ پنهنجي عملي تجربي ۽ محنت ذريعي پيشہ ورانہ مهارت حاصل ڪري اڳتي وڌڻ ۽ ذميوارانہ ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿو. جڏهن تہ اڪثريتي صحافي ۽ خاص طور هيٺين سطح تي ڪم ڪندڙ صحافي پيشہ ورانہ صلاحيتن، اُصولن ۽ قاعدن جي ڄاڻ کان وانجهيل ۽ محروم رهن ٿا. نتيجي ۾ سندن گهربل معياري ۽ ذميوارانہ صحافتي ڪردار نٿو جُڙي صحافتي اخلاقيات تہ اجان اڳتي جي ڳالهہ آهي.

هيءَ ڪتاب ڪجهہ سال اڳ سينٽر فار سِوڪ ايجوڪيشن اسلام آباد جي سهڪار سان انگريزيءَ ۾ پاڪستان جي صحافين جي تربيت لاءِ لکيو ۽ مرتب ڪيو ويو هو. جنهن کي يورپين يونين جي سهڪار سان اسلام آباد مان شايع ڪيو ويو هو.

سي پي سي ايس طرفان هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي پڌري ڪرڻ جو مقصد بہ اهو ئي آهي تہ سنڌ ۾ هر سطح تي ڪم ڪندڙ صحافين کي هن ڪتاب ذريعي انهن اُصولن ۽ قاعدن جي ڄاڻ ڏجي، جيڪي نہ رڳو سندن پيشہ ورانہ فرض ادائگيءَ لاءِ ضروري آهن پر اُنهن کي صحافتي اخلاقيات پڻ چيو وڃي ٿو.

**جامي چانڊيو**

حيدرآباد، سنڌ

باب پهريون

# جمهوريت جو ادراڪ ۽ ميڊيا جو ڪردار

جمهوريت هڪ متحرڪ ۽ مختلف دليل رکندڙ تصور آهي. مختلف اُپٽارون ۽ نظريا جمهوريت جي مختلف پهلوئن تي زور ڏين ٿا. جمهوريت جي عقلي ۽ جمهوري وصف هن ريت ڪري سگهجي ٿي تہ سياسي حڪمرانيءَ جو هڪ اهڙو سرشتو جنهن جو فيصلي ساز اختيار شهرين يعني عوام کي هجي. حقيقي جمهوري سرشتو شهرين جي اُڌمن ۽ اُميدن کي مانُ ڏيندڙ، انهن کي پاڻ ۾ سموئيندڙ، سندن نمائندگي رکندڙ، سندن آڏو جوابده، شفاف ۽ موٽ ڏيندڙ ٿيندو آهي.

جمهوريت دراصل سڀ ڪجهہ يا ڪجهہ بہ نہ هئڻ وارو مامرو ناهي. اهو سياسي فيصلي سازيءَ ۾ شهرين جي اختيار جي حد ۽ ڪين هڪ جهڙو ليکڻ جو مامرو آهي. جمهوريت جا اهي قدر سياسي ادارن ۽ عملن ذريعي ساپيان ماڻين ٿا. جمهوريت جو ڪوبہ آفاقي نمونو ناهي. ڪنهن بہ ملڪ جي سياسي ادارن ۽ عملن جي جوڙجڪ ۾ اڪثر ان جي تاريخ، ثقافت، سماجي ۽ معاشي عنصر وڏو ڪردار ادا ڪندا آهن.

جمهوريت پذيري ڪو سڌيءَ ليڪ وارو عمل بہ ناهي جيڪو آپيشاهاڻي نظام کان جمهوري راڄ ڏانهن سفر ڪري. اِهو هڪ گهڻ- رُخو ۽ گهڻ- وصفي عمل آهي، جيڪو لاها چاڙها ڏسندو رهي ٿو ۽ جنهن ۾ ڪجهہ ادارا ٻين جي ڀيٽ ۾

وڏيڪ ترقي ڪيل هوندا آهن. ان ريت عملي جمهوريت کي هڪٻئي تي انحصار ڪندڙ ڪيترائي عنصر ۽ عمل گهربل هوندا آهن. جيڪي عوامي معاملن ۾ شهرين جي شرڪت واري وهنوار تي ٻڌل هجن. جمهوريت جاتل سڃاتل لفظ ته ٿي سگهي ٿو پر اهو تصور اڃان تائين اڪثر غلط طور تي سمجهيو ۽ استعمال ڪيو وڃي ٿو. خاص طور تي جڏهن آپيشاهاڻا راڄ ۽ فوجي آمريتون پنهنجو پاڻ تي جمهوري ڪتبا هڻي پنهنجي عوامي پنيرائي هئڻ جي دعوئ ڪنديون هجن. لغتي وصف موجب "جمهوريت" عوام طرفان هڪ اهڙي حڪومت آهي، جنهن ۾ حتمي اختيار عوام وٽ آهي، جنهن جو هو پنهنجي سر سڌو سنئون يا هڪ آزاداڻي چونڊ سرشتي ذريعي پنهنجا عيوضي چونڊي استعمال ڪري سگهي. ابراهام لنڪن جي جڳ مشهور لفظن ۾ جمهوريت "عوام جي، عوام طرفان ۽ عوام لاءِ" حڪومت آهي.

آزادي ۽ جمهوريت کي اڪثر هڪٻئي جي بدل طور استعمال ڪيو ويندو آهي پر اهي هم معنيٰ ناهن. جمهوريت جيتوڻيڪ آزاديءَ بابت تصورن ۽ اُصولن جو هڪ ڳتڪو ضرور آهي پر اِها هڪ ڊگهي ۽ اڪثر پيڙا پري تاريخ دوران ٺيل عملن ۽ وهنوارن جي هڪ مجموعي طور تي پڻ ٻڌل آهي. مختصر طور تي اهو چئجي ته جمهوريت آزاديءَ جو ادارتي روپ آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن معاشري کي جمهوري سڏڻ لاءِ وقت هٿان رچيل لازمي گهربل عنصرن آئيني حڪومت، انساني حقن ۽ قانون آڏو برابريءَ جي سڃاڻپ ممڪن آهي.

جمهوريتن کي سِڌي سنئين ۽ نمائنده وارن ٻن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. سڌي سنئين جمهوريت ۾ سمورا شهري، چونڊيل يا مقرر ڪيل عملدارن جي ٿياڪڙيءَ کانسواءِ، عوامي فيصلن جي جوڙجڪ ۾ حصو وٺي سگهن ٿا. اهڙو سرشتو واضح طور تي ماڻهن جي گهٽ تعداد واري صورت ۾ ئي عملي طور تي هلي سگهي ٿو. مثال طور ڪنهن مقامي تنظيم يا مقامي ڪائونسل ۾ يا پورهيت يونين جي ڪنهن مقامي يونٽ ۾، جتي ميمبر مامرن تي غور ويچار ڪرڻ ۽ يڪراءِ يا اڪثريت سان ڪنهن فيصلي تي پهچڻ واسطي ڪنهن هڪ ڇت هينان گڏ ٿي سگهن. دنيا جي پهرين جمهوريت يعني يونان جي راڄڌاني ايٿنس پنجن ڪان ڇهن

هزار ماڻهن جو ميڙاڪو ڪري سڌي سنئين جمهوريت جو مظاهرو تي ڪيو. شايد ان ڪان وڌيڪ ماڻهو هڪ جاءِ تي گڏ تي سڌي سنئين جمهوريت تي هلي به نه سگهن.

پنهنجي ڳنڀيرتا سبب جديد معاشرو سڌي سنئين جمهوريت جا تمام ٿورڙا موقعا ئي آڇي ٿو. ايستائين جو اُتر اوڀر آمريڪا ۾ به جتي نيو انگلينڊ شهري گڏجاڻي هڪ احترام ڀري روايت آهي. ڪيترين ئي برادريون سندن زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندڙ مامرن تي ڳالهائڻ واسطي گڏجڻ ۽ راءِ ڏيڻ لاءِ هڪ ماڳ تي گڏجڻ ڪان گهٽيون وڌيون ٿي ويون آهن.

هاڻوڪي دؤر ۾ جمهوريت جي انتهائي عام شڪل، پوءِ ڀل پنجاهه هزارن جي آباديءَ وارو شهر هجي يا پندرهن ڪروڙن جي آباديءَ وارو ملڪ. عيوضين تي ٻڌل جمهوريت آهي، جنهن ۾ شهري سياسي فيصلا ڪرڻ، قانون ٺاهڻ ۽ عوامي مفادن لاءِ جوڙيل پاليسين تي عمل درآمد واسطي پنهنجا عيوضي چونڊيندا آهن.

اهڙا عملدار عوام طرفان ڪنهن ڳنڀير عوامي مامري کي سوچ ويچار ۽ وهنوار پريو دڳ ڏئي سگهن ٿا. جنهن لاءِ گهربل وقت ۽ سگهه عام طور تي خانگي شهرين جي وڏي اڪثريت لاءِ ممڪن نه هوندي آهي. انهن عملدارن جي چونڊواري طريقي ۾ وڏو فرق ٿي سگهي ٿو. مثال طور قومي سطح تي، قانون ساز اداري جا ميمبر مخصوص طور تي جوڙيل ڪنهن تڪ مان چونڊجي سگهن ٿا، ٻيءَ صورت ۾ متناسب نمائندگيءَ واري سرشتي تحت، هر پارٽيءَ کي سڄي ملڪ مان ڪنيل ووٽن جي آڌار تي قانون ساز اداري ۾ نمائندگي حاصل ٿي سگهي ٿي. صوبائي ۽ مقامي چونڊون انهن قومي چونڊن جو اولڙو ٿي سگهن ٿيون يا وري چونڊ بدران يڪراءِ واري وڌيڪ غير رسمي طريقي سان پنهنجا عيوضي چونڊي سگهجن ٿا. ڪوبه طريقو اختيار ڪيو وڃي پر هر نمائنده جمهوريت ۾ عوامي عيوضي عوام جي نالي تي پنهنجو عهدو سنڀالين ٿا ۽ هو پنهنجن سمورن عملن واسطي عوام آڏو جوابده رهن ٿا.

## اڪثريت جو راڄ ۽ اقليت جا حق:

سموريون جمهوريتون اهڙا سرشتا آهن جن ۾ شهري آزاداڻي طور اڪثريت راءِ جي آڌار تي سياسي فيصلا ڪندا آهن پر اڪثريت راڄ ضروري ناهي ته ڪو جمهوري به هجي. مثال طور ڪوبه باشعور ماڻهو اهڙي ڪنهن سرشتي کي اتفاق

پريو نہ سڏيندو جنهن ۾ ايڪونجاهہ سيڪڙو آبادي اڪثريت جي ناليءَ ۾ باقي اٺونجاهہ سيڪڙو آباديءَ جو استحصال ڪري.

جمهوري معاشري ۾ اڪثريتي راڄ لازمي طور تي انفرادي انساني حقن جي خاطريءَ سان سلهاڙيل هجي، جنهن تحت نسلي، مذهبي يا سياسي يا وري ڪنهن مخصوص تڪراري قانون سازيءَ تي بحث مباحثي ۾ هارائيندڙ اقليت جي حقن جو تحفظ ڪري سگهجي. اقليتن جا حق اڪثريت جي نيڪ نيتيءَ تي انحصار نٿا ڪن ۽ انهن کي اڪثريت راءِ ذريعي ڇيپائي نٿو سگهجي. جمهوري قانونن ۽ ادارن جي سمورن شهرين جي حقن جو تحفظ ڪرڻ سبب اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو آهي.

جديد جمهوريت جو اهو مجيل وهنوار آهي تہ جڏهن ڪا نمائنده جمهوريت حڪومت جي اختيار کي هڪ حد ۾ رکندڙ ۽ سمورن شهرين جي بنيادي حقن جي ضمانت ڏيندڙ آئين تحت ڪم ڪندي آهي تہ اهڙي حڪومتي انداز کي آئيني جمهوريت سڏيو ويندو آهي. اهڙي معاشري ۾ اڪثريت راڄ ڪندي آهي ۽ اقليتن جا حق قانون ۽ قانون جي بالادستيءَ ذريعي تحفظ ماڻيندا آهن.

اِهي عنصر سمورين جديد جمهوريتن جي بنيادي عنصرن جي اُپٽار ڪن ٿا، پوءِ ڀل انهن جي تاريخ، ثقافت ۽ معيشت ۾ ڪيڏو ئي فرق ڇو نہ هجي. قومن ۽ معاشرن طور پنهنجي وشال فرق جي باوجود آئيني حڪومت جي بنيادي عنصرن يعني فرد ۽ اقليت جي حقن سان اڪثريتي راڄ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ مان ڪيترائي معاشرا وڌندڙ ويجهندڙ جمهوري سرشتي مان لاڀ پرائين ٿا. پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت جو ڪڏهن بہ ڪو تصور نہ رهيو آهي. پاڪستان جي سموري تاريخ جمهوريت ۽ عوام سان هڪ سنگين ۽ توهين آميز مذاق ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

## جمهوري معاشرو:

جمهوريت حڪومتي وهنوار هلائڻ جو تعين ڪندڙ طريقي ڪارن ۽ آئيني ضابطن جي ڳتڪي ڪان مٿانهين شيءِ آهي. جمهوريت ۾ تمام گهڻن ۽ هڪٻئي کان مختلف ادارن، سياسي جماعتن، تنظيمن ۽ انجمنن جي سماجي اُٽت ۾ حڪومت فقط هڪ عنصر آهي. اهو تنوع ڪثرت الوجود سڏبو آهي ۽ اهو

سمجهندو آهي تہ ڪنهن جمهوري معاشري ۾ پنهنجي وجود، حيثيت يا اختيار واسطي ڪيترائي منظم گروهہ ۽ ادارا حڪومت تي ئي انحصار نہ ڪندا آهن.

جمهوري معاشري ۾ هزارين ننڍيون وڏيون خانگي تنظيمون ڪم ڪنديون آهن، ڪي مقامي سطح تي تہ ڪي وري ملڪي ۽ قومي بنيادن تي. انهن مان ڪيترين ئي فردن ۽ ڳنڀير سماجي ۽ حڪومتي ادارن، جن جو هو هڪ حصو آهن، وچ ۾ ٺياڪڙي ڪندي حڪومت کي نہ ڏنل ڪردار نڀائين ٿيون ۽ فردن کي ڪنهن جمهوريت جي شهريءَ طور پنهنجن حقن ۽ ذميوارين کي نڀائڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون. اِهي گروپ سرڪاري عهدن لاءِ اُميدوارن جي حمايت ڪندي، مامرن تي بحث مباحثو ڪري ۽ پاليسيون ٺاهڻ واري عمل تي اثرانداز ٿيڻ وارن انيڪ طريقن سان پنهنجن ميمبرن جي مفادن جي نمائندگي ڪن ٿا. اهڙن گروپن ذريعي فردن کي حڪومت ۽ پنهنجي برادري ٻنهي ۾ بامعنيٰ شرڪت جو هڪ ڏڳ ملي ٿو.

ڪنهن آپيشاهاڻي نظام ۾، اهڙيون لڳ ڀڳ سموريون تنظيمون حڪومتي ڪنٽرول، اجازت، نظرداريءَ هيٺ يا ڪنهن ٻئي طريقي سان جوابده هونديون آهن. جمهوريت ۾ حڪومت جا اختيار قانون ذريعي چٽيءَ طرح واضح ٿيل ۽ انتهائي محدود ٿين ٿا. نتيجي طور خانگي تنظيمون سرڪاري ڪنٽرول کان آجيون هونديون آهن. انهن مان ڪيترين ئي حڪومت سان لهہ وچڙ ۾ ايندڻيون آهن ۽ ان جي عملن تي ڪڙي نظر رکنديون آهن. فن، مذهبي عقيدي تي عمل، علمي تحقيق يا ڪجهہ ٻين معاملن سان واسطو رکندڙ گروپ حڪومت سان نہ هئڻ جوڳو ناتو رکندا آهن. جمهوري معاشري جي انهيءَ مصروف خانگي عمل دخل ۾، شهري رياست جي ڏاڍ ڏمر واري دٻاءُ کان سواءِ آزاديءَ جي امڪان ۽ خود-حڪومتيءَ جا امڪان ڦلهوري سگهن ٿا.

## جمهوريت جا اُصول:

- عوام جي حاڪميتِ اعليٰ
- سماجي ذميواريءَ سان سلهاڙيل انفرادي آزادي
- عوام/ رعيت جي مرضيءَ تي آڌاريل حڪومت
- اڪثريتي راڄ

- اقليت جا حق
- بنيادي انساني حقن جي ضمانت
- آزاد ۽ شفاف چونڊون
- آزاد عدليہ ۽ قانون آڏو سمورن جي هڪ جهڙائي
- قانون جو راڄ
- حڪومت تي آئيني بندشون/ حد بندي
- سماجي، معاشي ۽ سياسي ڪثير الوجودي
- سهپ، اُصول پسندي، سهڪار ۽ سرچاءُ جا قدر
- سجاڳ رعيت تي ٻڌل اَورچ ۽ ذميوار سول سوسائٽي
- آزاد ۽ ذميوار سُڌ سماءُ
- معلومات/ ڄاڻ تائين رسائي

## جمهوريت ۾ ميڊيا جو ڪردار:

سترهين صدي عيسويءَ کان وٺي سُڌ سماءُ جي ڪردار کي عوامي بحث مباحثي لاءِ هڪ فورم ۽ رياست جي چوٿين ٿنڀ طور مڃتا حاصل آهي. هاڻوڪي ڪمزوري، هيجان انگيزي ۽ سطحي انداز ڏانهن لاڙي هوندي بہ سُڌ سماءُ جي عوامي مفادن جي نگهبان هئڻ ۽ حڪومت ۽ رعيت وچ ۾ رابطي جي ڪڙي هئڻ واري ڪردار کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي.

بهرحال، حقيقت اِها آهي تہ جمهوريت ۾ سُڌ سماءُ سدائين مثالي بہ نہ هوندي آهي. سخت قانون، مالڪاڻي هڪ هٽي ۽ ڏاڍ ڏمر جو خطرو ان جي راهہ ڪوٽي ڪندا رهندا آهن. رياستي ڪنٽرول ئي واحد رڪاوٽ ناهي. چٽا پيٽيءَ واري دوُر ۾ سنجيدي رپورٽنگ ڏکيو ڪم آهي جو سطحي ۽ هيجان انگيز انداز اهم بڻيل آهي. ان ڪانسواءِ سُڌ سماءُ کي ڪڏهن ڪڏهن متحارب سياسي گروهن وچ ۾ تڪرارن ۽ اختلافن ۾ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. نتيجي طور سرچاءُ بدران ڏڦير، باوقار بحث مباحثي بدران ڏڪار پريا گفتا ۽ سماجي اعتماد بدران شڪ جا ٻج ڇٽجن ٿا. اهڙين صورتن ۾ سُڌ سماءُ عوامي ترشي ۽ جمهوري زوال ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻجي ٿي. ان هوندي بہ ڪيترين ئي نووارد جمهوريتن ۾ ميڊيا جمهوريت کي سگهارو ۽ پختو بڻائڻ واري پنهنجي ڪردار جي ادائيگيءَ ۾ سرخرو رهي آهي.

تفتيشي صحافت(Investigative Journalism) جيڪا ڪجهه ملڪن ۾ اعليٰ سرڪاري عملدارن جي زوال ۽ بدعنوان حڪومتن جي خاتمي جو سبب بڻي آهي، سُڏ سماءُ کي هڪ اثرائتو ۽ ساک پريو نگران بڻائڻ سان گڏوگڏ عوام ۾ ان جي ساک بهتر بڻائڻ جو سبب پڻ بڻي آهي. ان چاڻ لاءِ سرگرم سُڏ سماءُ ڏانهن عملدارن جي رجوع ڪرڻ ۽ هڪ اهڙو ڪليل ۽ شفاف ڪلچر قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي جنهن جمهوري طور چونڊيل حڪومت کي وڏيڪ پچاڻي جوڳو بڻايو آهي.

جمهوريت ۾ شهرين جي سرگرم شرڪت گهربل هوندي آهي. آدرشي طور، سُڏ سماءُ کي، عوام کي چاڻ ڏيندي، تربيت ڪندي ۽ همٿائيندي حڪومت ڪرڻ جي مامرن ۾ شهرين کي پائيوار بڻائڻ گهرجي. ڪيترين ئي نين جمهوريتن ۾، اخبارن ۽ ٽي وي ءَ ڪانسواءِ ريڊيو پڻ اهم ذريعو بڻيل آهي، جنهن تائين سستي ۽ گهڻي رسائي ٿئي ٿي. ايف ايم ۽ ڪميونٽي ريڊيو مقامي مامرن جي نشريات، سرڪاري چينلن جي ڀيٽ ۾ متبادل معلوماتي ذريعي طور نسلي ۽ ٻوليوار تنوع جي اظهار طور هيٺين سطح تائين جمهوريت جي واڌ ويجهه جو هڪ ڪارائتو ذريعو بڻجي رهيا آهن. نسبتاً گهٽ خرچ، رياستي ڪنٽرول کان آزاد ۽ هڪٻئي سان ڳانڍاپي سبب انٽرنيٽ پڻ اهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

سُڏ سماءُ امن ۽ سماجي سرچاءُ /يڪرائپ پئدا ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ٿي سگهي ٿي، جنهن ڪانسواءِ جمهوريت کي جوکم ٿي سگهن ٿا. سُڏ سماءُ متحارب گروهن لاءِ ٽياڪڙيءَ وارو ڪردار، نمائندگي ۽ آواز فراهم ڪري سگهي ٿي ته جيئن اختلافن کي پُرامن طريقي سان نبيري سگهجي. بدقسمتيءَ سان سُڏ سماءُ ڪڏهن ڪڏهن جانبداري اختيار ڪندي، متڀيد جو مظاهرو ڪندي، حقيقتن سان هٽ چراند ڪندي ۽ اڌ سچ پيش ڪندي اٽڪت جي شعلن تي تيل وجهڻ جو ڪم پڻ ڪيو آهي. ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمن ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي پنيرائيءَ واري "امن واسطي صحافت" درست رپورٽنگ ذريعي سرچاءُ کي همٿائڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، جنهن سان ڪنهن تڪرار ۾ شامل سمورين ڌرين کي پنهنجو مؤقف رکڻ ۽ نبيري لاءِ تشدد جو سهارو نه وٺڻ کي هٿي ملي ٿي.

سُڏ سماءُ جا ذريعا جمهوريت ۾ اوڏي مهل ئي ڪو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا جڏهن ان جي اجازت ڏيندڙ ماحول موجود هجي. انهن کي ترقيءَ ڏانهن

اُسرندڙ جمهوريت لاءِ گهربل گهرائپ واري رپورٽنگ لاءِ ضروري مهارت جي ضرورت رهي ٿي. ان سان گڏوگڏ انهن کي عوام آڏو جوابده بڻائيندڙ ۽ اخلاقي ۽ پيشيوراڻن معيارن کي پڻ مقدم رکڻ گهرجي.

سترهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ فرانسيسي سياسي فيلسوف مونٽيسڪيو خوشامدڙين درٻارين طرفان فرانسيسي بادشاهه کي پيش ڪيل خفيا الزامن خلاف جهيڙيندي تشهير کي اختيارن جي غلط استعمال لاءِ ٻنجو سڏيو. اڳتي هلي ساڳي صديءَ دوران برطانوي ۽ آمريڪي ڏاهن ان ڳالهه سان سهمت ٿيندي عوامي ناراضگيءَ کان سرڪار کي واقف ڪرڻ ۽ حڪومت کي پنهنجون غلطيون ٺيڪ ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ۾ سُڌ سماءَ جي اهميت کي تسليم ڪيو. تڏهن کان وٺي سُڌ سماءُ کي رياست جي "چوٿين ٿنڀ" واري حيثيت حاصل آهي، جمهوريت جو هڪ برابر ٿنڀ جيڪو توازن ۽ نظرداري فراهم ڪري ٿو. جنهن ڪانسواءِ صدين کان سُڌ سماءُ بابت روشن خياليءَ واري نقطءِ نظر جا پرچارڪ پيئي رهيا آهن. ٿامس جيفرسن سُڌ سماءُ طرفان صحافتي تنقيد خلاف پنهنجي ڳالهه رکندي چوي ٿو ته فقط جاڻ جي مٽا سٽا ۽ سُڌ سماءُ ذريعي نقطءِ نظر ڏيڻ سان ئي سچ نکري نروار ٿي سگهي ٿو. ان حوالي سان هو اعلان ٿو ڪري ته، "جيڪڏهن مون کان ان جو فيصلو ڪرايو ويو ته اخبارن ڪانسواءِ حڪومت ۽ حڪومت ڪانسواءِ اخبارن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪريان ته آئون پوئين کي چونڊيندس."

جديد دؤر جون جمهوريتون سُڌ سماءُ جي ساراهه ۾ زمين آسمان هڪ ڪريو ڇڏين. اجوڪي دؤر جي بي انت سُڌ سماءُ جي سطحي ۽ جذبات انگيزي هوندي به ان کي اجان تائين بنيادي جمهوري اوزار طور ڏٺو ٿو وڃي. همعصر جمهوري وهنوار حڪومت کي جوابده بڻائڻ واري لازمي عمل ۾ سُڌ سماءُ جي ڪردار کي مڃتا ڏين ٿا. نين ۽ پراڻين ٻنهي قسمن جي جمهوريتن ۾ وڏي پئماني تي سُڌ سماءُ جي مجموعي تاثر کي بي ضرر ۽ فقط پيش ايندڙ واقعن جو اندراج ڪرڻ بدران ڪرڙي نظرداري ڪندڙ ليکيو وڃي ٿو.

دليل پيش ڪيو ويندو آهي ته عملدارن ۽ ادارن جي ڪمن ڪارين بابت شهرين کي اڻپوري جاڻ هئڻ جي صورت ۾ حڪومتن کي مڪمل طور تي جوابده

نٿو بڻائي سگهجي. ڪرڙي نظر رکندڙ سُٺ سماءُ عوامي مفادن جي نگهبان آهي، جيڪا شهرين کي ڪين نقصان رسائيندڙن بابت آگاهہ ڪري ٿي. اُسرندڙ جمهوريتن ۾ جتي ادارا ڪمزور هجن ۽ سياسي دٻاءُ جو شڪار هجن، هڪ بي ڊپي ۽ اثرائتي نظرداري ڪندڙ وارو ڪردار انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿو. جڏهن پارليامينٽ، عدليہ ۽ ٻيا نظرن کان اوجهل ادارا طاقت آڏو بيوس هجن يا اهي پاڻ بدعنوان هجن تہ پوءِ اڪثر سُٺ سماءُ ئي طاقت جي غير مناسب استعمال خلاف واحد بند ٿئي ٿي. ان لاءِ ڪين سورماڻو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ جوڪمن هوندي بہ صدرن، وزيراعظمن، پارليامينٽ ميمبرن ۽ اعليٰ عملدارن جي غلط عملن کي وائکو ڪرڻو پوندو.

نين جمهوريتن ۾ اُميدون اهي هونديون آهن تہ سُٺ سماءُ هڪ شهري ثقافت ۽ بحث مباحثي جي روايت پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندي، جنهن جو آپيشاهيءَ دؤران تصور بہ نٿي ٿيو. نہ رڳو صحافي پر نوبل انعام يافتہ امرتيہ سين جهڙا ڏاها سُٺ سماءُ کي اُهي پوتر اختيار ڏين ٿا جن جو روشن خيال فلسفين سپنو ڏٺو هو. امرتيہ سين هڪ آزاد سُٺ سماءُ ۾ جاڻ جي آزاداڻي طور تي منتقليءَ جهڙين "شفاف وهنوار جي ضمانتن" جي ضرورت جو هڪ خاڪو پيش ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ "جاڻ ۾ اهم عوامي بحث مباحثا سٺي حڪومتي/ عوامي پاليسيءَ لاءِ اڻٽر اهميت رکن ٿا."

اهي ضمانتون، هو لکي ٿو "بدعنوانين، مالي بدانتظامين ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ معاملا طئي ڪرڻ کي روڪڻ ۾ هڪ واضح ڪردار رکن ٿيون." امرتيہ سين سُٺ سماءُ کي فقط بدعنوانين خلاف نگران ئي نہ پر هاڃن/ تباهين خلاف هڪ بند بہ ليکي ٿو "ڪنهن بہ عملي گهڻ- پارٽي جمهوريت ۾ ڏُڪر نٿو ٿي سگهي."

1990ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن کان امداد ڏيندڙ ملڪ ۽ گهڻ- رُخا ادارا پڻ نہ رڳو ذميوار ۽ پڇاڻي جوڳو حڪومتي وهنوار هلائڻ پر غربت گهٽائڻ، عوامي سگهہ وڌائڻ ۽ قومي سرچاءَ لاءِ سُٺ سماءُ کي هڪ اهم اوزار طور ليکين ٿا. گڏيل قومن جو ترقياتي پروگرام (UNDP) چوي ٿو تہ غربت کي مخاطب ٿيڻ لاءِ رڳو ضرورتمندن تائين معاشي وسيلن جي منتقلي ئي نہ پر غريبن

کي ڄاڻ جي دستيابيءَ کي يقيني بڻائڻ جي به ضرورت آهي ته جيئن هو سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ وڌيڪ با معنيٰ انداز ۾ شريڪ ٿي سگهن.

ڪجهه به هجي، غريب پنهنجن حقن جي ادراڪ تائين انهن جو استعمال نٿا ڪري سگهن. جيڪڏهن هو پنهنجن حقن جي حصول لاءِ قانونن، ضابطن ۽ طريقن يا پنهنجين محرومين جي ازالي لاءِ استعمال ڪري سگهجندڙ وهنوارن کان اڻواقف هوندا ته پوءِ غربت سندن قسمت هوندي. جيڪڏهن غريبن ۽ بيوس ماڻهن کي سرڪاري وهنوار کان ٻاهر رکيو ويندو ته جمهوريت جون پاڙون پختيون نه ٿي سگهنديون. ان ڏس ۾ اهو ئي دليل ڏئي سگهجي ٿو ته رياستي مامرن ۾ حصو وٺڻ جي ضرورت رکندڙ غريب ماڻهن تائين ڄاڻ رسائڻ ۾ اثرائتي سُڌ سماءُ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

قابلِ قبول صورت اِها آهي ته سُڌ سماءُ غربت، صنف يا نسلي يا مذهبي وابستگيءَ سبب پوئتي ڌڪيل ماڻهن جو آواز بڻجي. انهن گروهن لاءِ سُڌ سماءُ ذريعي پنهنجو مؤقف ۽ اهنج بيان ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندي نه رڳو انهن کي وسيع بحث مباحثي جو حصو بڻائي سگهجي ٿو پر سندن خلاف ٿيندڙ زيادتين کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ هڪ سماجي يڪرائپ پيدا ڪرڻ ۾ به حصيدار بڻجي سگهجي ٿو. ان ريت، سُڌ سماءُ سماجي ڇڪتاڻ جي خاتمي ۽ مختلف سماجي گروهن وچ ۾ سرچاءُ کي همٿائڻ ۾ پڻ ياڳي پائيوار ٿي سگهي ٿي.

ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته سُڌ سماءُ جا ذريعا هڪ مواصلاتي اسيمبلي هال يا عوامي اجتماع جو ماڳ آهن، جتان معلومات فراهم ڪندي ۽ عوامي بحث مباحثي لاءِ هڪ فورم مهيا ڪندي سُڌ سماءُ هڪ انوکو ڪردار ادا ڪندي جمهوري عمل ذريعي سڌارن کي ممڪن بڻائي ٿي ۽ ان ريت جمهوري ادارن کي سگهارو ۽ عوامي شرڪت کي ممڪن بڻائي ٿي، جنهن کانسواءِ جمهوريت پاڙيءَ تي قوتي کانسواءِ ڪجهه به ناهي.

## سُڌ سماءُ جي ذريعن کي درپيش رڪاوٽون:

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اُسرندڙ جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ سدائين آدرشي ڪردار واري به نه رهي آهي. يقيني طور تي جمهوريت سُڌ سماءُ لاءِ هڪ وڏي وٿ ۽ سوڪڙي آهي. وڏ کان وڏ آئين سُڌ سماءُ کي آزادي ۽ ڄاڻ جو حق ڏيندي صحافين کي

ماضيءَ ۾ مقدس ڳئون بڻيل مامرن تي رپورٽنگ ڪرڻ جي اجازت ڏئي رهيا آهن. اڄ، 1980ع واري ڏهاڪي کان جمهوري عمل مان لنگهندڙ گهڻي ڀاڱي ملڪن ۾ سُڌ سماءُ سياسي منچ تي هڪ اهم ڀيچي بڻيل آهي. بدعنوان سياستدان صحافين کان ڊڄل رهن ٿا، ڇاڪاڻ جو هو سندن بدعنوانين، اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ بي قاعدگين کي وائکو ڪرڻ ۾ ويرم ئي نٿا لڳائين. هو ايلاز منٿون به ڪن ٿا، ڇاڪاڻ جو سُڌ سماءُ ۾ خراب شهرت سندن سياسي ساک ۽ ڪيريئر کي ختم به ڪري سگهي ٿي. ڪنهن حد تائين سُڌ سماءُ جي ذريعن طرفان ڦاٽ ڦاڙڻ سبب پاليسيون تبديل ٿيون آهن ۽ سُڌارا لاڳو ڪيا ويا آهن، جڏهن ته صدر، وزيراعظم ۽ ٻيا بدعنوان عملدار برطرف پڻ ٿيا آهن. ڪيترين ئي نين جمهوريتن ۾ چٽا ڀيٽيءَ ۾ رُڌل سُڌ سماءُ سياسي عمل جو حصو آهي ۽ ان کانسواءِ حڪومتي ڪاروهنوار هلائڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. پر آئيني ضمانتن ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ وسيع عوامي حمايت هوندي به اُسرندڙ جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ تي سخت قانونن، هڪ هٽيءَ واري مالڪي ۽ ڪڏهن ڪڏهن طاقت جي استعمال وسيلي رنڊڪون/ رڪاوٽون وڌيون ٿيون وڃن. رياستي ڪنٽرول ئي ان ڏس ۾ واحد رنڊڪ/ رڪاوٽ ناهي. سطحي ۽ هيجان انگيزيءَ کي اهميت ڏيندڙ سُڌ سماءُ واري مارڪيٽ ۾ سنجيدي رپورٽنگ هڪ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. اڪثر آمريتن جي زوال کانپوءِ سُڌ سماءُ جو عروج ايندو آهي.

مثال طور 1986ع ۾ فلپائيني صدر مارڪوس جي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ ملڪ ۾ ڪيترين ئي نين اخبارن ۽ ريڊيو اسٽيشنن جنم ورتو ۽ شهرين آزاد سُڌ سماءُ واري جيون ۾ گهارڻ شروع ڪيو. انڊونيشيا ۾ 1998ع دوران صدر سوهارتو جي ٻٽيهه سالن واري راڄ جي خاتمي تي سوين نيون اخبارون جاري ٿيون. انڊونيشيا واسين ان کي "يوفوريائي صحافت" سڏيو. پاڪستان پڻ ان ڏس ۾ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو، جتي 1988ع ۾ آمريت جي خاتمي کانپوءِ نسبتاً پُرجوش ۽ سرگرم سُڌ سماءُ جي باک ڦُٽڻ شروع ٿي. جديد سنڌي ميڊيا جو دؤر به 1985ع کانپوءِ آيو.

يوفوريا (Euphoria) هڪ شاندار شيءِ آهي پر اِهو سدائين سٺي صحافت کي ئي جنم نٿو ڏئي. اهڙو ئي معاملو وچ ايشيا، اوڀر يورپ ۽ اڳوڻي سوويت يونين

جي نين آزاد ٿيل رياستن جو آهي، جتي سُڌ سماءُ جي طوفان جي نتيجي ۾ قائم ٿيندڙ نون ادارن کي هلائڻ لاءِ ماهر صحافين جي اڻهوند جو مسئلو درپيش آهي. اهڙي هيجان جو نتيجو اڪثر سخت چٽا پيٽيءَ واري صورت ۾ به نڪري ٿو جنهن سبب اڪثر سُرخين جي ڊوڙ ۾ گهرائپ ۽ وسعت ڌُڪ ٿيو وڃن.

مارڪيٽ ۾ چٽاپيٽيءَ جو مطلب آهي ته گهٽي پاڳي نين جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ خبرن جي "پرمار"واري عالمي لاڙي آڏو گوڏا کوڙيل آهي. ان جو گهٽو ٽڙو مظاهرو ٽيليويزن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو جتي ڏوهن ۽ تفريح بابت خبرون اُن ڏينهن جي اهم خبرن کي پوئتي ڌڪيو ڇڏين. چلڪندڙ اثر ۽ جهلڪين جيترين خبرن اثرانداز ٿيندڙ مامرن تي گهري ۽ سنجيدي بحث مباحثي لاءِ وقت ئي نه بچايو آهي. سرڪاري عملدارن ۽ شهرين طرفان کين ملندڙ "جاڻ- تفريح" وارين نوعيت جي خبرن تي موٽ ڏيڻ سبب عوامي بحث مباحثو لتجي ويو آهي.

ان کانسواءِ، ڪيترن ئي نيوز رومن ۾، ايستائين جو خود شاهوڪار ملڪن ۾ به، مالي وسيلن جي کوٽ نوس صحافت لاءِ گهربل وقت ۽ وسيلن ۾ سيڙپ جو موقعو ئي نٿي ڏئي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ سُڌ سماءُ جي هڪ نفعي پرئي وهنوار هئڻ جي باوجود ان جا منتظم خبرن بدران ٽيڪنالوجي ۽ اثرن تي رقمون خرچ ڪن ٿا. ان سان گڏوگڏ صحافين کي ترقي مائل جمهوري گهرجن لاءِ سونهون بڻجندڙ تجربي ۽ تربيت جي کوٽ جو مسئلو پڻ درپيش آهي. ان کانسواءِ سُڌ سماءُ جي ذريعن جي مالڪن جا سياسي ۽ مالي مفاد پڻ صحافين جي حقيقتون وائکيون ڪرڻ واري آزاديءَ کي محدود ڪريو وجهن.

ڪيترن ئي ملڪن ۾، آڳرين تي ڳڻڻ جيترا واپاري ۽ سياسي مفاد سُڌ سماءُ جي مالڪيءَ تي هڪ هٽي رکن ٿا. عالمي بئنڪ طرفان 2001ع ۾ ستانوي ملڪن جي ڪيل هڪ اپياس ظاهر ڪيو ته سڄيءَ دنيا ۾ سُڌ سماءُ واري شعبي ۾ هڪ هٽين جو قبضو آهي. ان اپياس موجب، "ستانوي ملڪن واري اسان جي نموني موجب، فقط چار سيڪڙو سُڌ سماءُ جا ادارا وسيع مالڪيءَ ۾ آهن. به سيڪڙو کان به گهٽ ڪٽنبي يا رياستي هڪ هٽيءَ کان سواءِ ڪن ٻين مالڪاڻن ڍانچن تحت آهن ۽ فقط به سيڪڙو ڪارڪنن جي مالڪيءَ ۾ آهن." سراسري طور تي ستونجاهه سيڪڙو اخبارون ڪٽنبي مالڪيءَ هيٺ آهن، جڏهن ته

ٽيليويزن جي حوالي سان اِهو انگ چوٿيهه سيڪڙو آهي. سراسري طور تي رياستون تقريباً اٺٽيهه سيڪڙو اخبارون ۽ سَٺِ سيڪڙو ٽي وي اسٽيشنون پنهنجي ڪنٽرول هيٺ رکن ٿيون. "ريڊيو جي ڏس ۾ رياست پاهتر سيڪڙو پاڻ وٽ رکي ٿي. ان ريت سُڌ سماءُ واري صنعت گهٽي پاڳي انهن ڏرين جي مالڪيءَ هيٺ آهي جيڪي ان مان پنهنجا فائدا/ مفاد/ لاڀ حاصل ڪن ٿيون."

بلاشڪ، سُڌ سماءُ وارن ادارن جا مالڪ، اهڙن ذاتي فائدن جي حصول کان نٽا ڪيپائين. ڪيترين ئي جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ جا منتظمين پنهنجين اخبارن يا نشرياتي ادارن کي پنهنجي واپاري مفادن کي هٿي ڏيڻ، پنهنجن مخالفن کي جهُڪائڻ ۽ بيين لفظن ۾ پنهنجي سياسي يا واپاري ايجنڊا اڳتي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪندا پئي رهيا آهن. ان صورتحال ۾ رياستي هڪ هٿي سرڪاري عملدارن کي تنقيدي رپورٽنگ ڪندڙ ۽ سرڪش اخباري عيوضين کي سوگهو ڪرڻ ۽ ماڻهن تائين سرڪاري مؤقف بنا ڪنهن جهل پل جي پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿي ڪري سُڌ سماءُ جي ادارن جي مالڪن جا مفاد اڪثر پيش ٿيندڙ مواد ۽ تت جو تعين ٿا ڪن ۽ سُڌ سماءُ کي مفاد رکندڙ هٿان هٿ چراند جوڳو بڻائڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا. ان جو نتيجو عوامي لاتعلقي ۽ جمهوري ڏڦير جي صورت ۾ نڪري ٿو.

## سُڌ سماءُ ڪهڙيءَ ريت جمهوريت کي هٿي ڏئي ٿي؟:

ڪيترين ئي جمهوريتن ۾ منديءَ جون قوتون تنگ نظريءَ جو مظاهرو ڪندي عوامي سطح جي سُڌ سماءُ کي للڪارين ٿيون. ان هوندي بہ، ڪيترن ئي ملڪن ۾ خابرو ادارا ۽ سُڌ سماءُ جون غير سرڪاري تنظيمون اُسرندڙ ۽ رڪاوٽن جي شڪار جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ جو مناسب ڪردار واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيون آهن.

## تفتيشي رپورٽنگ : سُڌ سماءُ جو نگرانيءَ وارو ڪردار:

**ڪيس اسٽڊيز:** ان ڏس ۾ سڀ کان اهم ۽ واضح مثال لاطيني آمريڪا مان سامهون اچن ٿا، جتي وڏي پئماني تي تسليم ڪيو ويو آهي تہ بدعنوانين، انساني حقن جي پيچڪڙين ۽ غلط ڪارين جي بيين اندازن بابت پائيدار تفتيشي رپورٽنگ حڪومتن ۾ احتساب وارو وهنوار قائم ڪرڻ ۾ مددگار بڻجڻ سان گڏوگڏ ان کنڊ جون پاڙون پختيون ڪندڙ جمهوريتن کي سگهارو بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. اُتي خاص طور تي وڏن عهدن تي ٿيندڙ بدعنوانين بابت

سُٺ سماءَ طرفان ڦاٽ ڦاڙڻ وارو عمل حڪومتن جي خاتمي جو سبب بڻيو آهي. چٽن صدرن، 1992ع ۾ برازيل جي فرنانڊو ڪولرڊي هيلو 1993ع ۾ وينزويلا جي ڪارلوس اينڊرسن پيريز، 1997ع ۾ ايڪوڊور جي ابدالا بڪارام ۽ 2000ع ۾ البرٽو فيوجي موري جي زوال ۾ بدعنوانين جي وهنوارن ۾ سندن ڪردار بابت خبرن جو وڏو هٿ آهي. اهڙي رپورٽنگ سُٺ سماءَ واري شعبي کي خطي جي نين جمهوريتن ۾ هڪ ساک ڀريو ۽ معتبر ادارو بڻائي ڇڏيو آهي. اثرائتي ۽ آزاداڻي طور تي ڪم ڪرڻ سبب سُٺ سماءَ کي عوامي پنيرائي ۽ اعتماد حاصل آهي.

ڏکڻ اوڀر ايشيا جي نين جمهوريتن ۾ عوامي زندگيءَ ۾ بدعنوانين بابت پائيدار رپورٽنگ بدعنوان اهلڪارن جي برطرفي ۽ سڌارن جي ضرورت بابت عوامي جاڳرتا جو سبب بڻي آهي. فلپائن ۾ اهڙي رپورٽنگ 2000ع دوران صدر جوزف ايسٽيريڊا خلاف داخل ڪيل برطرفيءَ وارن الزامن لاءِ ثبوت فراهم ڪيا ۽ سندس ڏاڍاين خلاف عوامي ڪاوڙ کي دڳ ڏنو. ڪيس جنوري 2001ع ۾ منيلا جي رستن تي عوامي اُڀار سبب عهدي تان برطرف ڪيو ويو.

ٿائيلينڊ ۾ تحقيقي رپورٽن، وزيراعظم ٿاڪسن شناوترا جي مشڪوڪ واپاري وهنوار جا ثبوت پڌرا ڪيا. انڊونيشيا ۾ غلط ڪارين کي وائکو ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ 2001ع دوران پارليامينٽ جي مضبوط اسپيڪر اڪبر تينجنگ سميت ڪيترن ئي اعليٰ عملدارن تي الزام هنيا ويا.

ان ڪاميابيءَ جي ڳري قيمت بہ چڪائڻي پئي آهي. نيويارڪ واري "صحافين جي تحفظ جي ڪميٽيءَ" موجب 1988ع کان 1998ع تائين لاطيني آمريڪا ۾ 117 صحافي قتل ٿيا. فلپائين ۾ 1986ع دوران جمهوريت جي بحاليءَ کان وٺي 36 صحافي قتل ٿي چڪا آهن. ٿائيلينڊ ۽ انڊونيشيا ۾ سرگرم صحافين کي مارڪٽ، ڌمڪائڻ ۽ قتل ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. 2001ع دوران سڄيءَ دنيا ۾ مارجي ويل ڪُل انهٺ صحافين مان پندرنهن ڄڻن جو تعلق بدعنوانين بابت تحقيقي رپورٽنگ سان هو. گهڻي ڀاڱي قتل اهڙن ملڪن ۾ ٿيا آهن جتي قانون جي حڪمراني ڪمزور آهي ۽ عدالتون صحافتي حقن جي تحفظ کان لاچار آهن يا متنفر آهن. عدالتن جي غير ايماندار ۽ سکڻو هئڻ سبب قاتلن کي ورلي ئي

سزا ملي ٿي. سُڌ سماءُ تي پنجوڙ وجهڻ جا خواهشمند، پوءِ پلي اُهي سرڪاري عملدار ڇو نہ هجن، منشيات جي ڪرت ۾ رُڌل ڏريون هجن يا ڏوهن کي تحفظ ڏيڻ يا غير قانوني ڪمن ۾ ملوث دهشتگرد تحريڪون هجن، آزاديءَ سان پنهنجو ڪم ڪندا ٿا رهن. پاڪستان ۾ خاص طور سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي ان جو هڪ مثال آهي.

اِهو بلڪل واضح آهي تہ انتهائي بنيادي سطح تي، آزاد سُڌ سماءُ ۽ تفتيشي صحافت اُن صورت ۾ ئي ممڪن آهي جڏهن صحافين کي ڪنهن حد تائين تحفظ حاصل هجي. اُسرندڙ جمهوريتن کي سُڌ سماءُ جي تحفظ واسطي آئيني ۽ قانوني تحفظ حاصل آهي پر اهو ڪنهن ڊپ ڊاءُ يا هر ڪائڻ ڪانسواءِ سُڌ سماءُ طرفان رپورٽنگ ڪرڻ جي خاطري نٿو ڪرائي. صحافين جا حق هر صورت ۾ آزاد عدليہ تحت قائم ٿين ۽ انهن کي قانون جي حڪمرانيءَ تحت تحفظ حاصل هئڻ گهرجي. لاطيني آمريڪا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ قتل ٿيل صحافين مان ڪيترائي ننڍين شهرن جي مقامي غنڊن جو شڪار بڻيا آهن. جيڪي مقامي آباديءَ کي ان ڪري دهشتزده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا جو ڪمزور رياستون صحافين سميت شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ قانون لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام رهن ٿيون.

ان ڪري ئي سُڌ سماءُ اڪثر ڳڪڙ ۽ بيضي واري صورتحال ۾ ڦاٿل نظر ايندي آهي. ان جي آزاديءَ جي اوسڻائين خاطري نٿي ٿي سگهي جيستائين ٻيا جمهوري ادارا پنهنجو ڪم بهتر طريقي سان نٿا ڪن، پر اِهي ادارا اِهو ڪرڻ کان قاصر آهن، ڇاڪاڻ جو سندن ڪم ڪار تي ڪا آزادانہ نظرداري ناهي، ان جو هڪ سبب پريس کي ڌمڪائڻ ۽ پڪوڙڻ آهي. انهيءَ ڏکيءَ صورتحال ۾ ڏار وجهڻ جو انحصار اڪثر جوکمن جي باوجود سرگرم صحافين تي هوندو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌل صحافين جي ڪا کوٽ ناهي پر منجهائن اڪثر تحقيقي/ تفتيشي رپورٽنگ لاءِ گهربل مهارت يا تربيت کان وانجهيل آهن.

ان ڪانسواءِ سڌ سماءُ جا ادارا بہ تفتيشي صحافت لاءِ گهربل صلاحيتن جي واڌ ويجهہ ۽ تحقيق لاءِ گهربل وقت ۽ وسيلن ۾ سيڙپ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. اهڙي صحافت سُڌ سماءُ جي ادارن جي مالڪن ۽ واپار ۽ سياست جي مٿانهين سطح تي موجود سندن دوستن وچ ۾ ناتن جي ڦيتاڙي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. سُڌ سماءُ

جي ادارن جا مالڪ سوچيندا آهن ته ڦاٽ ڦاڙيندڙ رپورٽون سندن اشتهارن ۾ ڪٽوتيءَ جو سبب پڻ بڻجي سگهن ٿيون.

انهن رڪاوٽن جي پيش نظر سُٺ سماءُ جي آزاد مارڪيٽ ۾ تفتيشي صحافت جي اڳتي وڪ وڌائڻ جو واحد رستو اهو واضح ڪرڻ آهي ته انهن ذريعي اخبارن ۽ خابرو پروگرامن جو وڪرو ٿي سگهي ٿو ۽ سنجيدي رپورٽنگ لاءِ ڏسندڙ ۽ پڙهندڙ موجود آهن. سچ اهو آهي ته ڪيترن ئي ملڪن ۾، تفتيشي رپورٽون آمدنيءَ ۾ اضافي جو سبب ٿيون بڻجن. اهي وڏي پئماني تي عوامي ردعمل ٿيون پيدا ڪن ۽ خابرو ادارن کي مڃتا ٿيون ڏيارين. بنيادي شرط ۽ عنصر اهو ئي آهي ته قيمت ۽ جوکمن جي باوجود ان ۾ سيڙپ ۽ پهل لاءِ نيوز رومن کي راضي ڪجي.

انهن کي سهمت ڪرڻ جو هڪ طريقو ڏسندڙن/ پڙهندڙن جي وڌندڙ تعداد، نالي سان مڃتا يا پيشيوراڻي ساک طور کين موٽ ملڻ وارو آهي. اهڙي رپورٽنگ لاءِ ايوارڊ وغيره به ان لاڙي کي همٿائڻ جو هڪ رستو آهي. خبرداريءَ سان تحقيق ڪيل، تمام گهڻو اثرانداز ٿيندڙ رپورٽون سُٺ سماءُ جي ساک ناهڻ ۽ عوامي حمايت پئدا ڪرڻ ۾ مددگار بڻجي سگهن ٿيون.

صحافين طرفان غير مناسب ورتاءُ ۽ ڏاڍاين کي وائکو ڪندي عوامي سيوا جو مظاهرو ڪرڻ سان پريس جو ادارو مضبوط ٿي سگهي ٿو. طاقت جي استعمال يا ڪنهن بي رڪاوٽ جي صورت ۾ ساک رکندڙ سُٺ سماءُ کي ئي عوامي پنيرائي حاصل ٿي سگهي ٿي. اها حمايت صحافين طرفان اُڇاتري ۽ هيجان انگيزيءَ تي پنهنجي آزادي ۽ ساک ڏُڦ ڪرڻ جي صورت ۾ حاصل نٿي ٿي سگهي. ان ڪانسواءِ ڄاڻ جي حصول لاءِ هڻ هٽان ڪندي، حڪومت ۽ خانگي شعبي تي دستاويز ظاهر ڪرڻ لاءِ زور پريندي ۽ واسطيدار عملدارن ۽ ٻين بااثر فردن تي تُزي تيز سوالن جي بوڇاڙ ڪندي صحافي اشاعت يا نشريات لاءِ ممڪنات جون حدون وسيع ڪري سگهن ٿا.

ساڳئي وقت کين عملدارن کي ڄاڻ لاءِ سرگرم سُٺ سماءُ جو پڻ عادي بڻائڻو ٿو پوي، ان ريت عملدار سمجهن ٿا ته ڄاڻ ظاهر ڪرڻ ۾ دراصل حڪومت جو ئي فائدو آهي. سرڪاري ڄاڻ جي آزاداڻي وهڪري کان سواءِ صحافي غلط بياني، افواهه ۽ قياسائي رپورٽون ڪري سگهندا، جنهن جو ڪنهن کي به فائدو نه ٿيندو. ان ۾ وقت لڳي سگهي ٿو پر عملدارن کي ان سان سهمت ٿيڻو پوندو ته ڄاڻ رکندڙ

شهري بهتر شهري ثابت ٿين ٿا. پوءِ پل ان عمل دوران حڪومت سُٺ سماءُ هٿان حملي جو شڪار ٿي چو نہ هجي. هر حڪومت ۾، پوءِ اهل پل ڪيتري ئي بدعنوان يا آپيشاهاڻي چو نہ هجي، سڌارن وارو ذهن رکندڙ عملدار ۽ ڪامورا ضرور هوندا آهن. جيڪي صحافين جي ڪردار کي ساراهيندي چاڻ پڌري ڪرڻ ۾ سهڪار لاءِ تيار هوندا آهن.

وسيع تناظر ۾ ڏسجي تہ صحافين ۽ عملدارن وچ ۾ مستقل ڏي وٺ اُپٽار/ انڪشاف وارو لاڙو ۽ روايت قائم ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي. تفتيشي صحافت ۾ پرانگهہ پرڻ جو هڪ طريقو رپورٽنگ جي ٽيڪنيڪن سان گڏوگڏ مالياتي گوشوارا پڙهڻ، انگ اکر جوڙڻ ۽ انٽرنيٽ تان تحقيق بابت خاص تربيتون پرائڻ آهي. ڪيترائي قومي ۽ عالمي سُٺ سماءُ جا ادارا اهڙيون تربيتون شروع ڪرائي رهيا آهن. تفتيشي صحافين لاءِ دستي ڪتابن، جن ۾ ڪين گهربل دستاويزن جي موجودگيءَ جي ماڳن بابت اشارا ڏنل هجن، پڻ صحافين کي سندن تحقيق لاءِ گهربل عنصرن سان ليس ڪري سگهن ٿا.

## سُٺ سماءُ جو معلوماتي عنصر ۽ بحث مباحثي جي هڪ فورم طور ڪردار:

ڪنهن حقيقي جمهوري معاشري کي شهرين جي سڀ طرفي شرڪت گهربل هوندي آهي. جيڪڏهن اهي پنهنجو ڪم ٺيڪ طريقي سان ڪندا ٿا رهن تہ سُٺ سماءُ شهرين کي حڪومتي ڪمن ۾ مصروف رکندي ڪين عمل لاءِ همٿائي سگهي ٿي. چاڻ جي ترسيل جي هڪ اوزار طور، سُٺ سماءُ ڪنهن کي ووٽ ڏجي ۽ ڪهڙين پاليسين جي پنيرائي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙين جي مخالفت جهڙا فيصلا ڪرڻ ۾ عوام جي مدد ڪري سگهي ٿي.

اُصولي طور تي اخبارون، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جا عوامي مامرن وارا پروگرام ماڻهن کي چاڻ ڏيندا آهن. سندن تربيت ڪندا آهن ۽ ڪين مشغول رکندا آهن. بهر صورت، ڪيترين ئي جمهوريتن ۾ سُٺ سماءُ جو ڪردار هيل تائين غير هموار رهيو آهي. پنهنجي مارڪيٽ جي پيش نظر يا رياست آڏو گوڏا کوڙڻ سبب سُٺ سماءُ پنهنجي شهري ذميواري پوري ڪرڻ ۾ اڪثر ڪجهہ پُٺيرو رهي آهي ۽ عوامي روشن خياليءَ بدران شهري ناخواندگيءَ جو سبب بڻي آهي.

چونڊون هڪ اهم جمهوري مشق آهن، جنهن ۾ سُٺ سماءُ منفي ۽ مثبت ٻنهي قسمن جا اثر وجهي سگهي ٿي. معاشري جي وڌيڪ جديد ٿيڻ ۽ سُٺ سماءُ جي وڌيڪ سرگرم هئڻ سبب چونڊن واري عمل تي روايتي وهنوارن، جماعتن ۽ ادارن جو اثر رسوخ گهٽجي رهيو آهي. ان بدران اميدوار ۽ جماعتون پنهنجي اپيل ۽ پيغام جي ڦهلاءُ لاءِ سُٺ سماءُ جي ذريعن جو استعمال ڪري رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي ملڪن ۾ چونڊن وارو عمل انتهائي مهانگو ٿي ويو آهي. ٽي وي ۽ اخبارن جا اشتهار انتهائي مهانگا آهن ۽ هاڻ چونڊ مهم جي خرچ جو وڏو حصو انهن تي ئي خرچ ٿئي ٿو.

وڌيڪ پئسي وارا اُميدوار ٽي وي/ ريڊيو جو وقت ۽ اخباري جاءِ خريد ڪرڻ سبب عهدي لاءِ ووٽ حاصل ڪرڻ جو وڌيڪ امڪان رکن ٿا. ڪجهه ملڪن ۾، اميدوار صحافين ۽ رپورٽرن کي رشوتون پڻ آڇين ٿا، جيڪي مختلف طريقن سان سندن اُميدواريءَ جي حمايت ڪن ٿا. سُٺ سماءُ جي ادارن تي ٻڌل چونڊ مهم ضروري ناهي تہ ووٽر جي جاڻ ۽ شعور وڌائڻ جو سبب بڻجي. ان ڏس ۾ آمريڪي چونڊن کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو جن جي ڪيترين ئي نين جمهوريتن ۾ پوئواري ڪئي وڃي ٿي. اُتي ٽي ويءَ تي ٻُڌل اشتهاري مهم ڪنهن جوڳي انداز ۽ گهرائپ بدران ٺاهہ ٺوهہ ۽ صورتي ۽ نشري اثرن تي ٻڌل هوندي آهي. اُميدوار پنهنجن ووٽرن جي مد مقابل ٿيندا آهن، جن جي چونڊ اڪثر ان تي انحصار ڪندي آهي تہ اُميدوار پنهنجو پاڻ کي اسڪرين تي ڪهڙي نموني ٿا پيش ڪن. ان هوندي بہ نين جمهوريتن ۾ سُٺ سماءُ جا ذريعا چونڊن بابت عوامي تعليم ۽ تربيت ۾ پاڳي پائيوار ضرور بڻجن ٿا.

ڪيترين ئي نين جمهوريتن ۾، ريڊيو هڪ اهم ذريعو بڻجي رهيو آهي، جيڪو شهرين کي بحث مباحثي ڪرڻ ۾ اخبارن جي جاءِ والاري رهيو آهي. ٽي ويءَ جي ڀيٽ ۾ ريڊيو گهٽ مهانگو ۽ وڌيڪ رسائي رکندڙ آهي ۽ غريب ملڪن ۾ خاص طور تي مڃتا ماڻيل آهي، جتي سُٺ سماءُ جو مجموعي ڍانچو اڃان تائين پير پختا نہ ڪري سگهيو آهي.

## سُٺ سماءُ جو امن ۽ يڪرائپ پئدا ڪندڙ ڪردار:

ڏڦير ۽ تشدد جي شڪار ملڪن ۾ جمهوريت وڌي ويجهي نٿي سگهي. آدرشي طور تي، جمهوريت ڪي متحارب گروهن لاءِ ڳالهه ٻولهه، نمائندگي ۽ آواز رسائڻ لاءِ وهنوار مهيا ڪرڻ گهرجن تہ جيئن هو پنهنجا اختلاف پرامن طريقي سان نبيري سگهن. لاڳيتو تشدد ۽ ڏڦيڙ جي للڪار رهي تہ جمهوريت ڪي خطرو لاحق ٿي پوندو. هيل تائين جي تجربن ثابت ڪيو آهي تہ سُڌ سماءُ تڪرارن ۾ اڻ ڏريو ڪردار ادا نہ ڪيو آهي. ڪيترن ئي مامرن ۾ ان مخصوص ڌرين جي حمايت ڪندي، مت ڀيد جو اظهار ڪندي، حقيقتن سان هٽ چراند ڪندي ۽ اڌ سچ اڳتي وڌائيندي ٻرنديءَ تي تيل وجهڻ جو ڪم ڪيو آهي.

سُڌ سماءُ ڪي تڪرارن جي سببن جي اُپٽار ڪرڻ ڪانسواءِ ئي تشدد ڪي هيجان انگيزيءَ سان پيش ڪرڻ سبب بہ تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي. نقادن جو چوڻ آهي تہ ويڙهہ پڙڪائيندڙن ڪي مڪمل رپورٽ ڪندي سُڌ سماءُ امن امان قائم ڪندڙ ڪاوشن ڪي نظرانداز ڪري ٿي. ڪجهہ مامرن ۾ ان ڏڪار پريون ڳالهيون ڪندي تشدد ڪي همٿايو آهي. تڪرارن واري صورتحال ۾ سُڌ سماءُ جي اهم ۽ ڳنڀير ڪردار جي پيش نظر ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمن صحافين ڪي "امن واسطي صحافت" لاءِ تربيت ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جيڪا ڪنهن تڪرار جي سمورين ڌرين ڪي موقعو ڏيڻ ۽ تشدد ڪي پڙڪائڻ خلاف بند ٻڌڻ ذريعي خبردار رپورٽنگ ڪندي سرچاءُ ڪي همٿائي ٿي.

امن لاءِ صحافت تشدد تي غير ضروري ڌيان ڏيڻ کان پاسو ڪري ٿي، ان بدران اِها تڪرار جي ٻنهي ڌرين تي ويڙهہ جي پوندڙ اُگرن اثرن ڪي سامهون آڻيندي اختلاف ختم ڪرڻ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪري ٿي. امن لاءِ صحافت ڪي ويڙهہ/ تڪرار ۾ وچڙيل مختلف مذهبي يا نسلي گروهن سان تعلق رکندڙ صحافين سميت تڪرارن جي رپورٽنگ ڪندڙ صحافين جي تربيت ذريعي هٿي ڏني وڃي ٿي.

## ڪارائتيون سفارشون ۽ عمل واسطي ڪجهہ انومان:

جيڪڏهن سُڌ سماءُ جي حقن ڪي تحفظ حاصل آهي تہ اِها جمهوريت جي مضبوطيءَ ۾ پنهنجي پوري سَتَ سان ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي ٿي. ان ڪانسواءِ صحافين ڪي جمهوريت لاءِ گهربل پيشہ ورانہ رپورٽنگ جي مهارت حاصل ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي. سُڌ سماءُ جي انتهائي سگهارو هئڻ ڪري، ڪي اهڙا وهنوار

ضرور هئڻ گهرجن جيڪي ان ڪي عوام آڏو پڇاڻي جوڳو بڻائين ۽ اخلاقي ۽ پيشيوراڻن معيارن کي مٿاهين حيثيت ڏين.

سُڌ سماءُ جي آزاديءَ جي ان صورت ۾ خاطري ٿي سگهي ٿي جڏهن ان جا ادارا مالي لحاظ کان پنهنجن پيرن تي بيٺل، مالڪن جي مداخلت کان آجا ۽ چٽا پيتيءَ واري ماحول ۾ ڪم ڪندا هجن. ان ڪانسواءِ سُڌ سماءُ جي سگهه ان صورت ۾ وڌي سگهي ٿي جڏهن ان جي معاشري ۾ وسيع رسائي هجي ۽ موٽ ۾ ان کان مدد ملي سگهي.

جيڪڏهن معاشري جي وڏن حصن کي سُڌ سماءُ تائين رسائي ناهي ۽ اهي عوامي بحث مباحثي واري وايومنڊل کان ڌار ٿيل آهن ته اهو جمهوريت لاءِ هاڃو ٿيندو. جمهوريت کي پختو ڪرڻ ۽ سُڌ سماءُ کي جمهوري اداري طور سگهارو بڻائڻ لاءِ جوڳو ماحول پيدا ڪرڻ واسطي مختلف پهل ڪارين ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن.

**(الف) صحافين جو تحفظ:**

ڪيترين ئي اُسرندڙ جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ سگهارن گروهن ۽ فردن جي ڏاڍاين جو نشانو بڻجي ٿي، جن کي ہوٺاڙو چڙهيل سُڌ سماءُ مان ئي فائدو ٿي سگهي ٿو. صحافين کي سندن حقن جي ضمانت ڏيندڙ قانونن ذريعي تحفظ ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪيترين ئي جمهوريتن ۾، بينڪيتي ۽ آپيشاهي ماضيءَ سان تعلق رکندڙ ڪارا قانون سرڪاري ڄاڻ تائين رسائيءَ تي پابنديون مڙهين ٿا ۽ سُڌ سماءُ جي ادارن لاءِ اجازت ناما/ لائسنس حاصل ڪرڻ واري عمل تي سخت ضابطا لاڳو ڪن ٿا.

اهڙن قانونن جو خاتمو ۽ وڌيڪ معتدل قانونن جو نفاذ سُڌ سماءُ تي خوشگوار اثر وجهي سگهي ٿو. ساڳيو ئي اثر صحافين جي حقن جي حفاظت ڪندڙ ۽ ڪين نقصان رسائيندڙن کي سزا ڏيندڙ ڪورٽن لاءِ عدالتي ۽ قانوني سُڌارا به آڻي سگهي ٿو. ڪيترن ئي ملڪن ۾ صحافتي/ سُڌ سماءُ جي تنظيمن صحافين خلاف ڪارروايُن خلاف نگراني، احتجاج ۽ عوامي ردعمل سامهون آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن به ناموسيءَ خلاف بچاءُ واسطي رقمون جمع ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي آهي. جسماني حملي جي جوکم جي شڪار صحافين لاءِ پناهه فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ عملدارن ۽ واسطيدار ڌرين سان اعليٰ سطحي ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي آهي.

**(ب) سُڌ سماءُ جي احتساب کي هٿي ڏيڻ:**

جمهوري اداري طور سُڌ سماءُ جي ساک اُن صورت ۾ بهتر ٿي سگهي ٿي جڏهن اِها عوام آڏو جوابده هجي، پنهنجون غلطيون تسليم ڪري ۽ اخلاقي ۽ پيشيوراڻن معيارن کي مٿانهون رکي. هيجان انگيز ۽ ڌُڪ تي بندوق ڇوڙيندڙ سُڌ سماءُ ڏاهپ ڀري بحث مباحثي ۾ ڀاڱي ڀائيوار نٿي بڻجي ۽ اِها سگهو ئي عوامي حمايت وڃايو ويهي.

ڪيترين ئي جمهوريتن ۾، سُڌ سماءُ جي عيوضين تي ٻڌل پريس ۽ براڊ ڪاسٽنگ ڪائونسلن اخلاقي معيار ۽ ضابطي اخلاق لاڳو ڪرڻ ۾ اڳڀرائي ڪئي آهي. اهي ڪائونسلون عوام ۽ سُڌسماءُ وچ ۾ ٽياڪڙي ڪن ٿيون. انهن مان ڪي غلطيون ڪندڙ خابرو ادارن خلاف شڪايتون ٻُڌي پابنديون پڻ مڙهين ٿيون. اِهي تنظيمون نـ رڳو صحافين جي تحفظ پر اخلاقي معيار بهتر بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. آزاد سُڌ سماءُ نگران ۽ صحافتي جائزا سُڌ سماءُ جي ڪارڪردگي جاچيندي غير اخلاقي عمل کي وائکو ڪندي ۽ سُڌ سماءُ جي ڪم ڪار بابت عوامي بحث مباحثا منظم ڪري سُڌ سماءُ جي احتساب جي ڏس ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن ٿا. سينٽر فار سِوڪ ايجوڪيشن پاڪستان ملڪ ۾ سُڌ سماءُ جي جائزي واري اهڙي مشق شروع ڪئي آهي، جيڪا يقيني طور تي جمهوريت جي صحت ۽ سُڌ سماءُ جي ڪردار جي تعين جي حوالي سان ڏور رس اثر ڇڏيندي.

ڪيترن ئي ملڪن ۾ عورت تنظيمن طرفان اهڙيون ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن جيڪي سُڌ سماءُ ۾ عورتن جي معاملن تي رپورٽنگ جو جائزو وٺن ٿيون. معاشري جي نظرداري ڪندڙ (سُڌ سماءُ) تي نظرداريءَ واري آزاداڻي ڪوشش، مجموعي طور تي سُڌ سماءُ کي عوامي احساسن ڏانهن وڌيڪ حساس ۽ پيشيوراڻي ورتاءُ ۾ خامين ڪوتين ڏانهن وڌيڪ خبردار بڻايو آهي. موٽ ۾ سُڌ سماءُ هڪ وڌيڪ اثرائتي نظرداري ڪندڙ ۽ عوامي بحث مباحثي جي فورم طور سامهون اچي ٿي.

**(پ) سُڌ سماءُ جي اهليت پيدا ڪرڻ:**

1980ع واري ڏهاڪي کان جمهوري عمل مان لنگهندڙ تقريباً سمورن ملڪن ۾ اِها وڏي پيماني تي تسليم ڪيو ٿو وڃي تـ سُڌ سماءُ جي ترقيءَ جي راهـ ڪوتي ڪندڙ هڪ اهم عنصر مهارتن جي کوٽ آهي. آمريتن جي مڙهيل پابندين ۽ رڪاوٽن مان آجپو حاصل ڪيل اخبارون ۽ نشرياتي ادارا جمهوريت بابت

رپورٽنگ ڪرڻ لاءِ نين مهارتن ۽ نئين نڪور اهليتن جي ضرورت محسوس ڪن ٿا. فقط آزادي ئي ڪافي ناهي. صحافين کي فقط پريس رليزن، پريس ڪانفرنسن ۽ سُڌ سماءُ واري وزارتن تي انحصار ڪان اڳتي وڌڻو پوندو. ڪين گهرائپ ۾ ڏاهپ سان لکڻ سکڻ سان گڏوگڏ انيڪ شعبن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻو پوندو.

نيوز روم تربيت ڪيترين ئي نين جمهوريتن ۾ ناپيد آهي. ڪڏهن ڪڏهن سُڌ سماءُ جا ادارا، يونيورسٽيون ۽ سُڌ سماءُ سان تعلق رکندڙ غير سرڪاري تنظيمون پيشيوراڻي سُڌ سماءُ لاءِ تربيت واسطي غير مناسب صحافين کي چونڊيين ٿيون ۽ نيوز روم بہ اڪثر پنهنجين صفن ۾ رپورٽنگ واري صلاحيتن جي واڌ ويجهہ کي خاطريءَ لاءِ پنهنجين ذميوارين کان مُنهن ٿا موڙين.

**(ت) سُڌ سماءُ ۽ رسائيءَ جي ذريعن کي جمهوري بڻائڻ:**

سُڌ سماءُ اوڏي مهل ئي اثرائتي بڻجي سگهي ٿي جڏهن اِها آباديءَ جي وڏي حصي جي رسائيءَ ۾ هجي. ٻيءَ صورت ۾ سماجي شعبن جي چني ڏار ڪيل عنصرن ۾ اضافي جو سبب بڻبي، جن جي سُڌ سماءُ جي ذريعن تائين رسائي آهي ۽ نہ ئي وري دولت ۽ اقتدار جي مرڪزن تائين.

غريب ۽ ڏورانهن علائقن يا آدي واسين جهڙين برادرين جي رهائشي علائقن ۾ مقامي سُڌ سماءُ ۽ ڪميونٽيءَ کي مراعتون/ رعايتون ڏيڻ سميت رسائيءَ کي جمهوري بنياد ان ڏس ۾ بنيادي ڪم ٿي سگهن ٿا. غريب آباديءَ کي ڪميونٽي ريڊيو يا ڪمپيوٽر خريد ڪري انٽرنيٽ ذريعي  چاڻ تائين رسائي ماڻڻ لاءِ رعايتون ڏيڻ سان آباديءَ جي مختلف حصن ۾ فرق گهٽائي سگهجي ٿو.

اخبارون خريد ڪري نہ سگهندڙ  آباديءَ واسطي سرڪاري لائبريريون اخبارن جي پڙهندڙن جو دائرو وسيع ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون. سُڌ سماءُ کي معاشري جي هڪ وسيع حصي لاءِ موجود  بڻائڻ سان سماجي اڻ برابري گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ ان ريت شهري حڪومتي مامرن ۾ وڌيڪ بامعنيٰ شرڪت ڪري پنهنجو آواز اڳتي وڌائي سگهن ٿا.

باب پيو

# سُٺي حڪمرانيءَ جو ادراڪ ۽ ميڊيا جو ڪردار

همعصر ترقياتي ڳالهه ٻولهه ۾ "حڪمراني" ۽ "سٺي حڪمرانيءَ" جا اصطلاح تمام گهڻو استعمال ٿين ٿا. خراب/ اڻنگي حڪمرانيءَ کي اسانجن معاشرن ۾ سمورين برائين ۾ اهم سببن مان هڪ ليکيو ويندو آهي. اهم سهائتاڪار ۽ عالمي مالياتي ادارا پنهنجي امداد ۽ قرض کي "سٺي حڪمرانيءَ" سان مشروط ڪري رهيا آهن.

پاڪستان جي معاملي ۾ پڻ، عالمي بينڪنگ ۽ مالياتي ادارا پنهنجي امداد کي واضح طور تي "سٺي حڪمراني" ۽ "شفاف انداز" سان مشروط ڪري رهيا آهن. هن باب ۾ "حڪمرانيءَ" ۽ "سٺي حڪمرانيءَ" جو سولو مفهوم واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## سٺي حڪمراني ڇا آهي؟

"حڪمرانيءَ" جو تصور ڪو نئون ناهي, اهو انساني سڀيتا وانگر ئي پراڻو آهي. سادي سودي طور ڇئي سگهجي ٿو تہ "حڪمرانيءَ" جو مطلب آهي فيصلا ڪرڻ وارو عمل ۽ انهن فيصلن تي عمل ڪرائڻ يا نہ ڪرائڻ جو وهنوار. ان کي

ڪيترن ئي حوالن سان استعمال ڪري سگهجي ٿو جهڙوڪ واپاري انتظام، عالمي نظام، قومي انتظام ۽ مقامي انتظام.

ان جي فيصلا ڪرڻ واري عمل ۽ انهن فيصلن تي عمل ڪرائڻ واري وهنوار سان تعلق هئڻ سبب ان جو تعلق فيصلا ڪندڙ ۽ فيصلا لاڳو ڪرائيندڙ رسمي ۽غير رسمي ڌرين ۽ فيصلا ڪندڙ ۽ انهن تي عمل ڪرائيندڙ ڍانچن سان آهي.

حڪومت حڪمرانيءَ ۾ هڪ ڌر آهي. ٻيون ڌريون مختلف ٿي سگهن ٿيون، جنهن جو تعلق بحث هيٺ حڪومتي سطح سان ٿئي ٿو مثال طور ڳوٺاڻن علائقن ۾ ٻين ڌرين ۾ بااثر زميندار، هارين/ آبادگارن جون تنظيمون، ڪوآپريٽو غير سرڪاري تنظيمون، تحقيقي ادارا، مذهبي اڳواڻ، مالياتي ادارا، سياسي جماعتون، فوج وغيره ٿي سگهن ٿيون. شهري علائقن ۾ صورتحال تمام گهڻي ڳنڀير ٿئي ٿي. اڳتي ڏنل جدول نمبر 1 شهري انتظام ۾ شامل ڌرين وچ ۾ تعلق کي واضح ڪري ٿي. قومي سطح تي مٿين ڌرين کان سواءِ، سڌ سماءُ، لابي ڪندڙ عالمي سهائتاڪار، گهڻ قومي ڪمپنيون وغيره فيصلو ڪرڻ يا ان تي عمل درآمد واري عمل ۾ اثرانداز ٿي سگهن ٿيون.

حڪومت ۽ فوج کانسواءِ باقي سمورين ڌرين کي ”سول سوسائٽي“ سڏيو ويندو آهي. ڪجهه ملڪن ۾ سول سوسائٽيءَ کانسواءِ منظم ڏوهاري جٿا پڻ خاص طور تي شهري علائقن ۾ ۽ قومي سطح تي فيصلا ڪرڻ واري عمل تي اثرانداز ٿين ٿا. ساڳيءَ ريت رسمي سرڪاري ڍانچا انهن فيصلن تي پهچڻ ۽ انهن تي عمل جو هڪ ذريعو آهي، جيڪا ڪنهن بہ معاشري لاءِ هڪ خطرناڪ ڳالهه آهي.

شهري علائقن ۾ ”لينڊ مافيا“ جهڙا منظم ڏوهاري جٿا فيصلا ڪرڻ واري عمل تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. ڪجهه ڳوٺاڻن علائقن ۾، مقامي طور تي طاقتور ۽ بااثر ڪٽنب فيصلا ڪرڻ يا انهن تي عمل ۾ اثر انداز ٿي سگهن ٿا. اهڙا غير رسمي فيصلا اڪثر بدعنوانين جو نتيجو هوندا آهن يا بدعنوانين جي راهہ هموار ڪندا آهن.

## جدول نمبر 1 شهري ڌريون:

## راڄنيتي، سياست ۽ پاليسي:

راڄنيتي، سياست ۽ پاليسيءَ وارين ٽن ايراضين کي هڪ اهم حيثيت حاصل آهي. سڀ کان پهرين سياست کي هڪ ادارتي درجو حاصل آهي، جنهن

جو تعين آئين، قانوني سرشتو ۽ سياسي ادارا ڪن ٿا. ڪنهن سياسي اداري جي جوڙجڪ ۾ ڪتب ايندڙ اُصول پڻ چونڊبن، بنيادي حقن، راءِ، جماعتن ۽ انجمنن جي آزاديءَ جهڙن ادارن ذريعي دڳ ماڻين ٿا. سياسي عمل جي انهيءَ ادارتي انداز لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ "راڄنيتي" آهي.

راڄنيتيءَ مان مراد عمل ڪي باضابطي ڍنگ ڏيندڙ طريقي ۽ سياسي ادارن جي وهنوارن جو ڍانچو ليکجندڙ سياست جو رسمي انداز آهي. سياسي مقصدن، ڪمن ۽ مامرن جو اظهار ڪندڙ سياست جي ست تي ٻڌل انداز راڄنيتي آهي. سياست تي ٻڌل ڍانچي ۾ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو ويندڙ رستي جو دارومدار مفادن تي ٿئي ٿو. اهو پهلو ست پريو سياسي ڍانچو جوڙڻ جي حوالي سان اٽڪلن لاءِ گنجائش فراهم ڪري ٿو. پاليسي، سياست جي هڪ ست پرئي پهلوءَ طور جمهوري ادارن طرفان ڪيل فيصلن تي انحصار ڪندڙ انتظامي سرشتي ذريعي مسئلا حل ڪرڻ ۽ مقصد ماڻڻ متعلق آهي. مخالف ڌر جون جماعتون حڪومتي پاليسين جو تنقيدي تجزيو ڪندي ۽ متبادل رٿيندي اهو ڪردار نڀائين ٿيون.

ٽين ڳالهه ته سياست جو هڪ سرشتي وار پهلو آهي، جيڪو ٽڪراءَ ۽ يڪرائپ ذريعي مفادن ڪي دڳ ڏيڻ جو هدف رکي ٿو. ڪوبه سياسي ارادو يا مؤقف قائم ڪرڻ هڪ لاڳيتو عمل آهي ۽ ان کي الڳ سان ادارتي يا ست پرئي پهلوئن جي اپياس سان سمجهي نٿو سگهجي. سياسي عمل جو ٽيون پهلو "سياست" طور سڃاتو وڃي ٿو. سياست جو مطلب آهي سرشتي وار پهلو يا اجان ايئن چئجي ته فيصلي سازيءَ جا عمل، ٽڪرائن جو نبيرو، مقصدن ۽ مفادن جو نفاذ. جڏهن انهن ٽنهي پهلوئن کي ميڙي مُٽ ڪيو ٿو وڃي ته ان کي سياست طور بيان ڪري سگهجي ٿو.

## پاليسيءَ جو چرخو:

پاليسيءَ جو چرخو پاليسيءَ جو تجزيو ڪرڻ واري علم مان اُسريو آهي ۽ اهو ان ادراڪ تي ٻڌل آهي، جنهن تحت عام معمول وارين حالتن ۾، پاليسين ٺاهڻ واري عمل جي مختلف مرحلن (ڏسو هيٺين جدول) ۾ فرق ڪري سگهجي ٿو.

- سياست جو علم سيکارڻ: پاليسيءَ جو چرخو:
- مسئلي جي اُپٽار
- ايجنڊا طئي ڪرڻ

- پاليسي جوڙڻ
- عمل درآمد
- پاليسيءَ جي نظرثاني
- پاليسيءَ جو خاتمو

معاشري جي ڪن گروهن طرفان مطالبا ڪرڻ سبب عوام ڪنهن مامري کان مسئلي طور آگاهه ٿئي ٿو هاڻ ان جي حل ڪرڻ يا لاڳو ڪرڻ لاءِ اُپاءُ وٺڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. اهو مسئلو بعد ۾ سياسي فيصلي ساز ايجنڊا جو حصو بڻجي ٿو يعني ان مسئلي کي ڪير ۽ ڪهڙيءَ ريت منهن ڏيندو جي حوالي سان فيصلو ڪيو ويندو آهي، ان کي ايجنڊا طئي ڪرڻ سڏبو آهي.

ان ڪانپوءِ لابي ڪرڻ ۽ سياسي دليل بازيءَ سان گڏوگڏ مخصوص سياسي سرشتي اندر طئي ٿيل ضابطن تحت سياسي پوزيشن جوڙڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو. اهو عمل ڪنهن قانون، بندوبست يا پروگرام جي صورت ۾ قدر جي ذميواريءَ جي تعين تي ختم ٿئي ٿو. (پاليسي ٺاهڻ) اِها پاليسي اڳتي هلي ماتحت سياسي ۽ انتظامي ادارن ذريعي لاڳو ٿئي ٿي، (عمل درآمد). انهن پاليسي ۽ عملدرآمد وارن فيصلن جا نتيجا ۽ اثر آخرڪار مثبت يا منفي انداز ۾ سياسي ردعمل ٿا سامهون آڻين، جيڪي وري سياسي طور تي لاڳو ڪيا ويندا آهن، جيڪي تسلسل، تبديلي يا پاليسيءَ جي خاتمي جو سبب بڻجن ٿا. (پاليسيءَ جي نظرثاني/ خاتمو)

## سٺي حڪمراني:

سٺي حڪمرانيءَ جون اٺ اهم خاصيتون آهن. اها شرڪتي، يڪرائپ تي ٻڌل، پڇاڻي جوڳي، شفاف، موٽ ڏيندڙ اثرائتي، اهل، انصاف پري ۽ سموئيندڙ هئڻ سان گڏوگڏ قانون جي حڪمرانيءَ جي پوئواري ٿي ڪري. اها پڪ ٿي ڏياري ته فيصلي سازيءَ ۾ بدعنواني گهٽ کان گهٽ ٿيندي، اقليت جو مؤقف مدنظر رکيو ويندو ۽ معاشري جي سڀ کان هيٺي ۽ جهيڻي حصي جو آواز به ٻُڌو ويندو. اها معاشري جي هاڻوڪي ۽ آئيندي جي ضرورتن کي پڻ مخاطب ٿي ڪري، اچو ته انهن جي سمورن عنصرن/ خاصيتن تي نظر وجهون.

## شرڪتي:

عورتن ۽ مردن ٻنهي جي شرڪت سٺي حڪمرانيءَ جو هڪ اهم حصو آهي. شرڪت سڌي سنئين بہ ٿي سگهي ٿي تہ قانوني اختيار رکندڙ ايلچي ادارن يا عيوضين ذريعي بہ اهو واضح ڪرڻ اهم ٿيندو تہ نمائندي جمهوريت جو اهو لازمي مطلب ناهي تہ معاشري جي سڀ کان وڌيڪ جهيڻي جون ڳڻتيون مدنظر رکيون وڃن. شرڪت کي باخبر ۽ منظم هئڻ جي ضرورت آهي. ان جو مطلب هڪ پاسي تنظيم ۽ اظهار جي آزادي آهي تہ ٻئي پاسي هڪ منظم سول سوسائٽي آهي.

## قانون جي حڪمراني:

سٺي حڪمرانيءَ کي مناسب قانوني ڍانچا گهربل هوندا آهن، جيڪي اڻ ڌري طور تي لاڳو ٿيل هجن. ان کي انساني حقن خاص طور تي اقليتن جي حقن جي مڪمل تحفظ جي بہ ضرورت هوندي آهي. قانونن جي اڻ ڌري اطلاق لاءِ آزاد عدليہ اڻ ڌري ۽ بدعنوانين کان پاڪ پوليس فورس گهربل هوندي آهي.

## شفاف انداز:

ان جو مطلب اهو آهي تہ فيصلا ڪرڻ ۽ ان جي اطلاق جو عمل قاعدن ۽ ضابطن جي پوئواري ڪندڙ هئڻ گهرجي. ان جو مطلب اِهو بہ آهي تہ انهن فيصلن ۽ انهن تي عمل سان متاثر ٿيندڙ سمورين ڌرين کي معلومات تائين سڌي سنئين رسائي حاصل هئڻ سان گڏوگڏ اِها کين ميسر بہ هجي. ان جو اهو بہ مطلب آهي تہ درست ۽ مناسب معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ۽ اِها سمجهہ ۾ اچي سگهندڙ صورت ۾ پيش ٿيل آهي.

## اثر پذيري:

سٺي حڪمرانيءَ کي اهڙا ادارا ۽ عمل گهربل هوندا آهن، جيڪي هڪ مناسب/ مخصوص وقت اندر سمورن واسطيدارن کي ڪم اچن.

## يڪرائپ مائل:

ڪنهن بہ معاشري ۾ ڪيترين ئي ڌرين ۽ سندن انيڪ مؤقف ٿي سگهن ٿا. سٺي حڪمرانيءَ کي معاشري ۾ مختلف مفادن/ مؤقفن وچ ۾ ٺاڪڙي ڪري مجموعي طور تي آباديءَ جي بهترين مفاد واسطي هڪ وسيع يڪرائپ تي پهچڻ گهربل هوندو آهي. ان کي پائيدار انساني ترقيءَ لاءِ گهربل اسمن بابت هڪ وسيع ۽ طويل مُدتي پيش منظر ۽ اهڙي ترقي ماڻڻ جو طريقو پڻ گهربل هوندو آهي. اهو

ڪنهن مخصوص معاشري يا آباديءَ جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي تناظر جي ادراڪ مان ماڻي سگهجي ٿو.

## انصاف تي ٻڌل ۽ ميڙي مُٺ ڪندڙ:

ڪنهن معاشري جي بهتريءَ جو انحصار ان تي هوندو آهي ته ان جا سمورا فرد محسوس ڪن ته هو ان جو اڻ ٽُٽ حصو آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي معاشري جي مرڪزي ڌاري کان ڇني ڌار ٿيل نه ليکين. ان لاءِ سمورن گروهن خاص طور تي سڀ کان وڌيڪ جهيڙي حصي کي پنهنجي ترقي برقرار رکڻ ۽ بهتر بڻائڻ جا موقعا حاصل هجن.

## اثر پذيري ۽ اهليت:

سٺي حڪمرانيءَ جو مطلب اهڙا عمل ۽ ادارا آهن، جيڪي هٿ وس وسيلن جو بهترين استعمال ڪندي معاشري جون ضرورتون پوريون ڪن. سٺي حڪمرانيءَ جي ڏس ۾ اهليت جو تصور قدرتي وسيلن جي پائيدار استعمال ۽ ماحول جي تحفظ جو پڻ احاطو ڪري ٿو.

## احتساب/ پڇاڻو:

احتساب سٺي حڪمرانيءَ جو هڪ اهم شرط آهي. نه رڳو سرڪاري ادارا پر خانگي شعبو ۽ سول سوسائٽي تنظيمون پڻ عوام ۽ پنهنجي ادارتي واسطيدار ڌرين آڏو جوابده هئڻ گهرجن. ڪير ڪنهن آڏو جوابده آهي، تنهن جو دارومدار ڪنهن تنظيم يا اداري جي اندروني ۽ ٻاهرين فيصلن ۽ عملن تي ٿئي ٿو. عمومي طور تي ڪو ادارو يا تنظيم انهن آڏو جوابده ٿين ٿا جن تي انهن جي فيصلن يا عملن جو اثر پوڻو آهي. احتساب کي شفاف انداز ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کانسواءِ لاڳو نٿو ڪري سگهجي.

اِهو واضح ڪجي ته سٺي حڪمراني هڪ آدرش آهي، جيڪو پنهنجي ڪاملتا ۾ حاصل ڪرڻ ڏکيو آهي. تمام ٿورڙا ملڪ ۽ معاشرا سٺي حڪمرانيءَ کي ان جي ڪاملتا ۾ حاصل ڪرڻ جي ويجهو پهتا آهن. بهرحال پائيدار انساني ترقيءَ جي خاطريءَ واسطي عمل اِهو مقصد ماڻڻ کي ذهن ۾ رکي ڪيا وڃن.

## سٺي حڪمرانيءَ ۾ سُڌ سماءُ جو ڪردار:

سُڌ سماءُ سان لاڳاپيل هيءُ دستي ڪتاب ذميوار صحافت ذريعي سُڌ سماءُ ۽ حڪمرانيءَ جي سمورين واسطيدار ڌرين وچ ۾ وڌيون پرڻ جو مقصد ٿو رکي. اظهار جي آزاديءَ واري حق جو بچاءُ ڪرڻ واسطي انهيءَ حق جي روشنيءَ ۾ سٺي حڪمرانيءَ جي تاثر ۽ گڏوگڏ معلومات تائين رسائيءَ واري حق کي جاچڻ مناسب ٿيندو. جيتوڻيڪ حڪومتون انساني حقن جي عالمي پڌرنامي ۾ شامل انهن حقن جي خاطريءَ جو ورجاءُ ڪنديون ٿيون رهن پر ڪيتريون ئي حڪومتون موروثي سنسرشپ، سُڌ سماءُ سان لاڳاپيل فردن کي ظالماڻي ڏاڍ ۽ سرڪاري معلومات ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪندي ان کان ڪن تار ڪن ٿيون. اِهو تضاد واضح آهي ۽ اسان کي سٺي حڪمراني ۽ ان لاءِ سُڌ سماءُ جي ڪردار سان گڏوگڏ حڪمراني ڪندڙن جي ذميوارين کي بہ جاچڻ جي دعوت ڏئي ٿو.

گڏيل قومن جو هزاري پڌرنامو جمهوري ۽ شراڪتي حڪمرانيءَ جي پنيرائيءَ ۾ هيل تائين گڏيل قومن جي ميمبر ملڪن طرفان سڀ کان وڌيڪ مضبوط، يڪرائپ وارو ۽ واضح بيان آهي.

- پڌرنامو واضح طور تي اعلان ڪري ٿو تہ هزاري ترقياتي مقصد هر ملڪ اندر ۽ عالمي سطح تي لازمي طور سٺي حڪمرانيءَ ذريعي حاصل ڪيا وڃن.
- اهو ايئن بہ چوي ٿو تہ ميمبر ملڪ "جمهوريت کي هٿي ڏيڻ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کي سگهارو بڻائڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندا." ۽ "جمهوريت جا اُصول ۽ عمل لاڳو ڪرڻ ۽ انساني حقن جي احترام لاءِ سمورن ملڪن جي سگهہ کي مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪريون ٿا."
- پائيدار ترقي ماڻيندي غربت گهٽائڻ يونيسڪو پروگرام جو هڪ مقصد آهي ۽ سٺي حڪمراني انهن ڪوشش جو مرڪزي نُقطو آهي.
- حڪمراني اُهي دڳ ڳولي ٿي جن ذريعي شهري ۽ سماجي گروهہ پنهنجن مفادن جي ڳالهہ ڪن ٿا، پنهنجا اختلاف نبيرين ٿا ۽ پنهنجن قانوني حقن ۽ فرضن جو ذميواريءَ سان استعمال ڪن ٿا.
- سٺي حڪمرانيءَ واري تصور ۾ فيصلي سازيءَ واري عمل ۾ سول سوسائٽيءَ جي وڏي پئماني تي شرڪت قانون جي حڪمراني، بدعنوانين کي ٻنجو شفاف انداز غربت گهٽائڻ ۽ انساني حقن کي ادارتي حيثيت ڏيڻ شامل آهن.

- سٺي حڪمراني حڪومت کي ڪنهن قوم تي روايتي اختيار واري روايت بدران شهرين جي انهن ڏانهن ذميوارين کي متوجهه ڪري ٿي.

## سٺي حڪمرانيءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ سُٺ سماءُ جو واضح ڪردار آهي:

- سٺي حڪمرانيءَ جا سمورا پهلو ڪنهن نه معاشري ۾ سگهاري ۽ آزاد سُٺ سماءُ ذريعي ترويج ماڻين ٿا.
- جڏهن صحافي آزاداڻي طور تي انتظاميا جي پاليسين ۽ عملن جو جائزو سندن جاچ ۽ مٿن تنقيد ڪري سگهندا تڏهن ئي سٺي حڪمراني ممڪن ٿي سگهي ٿي.
- جڏهن لڪائڻ لاءِ ڪجهه به نه ۽ بهتريءَ لاءِ گهڻو ڪجهه هجي ته آزاد سُٺ سماءُ جو ڪنهن سونهين طور آڏر پاءُ ڪرڻ گهرجي.
- جيتوڻيڪ سُٺ سماءُ شهرين کي بحث مباحثي لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪندي سندن سرگرمين کي هڪ دڳ ڏئي ٿي پر اڪثر حڪومتون پنهنجون سرگرميون عوام کان ڳجهيون رکڻ لاءِ غير رسمي طريقا ۽ قانون اختيار ڪن ٿيون يا فقط پنهنجي مؤقف سان ٺهڪندڙ معلومات مهيا ڪن ٿيون.
- هاڻوڪن سالن دوران ڪيترين ئي حڪومتون "نوازڻ" ذريعي صحافين کي هر ڪائڻ جي ڪوشش ڪنديون پئي رهيون آهن.
- جيڪڏهن سُٺ سماءُ عوامي مفاد ۾ ڪم ڪرڻ واسطي آهي ته حڪومتن کي سُٺ سماءُ جي آزاداڻي ڪم جي حفاظت ۽ معاشري ۾ مختلف نقطي نظر وڏڻ ويجهڻ جي اجازت ڏيڻي پوندي.
- سٺي حڪمرانيءَ لاءِ وڏي پئماني تي شرڪت ٻن حوالن سان اهم آهي. فيصلي سازيءَ واري عمل ۾ شهرين جي وڏي پئماني تي شرڪت وسيع ۽ شفاف انداز جي راهه هموار ٿي ڪري ۽ سياسي فيصلن کي ماڻهن جي ضرورتن پٽاندڙ بڻائڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿئي ٿي.
- ٻيو ته وڏي پئماني تي شرڪت جمهوري ساک لاءِ اهم آهي، جنهن جو تعلق پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ شهرين جي حصيداريءَ سان آهي.

## شرڪت:

شرڪت ڪي سگھارو بڻائڻ ۾ آزاد ۽ ڪثرت الوجوديءَ جي قائل ميڊيا جو اهم ڪردار آهي. چاڪاڻ جو اِها فيصلي سازيءَ واري عمل جي پھلوئن تي روشني وجھندي واسطيدار ڌرين کي آواز فراهم ڪري ٿي.

- ميڊيا جي آزادي هڪ اهڙي عوامي وايومنڊل جي راهه هموار ڪري ٿي جنهن ۾ گهڻ طرفي بحث جي شروعات ٿئي ٿي ۽ انيڪ نقطءِ نظرن جي نمائندگي ٿي سگهي ٿي.
- ان ريت ذميوار ۽ چؤڪس شهري ميڊيا کي پنھنجي حمايت يا مخالفت وارن يا سرڪاري ذريعن تان اهميت نه ماٽيندڙ مامرن کي ڦلهورڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا.
- شرڪتي عمل، خاص طور تي جتي سڌي سنئين شرڪت ممڪن نه هجي، ۾ ياڳي ياڻيوار بڻجڻ لاءِ ميڊيا کي اجازت ڏيڻ حڪومت جي ذميواري ٿئي ٿي.

## انساني حق:

انساني حقن جو عالمي پڌرنامو واضح ڪري ٿو ته سمورن انسانن کي پئدائشي طور تي ڪي بنيادي موروثي، الڳ نه ڪري سگهجندڙ ۽ ناقابل تسخير حق حاصل آهن.

- ڪنهن به عملي جمهوريت واسطي شهرين جي انهن حقن جي ضمانت بنيادي شرط آهي.
- انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت رپورٽ ڪندي يا انهن کي نندينديآزاد ۽ بي ڊپي ميڊيا شهرين ۾ سندن حقن بابت جاڳرتا پکيڙي ٿي ۽ جاڻ جي هڪ اهڙي معتبر ذريعي طور ڪم ڪري ٿي جنهن وسيلي سول سوسائٽيءَ جون تنظيمون ۽ سرڪاري اختياريون ڏاڍاين جي واقعن کي ٻنجو ڏئي سگهن ٿيون. بهرحال صحافين کي انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت رپورٽ ڪرڻ دوران انيڪ رڪاوٽن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو، جن ۾ پابندي مڙهيندڙ سنسرشپ، سرڪاري معلومات تائين مناسب رسائيءَ جي کوٽ، ڳرا ڏنڊ ۽ ايستائين جو قيد به شامل آهن.

- ان ڪري اظهار جي آزادي ۽ سُڏ سماءُ جي آزاديءَ جي خاطريءَ کي ترجيح طور ورتو ويجي، ڇاڪاڻ جو انهن وسيلي ئي ٻين انساني حقن جي ترويج ۽ حفاظت ممڪن آهي.

## قانون جي حڪمراني:

قانون جي حڪمراني معاشرن ۾ قانونن ۽ ٻين عدالتي سرشتن جي وجود سان سلهاڙيل هوندي آهي ۽ خود قانوني مواد اندر ئي حيثيت/ ميچتا ماڻيل هوندي آهي.

- قانون جي حڪمرانيءَ کي عملن جي هڪ اهڙي وهنوار طور، جيڪو معاشري ۾ موجود مختلف واسطيدار ڌرين وچ ۾ سرچاءُ وارو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ قانون کي اجازت ڏيندڙ ۽ انهيءَ اُصول سان پنهنجي سهمت هئڻ جي مظاهري طور معاشري جي فردن طرفان ڪتب آڻڻ جي عمومي معيارِ ٻنهي طور سمجهي سگهجي ٿو.
- قانون جي حڪمراني ڪنهن معاشري جي استحڪام ۽ تحفظ ۽ توازن لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي.
- قانون جي حڪمرانيءَ جي تنظيم جي صورت ۾ ئي شهرين جو جمهوري عمل تي اعتماد ٿيندو ۽ هو پنهنجي معاشري ۾ پائيدار ترقيءَ لاءِ ڪا سيڙپ ڪندا.
- جڏهن قانون جي حڪمرانيءَ جي تعظيم نٿي ڪئي وڃي ته پوءِ سياسي وايومنڊل تي اُرهه زورائي ۽ سزا کان آجپو بالادست ٿين ٿا.
- قانون جي حڪمرانيءَ جو گهڻو ٿڌو انحصار آزاد ۽ ايماندار عدليه ۽ لاڳاپيل حڪومت طرفان پنهنجو پاڻ کي قانون جي تابع رکڻ تي ٿئي ٿو.
- قانون جي حڪمرانيءَ کي ڪنهن مخصوص معاشري جي موجود مامرن جي حوالي سان نه پر مستقل مثال ۽ چوڪسي چاهيندڙ آدرش طور ڏسي سگهجي ٿو.

قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ چوڪسي همٿائڻ واسطي سُڏ سماءُ تي معاشري جي انتهائي اهم ڪرت، خاص طور تي تفتيشي صحافت کي سگهارو ڪندي عدالتن، سرڪاري ۽ رياستي دستاويزن تائين رسائي ممڪن بڻائيندي اهم ذميواري اچي ٿي. اهڙيءَ صورت ۾ حڪومت خاص طور تي انهن وهنوارن جو نازڪ مرحلن تي سُڏ سماءُ جي آزادي ۽ گهڻ طرفي انداز جي تحفظ جي حوالي سان اهم ڪردار بڻجي ٿو. حڪمرانيءَ واري عمل ۾ بدعنواني رياست کي درپيش اهم مامرن مان هڪ آهي. بدعنوان عمل/ ڪارروايون حڪومت کان عوام لاءِ

بهترين جي ميسريءَ وارا موقعا کسيو ڇڏين. جڏهن حڪومت ۾ شامل ڪي ڌريون/ فرد اِهو محسوس ڪري سگهن ٿا تہ بدعنوانين جي وائکي ٿيڻ سان سندن قانوني حيثيت يا ساک متاثر ٿي سگهي ٿي. بدعنوانين جي جاچ لهندڙ صحافين کي اکثر ڌاڍاين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ۽ هو بدعنوان عملدارن هٿان پنهنجي ڪم ڪار، ڪٽنب ۽ ساک کي جوکم جو شڪار ٿا بڻجن.

حڪومت ۽ ٻين ڌرين/ ادارن ۾ بدعنوانين بابت رپورٽ ڪندڙ صحافين ۽ سندن ادارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ اهم حڪومتي ذميوارين ۾ شامل آهي.

آزاد تفتيشي صحافت کي پنهنجي لاءِ ڪنهن خطري بدران هڪ پيچيءَ طور ڏسندڙ حڪمرانيءَ واري انداز کي قانوني درستگي حاصل ٿي سگهي ٿي. ڪيترين ئي حڪومتن ۾ سڌارن واري عمل دوران هڪ معاملو شفاف انداز جو آهي. رياستي ڪامورا شاهيءَ جي هڪ وڏي اڪثريت ۽ غير شفاف وجود بڻجڻ سبب رازداريءَ وارو وهنوار اڪثر مخصوص پرتن جي مفادن ۽ ڳجهي پتوڙ ۽ سرڪاري ملازمن جي پنهنجي طئي ٿيل ڪم کان اڳيرو ٿيڻ جو احاطو ڪري ٿو.

ڪجهہ مثالن ۾ سرڪاري عملدارن ۽ وسيع معاشري کي ڳنڍيندڙ سماجي ڍانچا انتظاميا جي رازداريءَ واري مخفي عمل سبب ٽڪراءُ ۾ اچن ٿا. وسيع تر شفاف انداز عوامي/ سرڪاري انتظام ڪاريءَ ۾ اهڙن مفادن جي امڪاني ٽڪرائن تي نظرداريءَ جي راهہ هموار ڪندي حڪومت لاءِ وسيع طور قانوني جواز پيدا ڪري ٿو. سرڪاري دستاويزن ۽ فيصلي سازيءَ واري عمل تائين رسائيءَ جي خاطري رکندڙ آزاد سُڌ سماءُ ۽ مفادن جي امڪاني ٽڪراءُ کي سامهون آڻي حڪومت طرفان پنهنجين هدايتن جي اطلاق ۾ واضح ٿيڻ لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي.

سُڌ سماءُ ۽ جمهوري حڪومتن وچ ۾ هڪ مناسب ناتي جي مثبت اظهار ۾ سُڌ سماءُ لاءِ عدالتي تحفظ، اظهار جي آزادي ۽ ڄاڻ تائين رسائيءَ لاءِ ذهن نشين ڪيل احترام، عوامي خدمت لاءِ قومي آزاد براڊڪاسٽنگ ۽ سُڌ سماءُ جي ادارن لاءِ حمايت ۽ صحافتي سرگرمين تي سخت رڪاوٽن/ پابندين کي گهٽائڻ شامل آهي.

## احتساب شفافيت سان اڻ ٽُٽ طور ڳنڍيل آهي:

جتي شفاف انداز عوامي/ سرڪاري انتظاميا جي عمل تي ڌيان ڏئي ٿو اُتي پڇاڻو عوام سميت مختلف ادارن ذريعي انهن عملن ۽ انهن جي افاديت جي ڪٿ

ڪرڻ لاءِ ذميوارين جو تعين ڪري ٿو. ڪنهن بہ جمهوري معاشري جي اخلاقي ۽ قانوني حيثيت جي تعين لاءِ عوام ڏانهن ان جو جوابده هئڻ انتهائي اهم آهي.

جنهن ماحول ۾ ماڻهو حڪومتي وهنوار کي جاچڻ لاءِ ان جي عيوضين کي سندن عملن واسطي پڇاڻو ڪري سگهڻ لاءِ آزاد هوندا آهن اُتي ماڻهو بہ موٽ ۾ شرڪت ذريعي پنهنجي حڪومت جي ڪمن ڪارين لاءِ ذميوار بڻبا آهن.

## ڄاڻ تائين رسائي:

قانون سازي ۽ ان جي اطلاق ذريعي ڄاڻ تائين وسيع تر رسائيءَ جي خاطري ڪندي حڪمرانيءَ واري عمل ۾ شهرين جي وسيع شرڪت کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. ان ذريعي ڄاڻ جي وڌ کان وڌ تصديق ۽ اهم معاملن تي برابريءَ جي بنياد تي سمورن واسطيدارن کي گڏجي ويهڻ جو موقعو فراهم ٿئي ٿو.

حڪومت کي "برقي_ انتظام" (e_governance) کي سگهارو بڻائڻ جي امڪانن کي پڻ ڦلهورڻ گهرجي، جنهن وسيلي سُڌ سماءُ ۽ عوام جي انتظامي معلومات ۽ فيصلي سازيءَ واري عمل تائين سڌي سنئين رسائي ٿئي ٿي. چونڊن واري عمل ۾ شفاف انداز ۽ واضح طور طريقا اهم آهن. سُڌ سماءُ جي ڪوريج چونڊن جو هڪ اهم جُز آهي ۽ صحافين کي چونڊ مهم ۽ چونڊن جي مناسب ۽ اڻ ڌري رپورٽنگ ۽ سمورين واسطيدار ڌرين جي مؤقف جو برابريءَ جي بنياد تي احاطو ڪرڻ لاءِ تربيت ڏيڻ پڻ بيحد اهم آهي.

## غربت گهٽائڻ:

سيپٽمبر 2000ع دوران نيويارڪ ۾ ڪوٺايل هزاري سربراهي اجلاس ۾ منظور ڪيل هزاري اعلان نامو 2015ع تائين غربت جي خاتمي جي حوالي سان انتهائي غربت ۾ رهندڙن جو هڪ حصو گهٽائڻ پنهنجي اولين هدف هئڻ جو اعلان ڪري ٿو.

يقيني طور تي، غربت جو خاتمو هن وقت عالمي استحڪام، جمهوريت ۽ امن لاءِ بنيادي شرط بڻيل آهي. جيستائين غريبن ۽ محروم طبقن کي عالمي ترقيءَ ۾ شرڪت کان ڌار رکيو ويندو پائيدار امن ۽ ترقي حاصل ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو. غربت خلاف ويڙهہ ۾ آزاد ۽ خود مختيار سُڌ سماءُ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

ان ڏس ۾ هڪ پاسي خانگي واپارن ۽ حڪومتن جي پڇاڙي کي وڌائڻو پوندو ته ٻئي پاسي شهرين کي وڏيڪ ڄاڻ/ ادراڪ پريا فيصلا ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻا پوندا. ان سٺي حڪمرانيءَ کي هٿي ۽ حوصلي افزائي ملي ٿي، جنهن ڪانسواءِ غربت خلاف جنگ کٽي نه سگهجي. ان ڪانسواءِ سُٺ سماءُ بدعنوانيءَ خلاف هڪ نگران طور عمل ڪندي، وسيلن جي ورهاست ۾ ترقياتي مامرن سان لاڳاپيل انتهائي اهميت جي خاطريءَ ۾ مددگار بڻجي سگهي ٿي. ان سان گڏوگڏ اها معاشري جي مجموعي ترقيءَ لاءِ ذميوار ادارن کي مضبوط پڻ بڻائي سگهي ٿي.

ان ڪانسواءِ سُٺ سماءُ غريبن کي ڏڪي ٻاهر ڪيڻ ۽ پوئتي ڪرڻ خلاف پتوڙ ۾ پڻ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي ٿي. اهو ڪم انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ جو غربت وسيلن جي کوٽ کان وڌيڪ اختيارن جي اڻهوند جو مامرو آهي. غريب عام طور تي معاشري ۾ مڪمل شرڪت ۽ گذر سفر لاءِ ڪمائڻ کان محروم رهن ٿا. فقط اضافي وسيلا مهيا ڪرڻ کين محروميءَ مان ڪيڻ لاءِ ڪافي نه ٿيندو، کين وڌيڪ اهليتن ۽ صلاحيتن جي ضرورت آهي. ان ڪانپوءِ ئي کين پنهنجين زندگين تي اختيار حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ هو موجود وسيلن جي تخليقي استعمال بابت ڄاڻي سگهن ٿا. ان حوالي سان پائيدار ترقي ماٽيندي غربت گهٽائڻ يونيسڪو پروگرامن جو اهم مقصد پڻ رهيو آهي.

غريبن جي سُٺ سماءُ تائين رسائي ممڪن بڻائڻ ان مقصد جي حصول جي ڏس ۾ هڪ اهم قدم آهي. کين جوڳي ڄاڻ فراهم ڪرڻ سان کين پنهنجين زندگين سان لاڳاپيل فيصلا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. ان سان کين پنهنجي مؤقف جو اظهار ڪرڻ ۽ فيصلو ڪندڙن جي چونڊ ۾ پنهنجي مرضي شامل ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ان ريت وسيلن جي بهتر ورهاست جا امڪان وڌن ٿا. آخري ڳالهه اِها ته آزاد سُٺ سماءُ تعليمي پروگرامن ۽ ايڇ آءِ وي/ ايڊز بابت ڄاڳرتا مهمن جهڙن عالمي صحت پروگرامن ذريعي عوام جي ذهني واڌ ويجهه ۽ اؤسر ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻجي سگهي ٿي.

## سُٺ سماءُ جي انتظام ڪاري:

جيڪڏهن اسين سمجهون ٿا ته سُٺ سماءُ لاءِ آزادي ۽ ڪثرت راءِ جمهوريت جي واڌ ويجهه جو بنيادي شرط آهن ته پوءِ اهم حڪومتي عنصرن لاءِ ممڪن

ٿيندو تہ ھو سُٺ سماءُ کان فقط اُھو ئي ڪجھہ ٻُڌڻ نہ چاھين جيڪو سندن ڪنن کي پلو لڳندو ھجي.

- رياست ۾ سُٺ سماءُ وچ ۾ مثبت ناتو فقط ھڪيئي جي معاملن ۾ تنگ نہ اتڪائڻ کان اڳتي ھڪ آزاد ۽ ڪثرتِ راءِ واري سُٺ سماءُ تائين وڃي ٿو.
- ڪيترن ئي ملڪن ۾ ھڪ فوري مسئلو خانگي يا سرڪاري شعبي جي سُٺ سماءُ ۾ ھڪ ھٽيءَ جو آھي. جيڪو عوامي جيوت ۾ مؤقفن/ آوازن جي ڪثرت ۽ آزاديءَ کي گھٽايو ڇڏي.
- سُٺ سماءُ ۽ حڪومت وچ ۾ ڪُلي ناتي جو شايد سڀ کان وڏيڪ اھم اظھار معاشري ۾ تاءُ جو اظھار ڪندڙ غير مقبول مؤقف سامھون اچڻ آھي.
- جيڪڏھن سُٺ سماءُ ڪُليل ۽ آزاد ناھي تہ پوءِ اِھي مؤقف جمھوري دڳ ڇڏي تشدد ۾ ڏڦير کي ھٽي ڏئي سگھن ٿا.
- سُٺ سماءُ جي انتظام ڪاريءَ ۾ مختلف شعبن ۾ خود سُٺ سماءُ ۾ موجود مفادن وچ ۾ انتظام جي حد پڻ شامل آھي.
- سرڪاري معلومات ۾ آزادي ۽ ڪثرت کي ھمٿائيندڙ قانوني ۽ ضابطگيءَ واري ماحول جو اطلاق اڪثر اوڏي مھل سھولت ماٽيندو آھي، جڏھن حڪومت ۽ پيشيور تنظيمن کي سُٺ سماءُ متعلق قانون سازي، ضابطن ۽ سُٺ سماءُ جي واڌ ويجھہ لاءِ سھڪاري حڪمت عملين جي تقابلي مثالن تائين رسائي ھجي.
- سُٺ سماءُ جي انتظام ڪاريءَ ۾ محتسب ۽ پريس ڪائونسل جھڙن احتسابي ادارن جو پڻ اھم ڪردار ٿئي ٿو.
- انھن جو ھڪ اھم ڪردار اخلاقي عمل ۽ پنھنجي پيشيوراڻين ذميوارين بابت سُٺ سماءُ واري شعبي اندر بحث مباحثي کي ھمٿائڻ آھي.
- ان ريت اِھي سُٺ سماءُ جي اندروني پيشيور معيارن کي سگھارو بڻائڻ ۽ فراھم ڪيل جاڻ جي ساک بابت عوامي اعتبار وڌائڻ جو سبب بڻجن ٿا.
- اُسرندڙ آزاد سُٺ سماءُ وايومنڊل وارن ملڪن ۾ سُٺ سماءُ جون پيشيور تنظيمون آزاد سُٺ سماءُ طور پنھنجو ڪردار سمجھڻ ۽ معاشي طور تي پنھنجن پيرن تي بيھڻ جا رستا ڦلھورڻ ۾ سُٺ سماءُ جي ادارن جي ھمڪاريءَ

۾ سرواڻي ڪري سگهن ٿيون. ان ۾ عمومي سُڌ سماءُ جي ادارن سان گڏ خابرو ادارا، مقامي سطح جا ريڊيو، انٽرنيٽ تي ٻڌل سهولتون ۽ سُڌ سماءُ جا پروگرام تيار ڪندڙ ادارا شامل هئڻ گهرجن. گهٽي پاڳي معاشرن جي سُڌ سماءُ ۾ عورتن جي تمام ٿورڙي تعداد ۽ ڪين درپيش خاص صورتحال سبب پيشيور تنظيمون عورتن جي تربيت کي ترجيح طور کڻن.

## سُڌ سماءُ ۽ انتظامي سيل:

نيشنل ري ڪنسٽرڪشن بيورو (NRB) پهرين آڪٽوبر 2003ع تي "سُڌ سماءُ ۽ انتظامي سيل" قائم ڪيو، جنهن کي هيءُ ڪم ڪرڻا هئا:

- حڪومتي / انتظامي معاملن ۾ ڄاڻ جي وٿي گهٽائڻ.
- سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ذريعن کان ڄاڻ جي آزاداڻي وهڪري جي راهه هموار ڪرڻ.
- سرشتي وار ادارتي انداز ۾ ٽيڪنيڪل سيٽ اپ فراهم ڪرڻ.
- انتظامي مامرن تي ڄاڻ جي طلب ۽ رسد جو هموار توازن پيدا ڪرڻ.

## پاڪستان ۾ سُڌ سماءُ جي ڪٿرت:

مقامي چونڊن، عراق ۽ افغانستان ۾ فوجي ڪارروايون، پاڪ ڀارت ناتن، نيوڪليائي ڊوڙ ۽ پاڪستان جي ڳنڀير اندروني سياسي، فرقيوار ۽ قومپرستاڻي تضادن ۽ ٽڪرائن سبب پاڪستان ۾ سُڌ سماءُ جي گهٽائيءَ جي هتي پير کُپائڻ وارو معاملو هر ڪنهن وٽ زيرِ نظر آهي.

پر پاڪستاني سُڌ سماءُ ٻه ساڳئي وقت مصروفيت، مناسب انداز ۽ اڻ ڏرائپ واري پنهنجي گنجائش / صلاحيت وڌائي ويجهائي رهي آهي؟ سُڌ سماءُ جي ڪٿرت واري دؤر ۾ اسين امن ۽ انصاف جي قدرن کي ڪهڙيءَ ريت اڳتي وڌايون؟ ايندڙ مهينن ۽ سالن دوران مقامي سُڌ سماءُ آڏواِها ئي سڀ کان وڏي للڪار هوندي.

آڪٽوبر 2002ع جي پڄاڻيءَ تائين سُڌ سماءُ سان تعلق رکندڙ چار قانون جوڙيا ويا. انهن مان هڪ ڄاڻ تائين رسائيءَ بابت آهي. ان قانون ذريعي حاصل ٿيندڙ معمولي لاڀ ٻه "بدناموسيءَ واري قانون ذريعي" مڏو ڪيو ويو آهي، ڇڻ ته هڪ هٿ سان ڏئي ٻئي سان واپس وٺڻ وارو معاملو هجي. هڪ اُپٽار جي خاطري ڪرائيندڙ ۽ ٻيو پوشيدگي / خلوت جي ضمانت ڏيندڙ-انهن ٻنهي قانونن وچ ۾

سرچاءُ ڪانسواءِ شهري عام طور تي ۽ سُڌ سماءُ خاص طور تي معلومات تائين رسائيءَ واري حق جو مڪمل استعمال نٿا ڪري سگهن.

سُڌ سماءُ تيستائين بي اختيار رهندي جيستائين عملي صحافي سُڌ سماءُ جي نون قانونن موجب پنهنجي ڄاڻي ٻُجهي ڪيل پيچڪڙين جو خميازو ڀوڳيندا، قانون ۾ تبديليءَ لاءِ پنهنجو حصو نہ ملائيندا. سُڌ سماءُ جي حقيقي آزادي حقيقت بدران سپنو ئي رهندي. پاڪستان ۾ گذريل سٺ سالن کان سُڌ سماءُبابت سمورن قانونن جو اسٽيبلشمينٽ جي مفادن ۾ هئڻ ۽ شهرين کي بااختيار نہ بڻائڻ، ان حقيقت مان ئي ظاهر آهي تہ انهن مان هڪ ڪانسواءِ باقي سمورا آرڊيننس ذريعي، گهٽي ڀاڱي اڻ چونڊيل حڪومتن هٿان لاڳو ٿيا آهن ۽ ڪڏهن بہ پارليامينٽ آڏو پيش نہ ڪيا ويا آهن.

اخباري ۽ اليڪٽرانڪ سُڌ سماءُ ٻنهي سان لاڳاپيل قانون ان شعبي ۾ نئين آمد کي مايوس ڪرڻ کي مدنظر رکي جوڙيا ويا آهن تہ جيئن چٽا پيٽيءَ واري اثر کي مُڏو ڪرڻ ۽ رياستي شرطن تي انحصار جي خاطري رهي. پاڪستان ۾ سُڌ سماءُ جي ڪثرت جو هڪ دلچسپ پهلوءِ اهو آهي تہ سُڌ سماءُ ۾ سياست جي تمام گهڻي ڪوريج جي باوجود پاڪستان ۾ سياست تي عوامي اعتماد تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ هيٺين مقام تي رسيل آهي. پاڪستان ۾ سياسي ڪوريج هٿان، خاص طور تي اخباري سُڌ سماءُ ذريعي دلچسپي پئدا نہ ڪرڻ جو هڪ اهم سبب تفتيشي رپورٽنگ جي اڻهوند آهي، جيڪا عوام کي اندروني خبرون ڏئي سگهي ٿي، جڏهن تہ اِها اهڙي ڪرت سان لاڳاپيل خطرن ۽ جوکمن ڪري ممڪن ناهي.

باب ٽيون

# تحقيقي ۽ تفتيشي صحافت: اُسرندڙ جمهوريت ۾ سُٺي حڪمرانيءَ جو هڪ اثرائتو ذريعو

## تفتيشي صحافت ڇا آهي؟:

تفتيشي صحافت جو ڪارج عوامي مفادن کي متاثر ڪندڙ غلط ڪارين بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ آهي، جيڪا نيوز رومن کي فراهم ڪيل ڄاڻ بدران رپورٽر جي ڪشالن جي صورت ۾ سامهون آئي هجي.

جيتوڻيڪ اهڙي صحافت رپورٽرن طرفان پنهنجي سر ئي خبر تي ڪم ڪرڻ سان لاڳاپيل رهي آهي، جنهن ۾ ڪين پنهنجي اداري کان نہ هئڻ جيتري مدد ٿي ملي پر ڪجهہ هاڻوڪن مثالن واضح ڪيو آهي تہ ان لاءِ گڏيل ڪم (Team Work) بنيادي آهي. دستاويزي ثبوتن ۽ واضح معلومات وارين خبرن جي تياريءَ لاءِ مختلف قسمن جون مهارتون گهربل هونديون آهن. تحقيق/ تفتيش واسطي رپورٽرن، ايڊيٽرن، قانوني ماهرن، انگن اکرن جو تجزيو ڪندڙن، لائبريرين ۽ خبر جي تحقيق ڪندڙن وچ ۾ رابطي جي ضرورت رهي ٿي. ڪهڙي ڄاڻ "ڄاڻ جي آزادي" تحت ميسر ٿي سگهي ٿي ۽ نقصان رسائيندڙ ڄاڻ پڌري ٿيڻ جي صورت ۾ ڪهڙا قانوني مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا؟ ان لاءِ سرڪاري ڄاڻ تائين رسائيءَ بابت قانونن جو ادراڪ هئڻ اهم آهي.

ڪنهن بہ خبر جي ڳڻپيرتا سان رپورٽرن جي نهڪاءُ ۽ حقيقتون ڦلهورڻ جي ڏس ۾ نيون ٽيڪنالاجيون انتهائي ڪارائتيون آهن. سرڪاري رڪارڊ جي ڪمپيوٽر تي هئڻ ۽ وڏي تعداد ۾ ڄاڻ جي انٽرنيٽ تي هئڻ سبب ڪمپيوٽر جي مدد سان ٿيندڙ رپورٽنگ انتهائي مددگار ثابت ٿي رهي آهي.

## جمهوريت ۽ تفتيشي صحافت:

جمهوري حڪمرانيءَ ۾ پنهنجي تمام گهڻي حصيداريءَ سبب تفتيشي صحافت کي انتهائي اهميت حاصل آهي. ان جو ڪردار ٻڌ سماءُ کي رياست جي چوٿين ٿنڀ ليکڻ سان سمجهي سگهجي ٿو. انهيءَ نموني تحت ٻڌ سماءُ عوامي مفادن سان تعلق رکندڙ معاملن بابت ڄاڻ شايع ڪندي حڪومتن کي جوابده بڻائي، پوءِ پل اهڙي ڄاڻ جي ظاهر ٿيڻ سان اختياريءَ ۾ ويٺلن هٿان ٿيندر ڏوهہ يا ڏاڍايون وائکيون ٿينديون هجن.

ان حوالي سان، تفتيشي صحافت ٻڌ سماءُ طرفان جمهوريت واسطي اهم ترين حصيدارين مان هڪ بڻجي ٿي. اِها جمهوري سرشتن ۾ چڪاس ۽ توازن واري منطق سان ڳنڍيل آهي. اِها جمهوري ادارن جن ۾ وڏي پئماني تي سرڪاري ادارا، شهري مامرن جون تنظيمون ۽ سرڪاري ڪارپوريشنون اچي وڃن ٿيون، جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ هڪ قابلِ قدر طريقيڪار فراهم ڪري ٿي.

همعصر جمهوريتن ۾ ٻڌ سماءُ جي مرڪزي حيثيت سياسي اشرافيا کي خبرن، خاص طور تي "خراب" خبرن ڏانهن حساس بڻائي ٿي، جن سان اڪثر عوامي ردعمل پئدا ٿين ٿا. سياسي ۽ معاشي غلط ڪارين بابت خبر شايع ٿيڻ تي پارلياماني يا عدالتي جاچ شروع ٿي سگهي ٿي.

جڏهن سرڪاري ادارا وڏيڪ جاچ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿين يا جاچ مسئلن ۽ شڪن سان گدلائجي وڃي تہ صحافت انهن ادارن جي ڪمن ڪارين جي جاچ لهندي احتساب ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي ٿي. اِها معاشري ۽ حڪومت ۾ ٿيل ڪنهن غلط ڪاريءَ، بي ايمانيءَ ۽ انهن بابت ٻڌ سماءُ جي انڪشاف تي انهن ادارن طرفان ڪين حاصل آئيني ذميوارين جي پوئواري ڪرڻ جو جائزو وٺي سگهي ٿي.

گهٽ ۾ گهٽ سطح تي بہ تفتيشي رپورٽنگ مختلف معاملن ۽ مامرن بابت سياسي اشرافيا ۽ شهرين کي باخبر رکڻ جي اهم ايجنڊا تيار ڪندڙ اختيار رکي

ٿي. بهرحال ان جي ڪابہ ضمانت ناهي تہ سُڌ سماءُ طرفان دلچسپي وٺڻ جو لازمي نتيجو غلط ڪارين لاءِ ذميوارن خلاف پارلياماني ۽ عدالتي قدمن جي صورت ۾ ئي نڪرندو. تفتيشي صحافت باخبر شهرين جي واڌ ويجهہ ۾ حصو وٺندي بہ جمهوريت ۾ پنهنجو حصو ملائي ٿي. عوام کي سجاڳ بڻائڻ ۾ ڄاڻ هڪ اهم ذريعو آهي، عوام جيڪو پنهنجي ووٽ ۽ شرڪت ذريعي حڪومت کي جوابده بڻائي ٿو.

همعصر جمهوريتن ۾ سُڌ سماءُ تي آڌاريل سياست جي واڌ ويجهہ سبب سُڌ سماءُ شهرين جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ مامرن ۽ وهنوارن بابت ڄاڻ جي اهم ذريعي طور بين سمورن ادارن کي پوئتي ڇڏي ڏنو آهي.

## عوامي رسائي:

سرڪاري رڪارڊ تائين رسائي ۽ عوامي مامرن کي شفاف طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي خاطري ڪرائيندڙ قانون ڪنهن تفتيشي صحافيءَ جي ڪم لاءِ انتهائي ضروري آهي. جتي اڳواٽ سنسرشپ ۽ بدناموسيءَ وارا قانون ڇانيل هوندا اُتي خبرون رسائيندڙ ادارا امڪاني طور تي ڳاٽي ٽوڙ قانوني ڪارروايـن سبب تڪراري موضوعن کي کڻڻ کان ڪيٻائي سگهن ٿا.

ان ڪري، جمهوريتن کي تفتيشي صحافت جي اثرائتي بڻجڻ ۽ گهڻ رُخي ۽ جوڳي ڄاڻ جي فراهميءَ واسطي هر صورت ۾ قدم کڻڻا پوندا.

## اثرائتي لکڻ واسطي ڪجهہ بنيادي اُصول:

**مثال استعمال ڪرڻ**: مثال ڄاڻ کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪن ٿا جو پڙهندڙ ڳنڀير اصطلاح ۽ ڳالهيون بہ سولائيءَ سان سمجهي وڃن ٿا. جيڪڏهن پنهنجن پڙهندڙن کي اهو ٿا ٻڌايون تہ ٻار پنهنجي استاد سان پيار ٿا ڪن تہ ڄاڻايو تہ هو پنهنجي پيار جو اظهار ڪهڙيءَ ريت ڪن ٿا.

**واضح ڪريو، واضح ڪريو، واضح ڪريو:** اِهو ياد رکو تہ پڙهندڙن جو ان موضوع بابت صحافيءَ جهڙو پسمنظر ناهي. اهڙا اصطلاح استعمال ڪريو جيڪي هو سولائيءَ سان سمجهي سگهن.

**سگهارا فعل استعمال ڪريو**: سگهارا فعل استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ ليکڪ پنهنجي مواد ۾ "تي سگهي ٿو" وارو صيغو ختم ڪرڻ سان

شروعات ڪري سگهن ٿا. "آهي" ۽ "آهن" ۽ ان ڪٿنب جا ٻيا لفظ موجودگيءَ جو اظهار ٿا ڪن. سنا ليڪ ڳالهه اڳتي وڌائڻ لاءِ مناسب فعل ڳولي لهندا آهن.

**نمائشي ٻولي، ڪچن لفظن ۽ لباڙ کان پرهيز ڪريو:** اسڪول جا عملدار"ٻار کي ٿڦا ٿوڦي ٿي" بدران "ٻار سان منفي ورتاءُ اختيار ڪيو ويو" چئي سگهن ٿا. پنهنجو پاڻ تي ڪامورن، وڪيلن، پوليس عملدارن، ماسترن ۽ ٻين جي ٻوليءَ کي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيو. ٻين لفظن ۾ اوکيءَ بدران سولي ٻولي استعمال ڪريو.

**مڪمل اظهار سان انصاف ڪندڙ ٻولي استعمال ڪريو:** پڙهندڙن آڏو خبر جي سمورن پهلوئن جي هڪ واضح تصوير پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڪوبه سٺو ليڪ ڏکهن، ايڏائيندڙ جملن يا چٽن گلن واري ٻوليءَ کانسواءِ به ناهوڪو لکي سگهي ٿو.

**ناهڪاري لفظ استعمال ڪرڻ کان بچو:** مثال طور "اسين اِهو ڏسڻ ۾ ناڪام نه رهيا آهيون ته مخالف ڪتن جي ڊوڙ تي پابندي لڳائڻ کي ويٽو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي"، پڙهندڙ جي تعظيم ڪندڙ رپورٽر ناهڪاري لفظن کي گهٽائيندي هن ريت لکندا، "اسان ڏٺو ته مخالف ڪتن جي ڊوڙ جي حمايت نه ڪئي."

**ننڍا جملا، نوس ۽ عام فهم لفظ استعمال ڪريو:** گهٽي ياڳي جملا پنجويهه لفظن، اجان به ممڪن هجي ته ويهن لفظن تائين محدود رکو. سنا ليڪ هر جملو ساڳي ڊيگهه ۾ رکڻ کان پرهيز ڪندا آهن، چاڪاڻ جو ڪين تنوع جي ضرورت هوندي آهي. واضح رهي ته ٽيهن لفظن کان وڌيڪ وارا جملا پڙهڻ ۾ ڏکيا ٿين ٿا.

**اضافي فعل استعمال نه ڪريو:** جيڪڏهن اسم جي استعمال سان مفهوم واضح ٿي سگهي ته غير ضروري فعل استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪريو. اهو نه چئو ته، "آزمائش ۾ شرڪت ۾ دلچسپي رکندڙ هرڪو شرڪت ڪري"، اِهو چئو ته، "آزمائڻ چاهيندڙ هرڪو شرڪت ڪري." پوئين جملي ۾ پهرين جملي جي ڪيترن ئي اضافي لفظن کان پاسو ڪيو ويو آهي.

**اضافي اسم استعمال نه ڪريو:** جڏهن فعل مفهوم واضح ڪندا هجن ته وڌيڪ اسم استعمال ڪرڻ ضروري ناهي. اهو نه چئو ته، "پوليس عملدار معمول جي چڪاس تي هئا جو پتو لڳو ته ڪار چورايل آهي." ان بدران چئو ته، "پوليس عملدارن جي معمول واري چڪاس ظاهر ڪيو ته ڪار چورايل هئي"، جيڪڏهن

جاچ جو ڪو مفهوم آهي تہ اسين اهو سولائيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ عملدارن چڪاس ڪئي. رپورٽر کي اهو ڄاڻائڻ جي ضرورت ناهي.

**ايڊيٽر جي چڪاسڻ واري فهرست:** ايڊيٽرن (سب ايڊيٽرن) جو ڪم خبرن جي صاف ستري هئڻ ۽ ڪمزور پڄاڻيءَ ڪانسواءِ هئڻ جي پڪ ڪرڻ آهي. سندن ذمي هيءُ ڪم ٿين ٿا:

- وسيع تناظر (مجموعي تاثر) ڪيئن آهي؟
- تفصيل ڇا آهن؟
- ڇا ڪٽوتيءَ جي گنجائش آهي؟
- تسلسل جي ڇا صورتحال آهي؟
- ڇا سرو وڌيڪ تيز ڪري سگهجي ٿو؟

## ڪا خبر/ رپورٽ لکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ معيار:

- موضوع واضح ڪريو- جيڪڏهن ڪا ڏکيائي پيش اچي رهي هجي تہ پنهنجو پاڻ کان پڇو "ڇا اها خبر/ رپورٽ لکڻ ضروري بہ آهي؟" جيڪڏهن جواب هائوڪار ۾ هجي تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کان دريافت ڪريو تہ "ڇا مون جوڳي رپورٽنگ ڪئي آهي؟ مون وٽ سمورا پهلو موجود آهن؟"
- مڪمل طور تي موضوع تي ئي رهو.
- پنهنجن پڙهندڙن کي خبر جي نتيجن کان آگاهہ ڪريو. پڙهندڙ حڪومتي عمل/ وهنوار ۾ گهٽ دلچسپي رکن ٿا پر حڪومتي فيصلا سندن زندگين تي ڪهڙيءَ ريت اثرانداز ٿين ٿا، تن سان سندن گهرو تعلق ٿئي ٿو.
- مثال ۽ حوالا سينگار لاءِ نہ پر وضاحت لاءِ استعمال ڪريو. ڪوبہ مثال يا حوالو ڪيڏو ئي رنگا رنگ ڇو نہ هجي پر اوهان جي موضوع سان لاڳاپيل نہ هئڻ جي صورت ۾ ان کان پرهيز ڪريو.
- تخليقي انداز فقط لفظن جي بهتر استعمال جو نہ پر سٺي رپورٽنگ جو نتيجو هئڻ گهرجي.
- بناوتي نثر کان پاسو ڪريو.
- مٿاڇري شين کي ئي جاچڻ بدران گهرائپ لاءِ جاچيو. گهرائپ جاچڻ هيٺين ڳالهين لاءِ ضروري تہ آهي پر فقط انهن تي ئي محدود ناهي:

(الف) ڀيو "ڇو" وارو سوال اُٿارڻ.

(ب) ماڳ تي وڃڻ.

(پ) حقيقتن جي پٺڀرائيءَ وارو نتيجو اخذ ڪرڻ.

(ت) هڪ ڪان وڌيڪ ذريعن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ.

- پڙهندڙن کي فقط ٻڌايو نه پر کين منظرڪشي ڪري ڏيکاريو. کين خبر کي سونگهڻ، چکڻ، ٻُڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ ڏيو. فردن ۽ ادارن جي اُپٽار ڪريو ته جيئن پڙهندڙ جاڻي سگهن ته اوهان کي ڪيتري ڄاڻ آهي. جيڪڏهن اوهان جي خبر اوهان کي ڪنهن پوائنٽي جاءِ تي وٺي وڃي ته پنهنجن حواسن تي پوندڙ اثرن جي اُپٽار ڪندي پڙهندڙن کي به ان ڪيفيت مان گذاريو.

## پيشيوراڻي رپورٽنگ جا ڪارائتا اُصول:

- ايماندار رهو.
- سدائين پنهنجو پاڻ کان معلوم ڪريو ته ڪو فرد اوهان کي ڄاڻ ڇو پيو ڏئي.
- ڪنهن خبر تي اوهان طرفان سڀ کان اهم فيصلو پنهنجي ذريعي تصديق سان ئي ٿي سگهي.
- عمومي سوالن کانسواءِ باقي سمورن مامرن تي به پيرا پڇڻ جي عادت وجهو.
- جيڪڏهن اوهان جو مخاطب پُرجوش يا ٻُڌل آهي ته پوءِ به نه پر چار پنج پيرا معلوم ڪريو.
- جيڪڏهن اوهان پُرجوش يا ٻُڌل آهيو ته جيترو تيزيءَ سان ممڪن هجي نوٽس وٺو. بعد ۾ پنهنجي نوٽس تي پروسو ڪريو نه ڪي يادگيريءَ تي.
- هر ڪنهن کان ڪجهه نه ڪجهه ڪارائتو پرائي سگهو ٿا.
- ڪجهه استثنائن کانسواءِ ماڻهو اوهان کي اُهو ڪجهه ٻُڌائڻ چاهيندا جيڪي هو ڄاڻن يا سمجهن ٿا.
- ماڻهو پنهنجين زندگين جا سڀ کان وڏا مختيار آهن.
- هر ممڪن حد تائين پنهنجي سر صورتحال جو ادراڪ ڪريو. جڏهن اِها پڪ هجيوَ ته ڏسڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو تڏهن به ان تي عمل ڪريو.
- ڪنهن سني انٽرويو جو راز اِهو ڄاڻڻ آهي ته اوهان جو مخاطب ڇا جي متعلق ڳالهائڻ ٿو چاهي ۽ کيس ڳالهائڻ ڏيو.

- ٽيپ رڪارڊر استعمال ڪرڻ جي صورت ۾ بہ نوٽس وٺو.
- جيڪڏهن خبر جو تعلق جنگ، قدرتي آفت، هنگامي يا ڪنهن اهڙي ئي مامري سان آهي تہ ابتدائي رپورٽ ورلي ئي درست ٿي سگهي ٿي.
- ڪنهن آفت يا وڳوڙ دوران تڙ تڪڙ ۾ رپورٽ ڪيل نقصانن جا انگ اڪر غير درست ٿي سگهن ٿا.
- ماڻهن جي مقصدن جي وضاحت ڪرڻ ۾ انتهائي خبردار رهو.
- جيڪڏهن ڪا تنقيدي شيءِ لکي رهيا آهيو يا ڪو نقطءِ نظر بيان ڪري رهيا آهيو تہ هر ممڪن ڪوشش ڪري مخالف نقطءِ نظر بہ اوتري ئي مضبوطيءَ ۽ جوش سان شامل ڪريو.
- سدائين اِهو تصور ڪريو تہ اهڙي فرد لاءِ لکي رهيا آهيو جيڪو اوهان سان سهمت ناهي، يا هو اِهو مڃڻ لاءِ تيار نہ هوندو تہ اوهان جيڪي ڪجهہ لکيو آهي سو سچ آهي. اوهان جو ڪم اهڙي فرد کي يقين ڏيارڻ آهي تہ اوهان حقيقتن کي بلڪل درست ۽ شفاف طريقي سان بيان ڪيو آهي.

## چونڊن جي رپورٽنگ لاءِ ڪارائتا اُصول:

ڏاهپ پري عوامي رابطي جا طريقا استعمال ڪندڙ اُميدوارن تي، پوءِ پل سندن اُٿاريل مامرن جو چونڊن سان تعلق نہ بہ هجي، نظر رکو. ڪجهہ اُميدوار معيشت ۽ روزگار جهڙن اهم معاملن جو ذڪر ڪرڻ بدران پنهنجن مخالفن خلاف ڏڪار پري مهم هلائي پنهنجي لاءِ وڌيڪ توجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا. (ان ڏس ۾ ذاتي يا ڪٽنبي مامرا خاص طور تي موضوع بڻبا آهن.)

## تڪرارن کي هٿي ڏيڻ کان بچو:

اڪثر اِهو ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ڪا خبر نہ هوندي آهي تہ ڪجهہ رپورٽر ۽ ايڊيٽر ڪنهن ست پرئي تڪرار تي مرچ مصالحا ہرڪيندا آهن. بهتر تہ اهو ٿيندو جو اهو ڏينهن ويهن سيڪنڊن جي نشري يا اخباري سُرخيءَ واري خبر کانسواءِ گذرڻ ڏنو وڃي.

## هر ڪنهن لاءِ هڪ جيترو وقت:

هر اُميدوار کي ڏنل وقت ۽ جاءِ جو اسڪور بورڊ وانگر رڪارڊ رکو. اڻ برابريءَ واري رپورٽنگ ساک ۽ پڙهندڙ وڃائڻ جو يقيني دڳ آهي.

## ووٽرن کي نہ وساريو:

رپورٽر کي ووٽرن جي سوچ جي انداز سان تعلق رکڻ گهرجي. ان ڏس ۾ نہ رڳو سروي ۾ گهٽين، رستن تي ماڻهن کان فوري تاثر وٺڻ گهرجن پر ماڻهن جي زندگي گذارڻ واري انداز کي بہ ڦلهورڻ گهرجي. ملڪ جي اهم علائقن جوئي نہ پر ڏورانهن علائقن جو پڻ جائزو وٺڻ گهرجي.

## حد کان وڌيڪ تجزيو نہ ڪريو:

اُميدوار جي هر قدم جو تجزيو ڪرڻ تي سگهہ ۾ وقت سيڙائڻ بدران پڙهندڙن کي اِهو ٻڌائجي تہ ووٽر ڇا ٿا سوچين، نہ کي آفيس ۾ ويهي سپنا ڏسجن.

- "درستيءَ جي سرڪٽ" کان بچو.

اِها صورتحال اڪثر اوڏي مهل پيش ايندي آهي جڏهن ڪو ادارو (اڪثر اڻ اعتبار جوڳو) ڪنهن افواهہ يا هڪ ذريعي تي ٻڌل ڪا خبر هلائيندو آهي ۽ ٻيا ادارا خبر رهجي وڃڻ جي ڊپ کان ان جي پوئواري ڪندا آهن.

- ادارا ڪنهن بہ سياسي مهم، افواهہ يا اسڪينڊل تي پنهنجي تفتيشي ڪوشش وارا ساڳيا رپورٽنگ جا معيار لاڳو ڪن. يعني هر حقيقت جي ٻيهر ڇڪاس ٿيڻ گهرجي.
- رپورٽر کي ڪنهن اميدوار بابت اڻ ڇڪاسيل ڄاڻ، خاص طور تي ڪمزور ذريعي کان آيل ڄاڻ اڳتي وڌائڻ جو فقط ٿپالي نہ بڻجڻ گهرجي، اشاعت/ نشريات کان اڳ حقيقتن کي جاچڻ بابت پنهنجي معيار تي قائم رهو.

## انتهائي اثر انگيز تحرير لاءِ پنج فني اُصول:

تحقيق ڄاڻائي ٿي تہ ٽي شيون ذريعي کي ساک پريو ٿيون بڻائين:

- موضوع جي جوهر کي ڄاڻي وٺڻ.
- پڙهندڙن / ڏسندڙن سان ميل ڪائڻ/ رابطي ۾ اچڻ
- ڪم ۾ جوش ۽ سگهہ لڳائڻ

جوڳي ۽ جامع رپورٽنگ پڙهندڙن کي سهمت ٿي بڻائي تہ رپورٽر پنهنجي مواد متعلق باخبر آهي.

خوشسمتيءَ سان وڌيڪ سگهہ/ جوش پري لکڻي بهتر ساک ڏانهن تيز ۽ آسان ترين رستو آهي. انتهائي اثر انگيز لکڻي مخصوص اسلوبن مان سامهون

اچي ٿي ۽ ڪوبہ ليڪڪ نسبتاً مختصر ضابطي ۾ پنجن اهم سگهہ بخشيندڙ نُقطن ۾ مهارت حاصل ڪري سگهي ٿو.

### 1_ عمومي جملي جي ڊيگهہ ڪي مختصر رکو.

حقيقي طور توجهہ چاهيندڙ ليڪڪ پنهنجا جملا ورلي ئي سترنهن لفظن کان وڌائيندا. يقيني طور تي دلچسپي پئدا ڪرڻ لاءِ هو جملي جي ڊيگهہ کي تبديل ڪندا رهندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن صاف شفاف انتهائي منظم جملي کي 30 کان 35 لفظن تائين بہ کڻي وڃي سگهن ٿا. پر ان کانپوءِ هو پنهنجي بيهڪ بدلائيندا. ڪنهن سٺي مواد ۾ ڪي جملا ڇهن يا انهن کان بہ گهٽ لفظن جا ٿي سگهن ٿا.

### 2_ سگهارا فعل استعمال ڪريو:

عمل ڪانسواءِ ڪابہ ہي شيءِ سگهہ نٿي بخشي ۽ فقط فعل ئي عمل جي اُپٽار ٿا ڪن. معتدي فعل سڀ کان وڌيڪ گهمسان پئدا ڪن ٿا. اهي سڌي سنئين ڳالهہ ٿا واضح ڪن. جنهن سان ٻوليءَ ۾ ٻي روڪ وهڪرو پئدا ٿئي ٿو.

معتدي فعل ۾ قوت پڻ شامل هجي ٿي.

"تينڪر لاوي جيان ڦاٽي پيو."

پر ڳانڍاپي وارا لفظ تحرڪ کانسواءِ هوندا آهن. تنهن ڪري لکڻيءَ کي ڪمزور بڻائي ڇڏيندا آهن. اهي فقط اهو ڄاڻائيندا آهن تہ ڪي شيون ساڳيءَ ريت ٻين جهڙيون آهن يا ناهن. "چنڊ نيرو آهي"، "ناهہ جون ڳالهيون اينگهائيندڙ آهن."

پنهنجي بڻ بڻياد ۾، ڳانڍاپي وارا فعل فقط اُپٽار آهن. اِهي مؤقف پيش ڪري سگهن ٿا پر اهي اصل احوال نٿا اوري سگهن.

فعلن سان هڪ ٻي حڪمت عملي مڪمل طور تي سُٺن عملي لفظن کي اسمن ۾ تبديل ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ آهي. آگر (پچاڙڪا لفظ) کان هوشيار رهو. جيڪي اڪثر لفظ جي بڻ بڻياد ۾ شامل سگهہ کي گهائي وجهندا آهن.

### 3_ مفعول بدران عامل/ فعل کي ترجيح ڏيو:

هر چڱو لکندڙ ان سان سهمت آهي تہ عامل آواز قوت ٿو بخشي. جڏهن تہ مفعول ان کي جهوري ٿو. مسئلو اِهو آهي تہ مشڪل سان ڪا شيءِ لکڻيءَ وانگر سانگو ٿي پئدا ڪري، ۽ سانگو وري ڀر ٿو پئدا ڪري. جيڪا اڪثر مفعول ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿي.

ان ڪري اسين “وچ جهاز تي ڪڙڪي پئي” بدران لکندا آهيون، “جهاز تي وچ ڪڙڪي پئي”. يا “ووٽرن الف کي چونڊيو” بدران “الف کي وڌيڪ ووٽ مليا.” يا وري “درياهه سکر کي ٻوڙي ڇڏيو” بدران لکندا آهيون، “سکر درياهه جي چاڙهه سبب ٻڏي ويو.”

4. اصل موضوع تي ڌيان رکو:

نوس اسم، فعل ۽ ڦير ڦار ڪندڙ سگهه ڏيندڙ شامل ڪن. ڦير گهير انهن کي ڇڙواڳ بڻايو ڇڏي. سنا ليکڪ سدائين پنهنجو پاڻ کان پڇندا آهن ته ڇا هو بنيادي معنيٰ کي قربان ڪرڻ کانسواءِ مسودي ۾ هر لفظ کي وڌيڪ تُز بڻائي سگهن ٿا؟ ان ڪري هو “ماڻهو جيڪي شريڪ ٿيا” بدران “سامعين/ شرڪاءُ” لفظ کي ترجيح ڏيندا آهن.

هو پنهنجين لکڻين کي نوس خاڪن سان پريندا آهن، جيڪي پڙهندڙ ڏسي سگهن. تفصيل وزن ٿا وجهن ۽ وزن اثر ٿو وجهي.

5. جهول ختم ڪريو:

لکڻيءَ ۾ اضافو نه آڻيندڙ هر ڳالهه ڪٽي ڇڏيو غير ضروري لفظ اثر زائل ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪجهه جهول اڪثر طور تي پهرين مسودي ۾ شامل ٿي ويندا آهن. ان ڪري پيهر لکڻ غير ضروري شيون ڪٽڻ واسطي هئڻ گهرجي. سولو ترين طريقو ئي بهتر آهي، يعني مسودي جو لفظ به لفظ جائزو وٺو ۽ هرهڪ لفظ تي ڌيان ڏيندي غير ضروري ڳالهيون ڪٽيندي، مناسب ۽ درست لفظ شامل ڪريو. جيڪڏهن ڪو لفظ هٽائڻ کانپوءِ به مفهوم برقرار رهي ٿو ته ان کي هٽائڻ ۾ ويرم ئي نه لڳايو.

## پنهنجي پڙهندڙ بابت ڄاڻ ۾ هيءُ ڪارائتا سوال شامل هئڻ گهرجن:

هو ڪٿي ٿو رهي؟ ڪم ڪار سان آهي يا بيروزگار يا رٽائر ٿيل آهي؟ ڪهڙي قسم جو ڪم ڪري ٿو؟ پڙهندڙن جي وڏي تعداد جي رهائشي علائقي بابت پتو هئڻ سان اوهان کي پنهنجين خبرن جي نوعيت جي حوالي سان مدد ملي سگهي ٿي. اشتهار حاصل ڪرڻ وارن علائقن جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي ۽ ڪهڙن علائقن ۾ سرڪيوليشن وڌائڻي آهي؟ بابت پڻ ڄاڻي سگهو ٿا. پنهنجن

پڙهندڙن جي روزگار واري صورتحال جو ادراڪ هئڻ سان اوهان کي اخبار جي قيمت، اشتهارن ۾ اسم ڏيکارڻ ۾ پڙهندڙن کي گهربل بجلي، گئس ۽ ٻين اسمن ۽ خدمتن جي اگهن جهڙن بنيادي مالي موضوعن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. اوهان جي اڪثر پڙهندڙن جي ڪرت ڪهڙي آهي؟ بابت ڄاڻڻ سان خبرن ۽ اشتهارن جي چونڊ ۾ پڻ سولائي ٿئي ٿي.

هو ڪيتري مستقل مزاجيءَ سان اخبار پڙهن ٿا؟ تقريباً روزانو هفتي ۾ ڪجھ ڀيرا، هفتي ۾ هڪ ڀيرو، ڪڏهن ڪڏهن يا هو اڄ پهريون ڀيرو اوهان جي اخبار جو نالو ٻڌي رهيا آهن. جيڪڏهن اوهان کي اهو ٿو پتو پوي تہ اوهان جا پڙهندڙ ڪڏهن ڪڏهن ئي اخبار پڙهن ٿا تہ پوءِ اوهان کي پنهنجي اخبار ۾ ڪو هڪ اهڙو سگهارو عنصر شامل ڪرڻو پوندو جيڪو پڙهندڙن کي اخبار ڏانهن متوجھ ڪري. ان ڏس ۾ ننڍڙن اشتهارن جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهو ٿو پتو پوي تہ اوهان جا پڙهندڙ هفتي ۾ هڪ ڀيرو يا ڪجھ ڀيرا اخبار ٿا پڙهن تہ پوءِ ڪين مستقل پڙهڻ ڏانهن هرکائڻ لاءِ اوهان کي ڪا اهم رپورٽ هڪ ئي ڀيرو شايع ڪرڻ بدران لاڳيتو/ قسطن ۾ شايع ڪرڻي پوندي.

ابتدائي طور تي، سوالناموپري واپس ڪرڻ لاءِ اوهان طرفان پڙهندڙن کي ڪا ترغيب ڏيڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. انهيءَ ترغيب ۾ اخبار جي مفت ڪاپي، مفت ننڍا اشتهار، اخبار جي لوح اُڪريل رائيٽر جهڙي ڪا ننڍڙي سوکڙي، يا اوهان جي ڪنهن اشتهار ڏيندڙ ڪمپنيءَ کان سستو وکر وٺڻ پڻ شامل آهي. ترغيب کي ننڍو رکو تہ جيئن ان جو اطلاق بہ ڪري سگهو. جڏهن سوالنامو شايع ڪريو تہ خاطريءَ سان پنهنجن پڙهندڙن کي اهو مڪمل ڪري پهچائڻ ۽ سوکڙي حاصل ڪرڻ کان آگاھ ڪريو. سوالنامي ۾ پڙهندڙن لاءِ سهولتون رکو. ياد رکو تہ اهو سوالناموپريندي هو اوهان سان ڀلائي ڪري رهيا آهن.

آخر ۾ جڏهن سوالنامن ذريعي سهيڙيل ڄاڻ جي نتيجي ۾ ڪا تبديلي يا اضافو ڪريو تہ ان کي پڙهندڙجا ٿورا مڃيندي ايڊيٽر جي نوٽ سان اخبار ۾ شايع ڪريو.

باب چوٿون

# سُٺي حڪمراني، ضابطءِ اخلاق ۽ ميڊيا

## جمهوريت ۽ سُٺي حڪمرانيءَ ڪي هٿي ڏيندڙ سُڌ سماءُ جي اخلاقيات جا بنيادي اُصول:

سمورن سُڌ سماءُ جي ادارن ۽ صحافين کي پابند بڻائيندڙ ضابطي اخلاق ان جي خاطري ٿو چاهي تہ تحريري سُڌ سماءُ صحافت جي بهترين عالمي معيارن کي برقرار رکندي آزاد ۽ پنهنجن پڙهندڙن جي ضرورتن ۽ اُميدن ڏانهن حساس هجي.

اِهي معيار اخبارن کان درست ڳالهہ ڪرڻ ۽ پيشيوراڻي ساک لاءِ پتوڙ ۽ عوامي مفادن ۾ تفتيشي صحافت جي بهترين روايتن جي سربلندي، ڏيان ڇيڙيندڙ واپاري انداز يا مناسب دباءُ يا ذاتي محدود مفاد آڏو ريجهڻ کان بچڻ جي توقع ٿا رکن.

اخبارون ۽ صحافي، پنهنجو موقف مضبوطيءَ سان پيش ڪرڻ لاءِ آزاد هوندي بين جي نقطءِ نظر تي مناسب توجهہ ڏين ۽ سماجي ذميواريءَ جي اظهار ڏانهن سلهاڙيل هئڻ گهرجن. اِهو ضابطو فرد جي حقن جو تحفظ ۽ ماڻهن جي ڄاڻڻ واري حق جي سربلنديءَ جو احاطو ٿو ڪري، ان کي رڳو لفظي نہ پر عملي مانُ ڏيڻ گهرجي ۽ ان جي ايتري محدود انداز ۾ اُپٽار نہ ڪجي جو فرد جي حقن جي تعظيم تي ڪو داغ اچي ۽ نہ وري ايترو وسيع طور تي وٺجي جو عوامي ڀلائيءَ ۾ اشاعت کي ئي ڇنجو اچي وڃي. ان ڏس ۾ هيٺين معياري عملي وهنوارن تي نظر وجهڻ گهرجي:

### درست رپورٽنگ:

- سُڌ سماءُ کي خبرون ۽ تصويرون درست ۽ ڪنهن ڦير گهير کانسواءِ رپورٽ ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.
- اشاعت کان اڳ درست هئڻ جي جاچ لهڻ لاءِ ايڊيٽرن ۽ انفرادي صحافين کي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جتي اهڙي تصديق عملي طور تي ممڪن نہ هجي، رپورٽ ۾ ان بابت ڄاڻايو وڃي.
- ايڊيٽر ۽ سندن عملو بشمول ٻاهريان حصيدار (فري لانسر وغيره) مواد کي اهڙي نموني سان شايع نہ ڪن جو ڪنهن اهڙي مامري جي پنيرائي ٿئي جنهن بابت ڪين پڪ يا امڪان هجي تہ اِهو غلط يا غير درست ٿي سگهي ٿو.
- اشاعت کي عوامي مفاد ۾ تفتيشي / تحقيقي صحافت لاءِ همٿايو وڃي.

## درستگيون ۽ معذرتون:

جيڪڏهن ايڊيٽر سمجهي تہ مواد جي حوالي سان رپورٽ درست نہ هئي تہ ان کي هڪدم ۽ نمايان طور تي درست ڪيو وڃي ۽ جتي مناسب هجي معذرت ڪئي وڃي، سواءِ ان جي جو درستگي يا معذرت آزاريل ڌر جي خواهشن جي اُبتڙ هجي.

## جواب ڏيڻ جو موقعو:

- حقيقتن جي لحاظ کان ڪنهن غير درست بيان / رپورٽ تي فردن ۽ ادارن کي جواب ڏيڻ / وضاحت ڪرڻ جو مناسب ۽ جوڳو موقعو ملڻ گهرجي. ان کي حقيقتن بابت شڪايت ڪندڙ جي مؤقف تائين محدود هئڻ گهرجي ۽ مبينہ طور تي غير درستگيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي.
- جيڪي اخبارون ۽ صحافي، شڪايت ڪندڙ جي جواب تي معذرت يا افسوس کانسواءِ ڪا موٽ ڏين ٿا تن کي آزاريل ڌُر طرفان ان جي وراڻيءَ جو موقعو ڏيڻ لاءِ پڻ تيار رهڻ گهرجي.

## ڳجها ذريعا:

هر صحافيءَ تي ڄاڻ جي ڳجهن / ظاهر نہ ڪيل ذريعن جو تحفظ ڪرڻ جي اخلاقي ذميواري آهي، جيستائين ذريعو ان جي اُبتڙ جي اجازت نٿو ڏئي.

## عمومي رپورٽنگ ۽ لکڻي:

ڪنهن مخصوص صدمي يا جذباتي طور تي پيڙا پري نوعيت واري ڪنهن مامري جهڙوڪ وحشت، تشدد، منشيات، ڪنورتا، ايذاءُ رساني، جنسي ڏاڍائي ۽ فحاشيءَ جهڙي سماجي مامري سان منهن ڏيڻ ۾ سُڌ سماءُ حقيقتون، موقف، تصويرون ۽ خاڪا شايع ڪرڻ ۾ خاص خيال رکندي انهن کي عوامي پلائيءَ واسطي پيش ڪرڻ واري مقصد کي آڏو رکندي مناسب حساسيت جو مظاهرو ڪري.

- ڏوهن جي بيان يا ڏوهاري ڪيسن جي رپورٽنگ ڪندي عوامي مفاد ۾ هئڻ ۽ قانوني طور تي اجازت مليل هئڻ تائين ادارا :

(الف) جنسي ڏوهن جي شڪار ٿيلن جا نالا ظاهر نہ ڪندا.

(ب) ڪنهن ڏوهاري ڪم ۾ ملوث ڪنهن اهڙي فرد جو نالو جاڻي ٻوجهي ظاهر نہ ڪندا جنهن جي چمار سورنهن سالن کان گهٽ هوندي ۽ جنهن کي اڳي ڪا سزا نہ آيل هوندي.

(پ) رضامنديءَ کانسواءِ ڪنهن ڏوهہ لاءِ نامزد ٿيل فرد جي مٽن مائٽن جا نالا ظاهر نہ ڪيا ويندا.

- ڪو صحافي شعوري طور تي يا جاڻي ٻُجهي نسلي يا مذهبي ڏقيڙ ۽ تشدد کي نہ همٿائيندو.
- سُڌ سماءُ ڪنهن فرد جي نسل، رنگ،مذهب، صنف يا ڪنهن جسماني يا ذهني بيماري يا محتاجيءَ جي حوالي سان ڪنهن مت ڀيد واري يا توهين آميز حوالي کان پرهيز ڪندي. اِها رپورٽ سان سڌو سنئون لاڳاپيل نہ هئڻ تائين ڪنهن فرد جي نسل، ذات، مذهب، جنسي انداز، جسماني يا ذهني بيماري يا محتاجيءَ جا تفصيل شايع ڪرڻ کان پاسو ڪندي.

## خلوت/ پوشيدگي:

سُڌ سماءُ فرد جي ذاتي ۽ ڪٽنبي زندگي، سندس گهر، صحت ۽ لکپڙهہ جي تعظيم جو خاص طور تي خيال رکندي. خلوت واري انهيءَ حق ۾ مداخلت جو ڪجهہ انتهائي عوامي دلچسپين جي صورت ۾ ڪو جواز نڪري سگهي ٿو.

- عوامي مفادن ۾ هئڻ کانسواءِ، ماڻهن جون سندن مرضيءَ کانسواءِ خانگي يا عوامي ماڳن تي ڊگهي فاصلي واري لينس يا ڳجهين ڪئميرائن ذريعي تصويرون ڇڪڻ ناقابل قبول آهي.

- جن معاملن ۾ ڏک يا صدمي جا عنصر شامل هجن، اُتي سوالن يا انداز کي انتهائي حساسيت ۽ ساڃهه سان اختيار ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏريو وڃي.
- ننڍي ڄمار وارن ٻارن کي غير ضروري مداخلت کانسواءِ پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏڻ گهرجي. سندس پنهنجي يا ڪٽنب يا سنڀاليندڙ سان انتهائي عوامي دلچسپيءَ جي صورت ۾ ئي ڪنهن ٻار جي خانگي زندگيءَ بابت ڪو اشاعتي مواد قابل قبول ٿي سگهي ٿو.
- اسپتالن يا اهڙن ڪن ٻين ادارن ۾ فردن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي حوالي سان خلوت ۾ مداخلت تي جهل کي خاص طور تي مدنظر رکيو وڃي، جيستائين ان ذريعي ڪنهن عوامي دلچسپي/ مفاد جو پورائو نه ٿيندو هجي.

## هيسائڻ ۽ حيلي بازي:

صحافين بشمول فوٽوگرافرن کي هرڪائڻ يا هيسائڻ يا غلط بياني يا هيلي بازيءَ سان ڄاڻ يا تصويرون حاصل ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڊگهي فاصلي وارا لينس يا ڏور- ٻُڌڻا اوزار استعمال نه ڪرڻ گهرجن، جيستائين انهن جو عوامي دلچسپيءَ جي حوالي سان جواز پيش ڪري نه سگهجي ۽ مواد ڪن ٻين طريقن/ ذريعن سان حاصل نه ڪيو ويو هجي.

## تعظيم:

- هر صحافي پنهنجي پيشي جي تعظيم کي مقدم رکندو.

## تشريح:

عوامي مفاد/ دلچسپيءَ ۾ هيءُ ڳالهيون شامل آهن:

- جمهوريت، سٺي حڪمراني، اظهار جي آزادي ۽ ماڻهن جي بنيادي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ مٿن سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت اثرانداز ٿيندڙ واقعن ۽ سندن چونڊيل حڪومت بابت کين مطلع ڪندو رهڻ ۽ ڏوهن، بدعنوانين، بدانتظامين يا ڪنهن انتهائي خراب هلت جو پتو لڳائڻ يا ان کي وائکو ڪرڻ.
- عوامي صحت ۽ تحفظ ۽ سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي معيارن جو تحفظ ڪرڻ.
- ڪنهن فرد يا تنظيم طرفان بيان يا عمل ذريعي ماڻهن کي گمراهه ٿيڻ کان بچائڻ، عوامي مفاد/ دلچسپي هئڻ جي صورت ۾، سُڌ سماءُ شڪايتي

ڪميشن ايڊيٽر ۽ /يا صحافيءَ طرفان عوامي مفاد/ دلچسپيءَ جي پورائي لاءِ وضاحت طلب ڪرڻ جي اهل آهي.

## نسلي تاءُ/ ڇڪتاڻ بابت رپورٽنگ ڪرڻ:

(هيٺ ڄاڻايل اُصول اپريل 1970ع ۾ پريس فائونڊيشن ايشيا طرفان ڍاوائو ستيءَ ۾ ڪوٺايل هڪ نوَ ملڪي صحافتي ڪانفرنس ۾ جوڙيا ويا)

- ڪنهن هڪ خبر ۾ حقيقتن جي درستگي مڪمل سچ جو متبادل ناهي. ڪا هڪ خبر رپورٽ، جيڪا حقيقتن جي حوالي سان درست هجي، سا بہ گمراهہ ڪندڙ ٿي سگهي ٿي.
- تعصب اخباري وڪرو تہ وڌائي سگهي ٿو پر اخبارن کي مالي فائدن واسطي انساني جذبن/ خدشن کي استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- مخلوط/ گاڏڙ معاشرن ۾، ايڊيٽرن کي مخصوص رپورٽنگ، مختلف گروهن بابت عام روايتي تعصبن ذريعي خطرن/ جوکمن کي هٿي ڏيڻ کان باخبر رهڻ گهرجي. ڪنهن هڪ فرد يا فرد جي ٿورڙي تعداد جي رويي تي ٻڌل عمومي پڙهو هر صورت ۾ نامناسب آهي.
- جڏهن بہ فرقيوار تاءَ جا امڪان هجن، تڏهن انهن جي مخفي سببن کي ڄاڻڻ، جاچڻ ۽ واکو ڪرڻ جي مستقل ڪوشش جي ضرورت ٿئي ٿي.
- انگ اکر جوش وڌائڻ لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿا. انهن کي سدائين جاچيو ۽ اُپٽاريو وڃي.
- فرقيوار، نسلي يا مذهبي نوعيت جون سموريون خبرون/ رپورٽون سدائين ذريعن ڏانهن منسوب ڪيل هئڻ گهرجن. ذريعن جي ساک/ حيثيت جي مناسب طور ڪٿ لڳائڻ گهرجي.
- غير مناسب ۽ متڀيد تي ٻڌل اشتهار قبول ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.
- شايع ٿيندڙ خطن جي لهجي ۽ سچائيءَ بابت ايڊيٽر ذميوار ٿين ٿا.
- ترجمي ۾ هٿ چراند سان، خاص طور تي جتي گهڻيون ٻوليون ڳالهايون وينديون هجن، هاڃو رسي سگهي ٿو. مختلف گروهن ۾ مختلف لفظن جا مختلف مفهوم ٿي سگهن ٿا.

- اهو سمجهڻ گهرجي تہ ادارتي تبصرو پوءِ پل اهو ڪيترو ئي خوشگوار ڇو نہ هجي، ڪنهن گمراهہ ڪندڙ خبر/ رپورٽ ذريعي رسيل هاڃي جو ضروري ناهي تہ ازالو بہ ڪري.
- سُرخين ۾ خاص طور تي ٿڌي ۽ معتدل ٻولي استعمال ڪرڻ گهرجي، شعلي بيانيءَ لاءِ ڪا بہ رعايت نٿي ڏئي سگهجي. هيبتناڪ ۽ رت ـ هاڻن تفصيلن ۽ ماضيءَ بابت جوشيلا حوالا ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.
- مخلوط/ گاڏڙ معاشرن ۾ جتي اڪثر غير ارضي وفادارين جا الزام لڳندا هجن ۽ اهي ڇڪتاڻ جو پڻ سبب بڻبا هجن. مڪمل طور تي پڪ ٿيڻ تائين ڪنهن پرڏيهي طاقت طرفان مداخلت متعلق خبرون ڏيڻ ۾ انتهائي خبرداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.
- ڪنهن نسلي، مذهبي يا فرقيوار گروهہ متعلق ڪنهن خبر/ رپورٽ بابت درست ڳالهہ/ سچائي ڇڪاسڻ لاءِ روايتي صحافتي/ اخباري معيارن جو سخت اطلاق ڪيو وڃي. بيانن کي ڪنهن بہ ذريعي، بشمول سرڪاري عملدارن جي، طرفان آگهہ لاهڻ طور نہ ورتو وڃي ۽ جتي ضروري هجي اخباري ڪالمن ۾ انهن سان گڏوگڏ وضاحتون پڻ شامل ڪيون وڃن.
- اڻ تصديق ٿيل افواهہ اخبارن لاءِ مناسب مواد ناهن، خاص طور تي جتي تشدد بابت گمان ۾ وڏا خطرا/ جوکم هجن.
- جتي تشدد واري صورتحال هجي، اُتي ابتدائي واقعن جي خبر/ رپورٽ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي.
- تشدد شروع ٿيڻ کانپوءِ، حڪومت طرفان معلومات جي فراهمي اهم آهي. افواهن، گمان ۽ غير ضروري ڏڦير کان بچڻ لاءِ انهيءَ ذريعي کان جاڻ جي مسلسل فراهمي هر صورت ۾ هئڻ گهرجي. انهن حالتن ۾، حڪومت ۽ سُڌ سماءُ وچ ۾ ويجهو رابطو بنيادي آهي پر ان صورتحال ۾ مفادن/ پاليسيءَ ۾ ڪا ڦير گهير نہ ٿيڻ گهرجي.
- نقصان (فوتگي/ زخمي) جا انگ اکر ردعمل جو سلسلو شروع ڪري سگهن ٿا، تجربن ثابت ڪيو آهي تہ سرڪاري انگ اکر گهٽ وڌ ٿين ٿا.

- تصويرون حقيقتن کي توڙي موڙي سگھن ٿيون. ڪا غير نمائندي تصوير ڪنهن خبر کان وڌيڪ اثرانداز ٿي سگھي ٿي.
- صحافي، خاص طور تي پرڏيهي خابرو، واقعن ۽ لاڙن جي پسمنظر کي جوڳي ريت سمجهڻ کانسواءِ گھوٽالي بابت رپورٽنگ کان پاسو ڪن.
- مختلف ٻولين ۾ اخبارون شايع ڪندڙ ادارن ۾ ان ڳالھ جو خاص طور تي خيال رکيو وڃي تہ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ ۽ پڙڪندڙ مامرن تي هڪ جهڙي ڳالھ ڪئي وڃي. احاطي ۽ مؤقف ۾ فرق جا پوندڙ اثر پيانڪ ٿي سگھن ٿا.
- مخلوط معاشرن ۾ سماجي، معاشي يا مذهبي ڇڪتاڻ جي سببن بابت اخباري ۽ نشرياتي صحافت کي سماجي مول متن سان تحقيقي ۽ وضاحتي رپورٽون ڏيڻ گھرجن. ان سان نہ رڳو ادراڪ پئدا ٿي سگھي ٿو پر معمولي واقعن کي هنگامي/ ڏقير ۾ تبديل ڪندڙ شڪ شبهي ۽ ناراضگيءَ واري ماحول کي ٽڏو ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملي سگھي ٿي.

## صحافتي اخلاقيات ۽ معيار:

صحافتي اخلاقيات ۽ معيارن ۾ پيشيور صحافين کي پيش ايندڙ مخصوص للڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ اخلاقيات ۽ سٺي عمل جا اُصول شامل آهن. تاريخي طور تي خود هاٽوڪي دؤر ۾ بہ اهي اُصول صحافين ۾ وڏي پئماني تي سندن پيشيوراڻي "ضابطي اخلاق" يا "صحافتي ضابطي" طور سڃاتا وڃن ٿا. بنيادي ضابطا عمومي طور تي پيشيور صحافتي تنظيمن ۽ انفرادي/ اشاعتي، نشرياتي ۽ آن لائن خابرو ادارن طرفان جوڙيل بيانن ۾ پيش ڪيل هوندا آهن.

هاٽوڪن ضابطن ۾ ڪجھ فرق هئڻ جي باوجود، اڪثر ۾ هڪ جهڙا اُصولي جُزا جهڙوڪ سچائي، درستگي، معروضيت، اڻ ڏرائپ، انصاف تي ٻڌل ۽ عوامي پچاٽو شامل هوندا آهن. جيڪي خبر لائق ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ بعد ۾ ان کي عوام تائين رسائڻ ۾ لاڳو ڪيا ويندا آهن.

ڪيترن ئي وسيع تر اخلاقي سرشتن جيان صحافتي اخلاقيات ۾ بہ "گھٽ کان گھٽ نقصان" وارو اُصول شامل آهي. ان ۾ اڪثر معصوم ٻارن جي نالن، ڏوھ جي شڪار ٿيلن جي نالن ۽ ڪنهن جي ساک کي هاڃو رسائيندڙ پر مخصوص خبر/ رپورٽ سان سڌو سنئون تعلق نہ رکندڙ ڄاڻ کي مخفي رکڻ شامل آهي.

اِهي ضابطا ڪنهن حد تائين صحافين ۽ پبلشرن هٿان ماضيءَ ۾ اخلاقي جهول جي مشاهدي ۽ انهن کي موٽ ذريعي سامهون آيا آهن. هاڻ اهي مستقل ۽ فري لانس صحافين ٻنهي جي ڪم ڪار وارن شرطن ۾ شامل هوندا آهن. اخلاقي ضابطن جي پاسداري نہ ڪرڻ تي صحافي برطرف ٿي سگهن ٿا. پيشيوراڻن معيارن جي پاسداريءَ خاطر ڪنهن خابرو اداري جي ساک ۽ مٿس اعتماد ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو جنهن سان سندس مخاطب ٿيندڙن جو تعداد وڌي سگهي ٿو.

صحافتي ضابطءِ اخلاق انيڪ ڏکيائين جهڙوڪ مفادن/ دلچسپين ۾ ٽڪراءُ ۾ سونهين طور جوڙيا ويا آهن. جيڪي صحافين کي ڪنهن بہ اخلاقي مونجهاري دوران مدد فراهم ڪن ٿا. اهي ضابطا صحافين کي پنهنجي پيشيوراڻي ڪم ڪار دوران پنهنجو پاڻ کي نظرداري ۽ خود۔ درستگيءَ لاءِ هڪ وهنوار فراهم ڪن ٿا.

سٺي صحافت جا اُصول عوام کي انتهائي معيار واري رپورٽنگ فراهم ڪرڻ سان لاڳاپيل آهن. ان ريت اِهي عوامي مفادن جي خدمتن ۾ جاڻ جي وقت سر فراهميءَ جو مقصد پورو ڪن ٿا.

## عام رواجي عنصر:

صحافتي معيارن جي گهڻي ڀاڱي ضابطن ۾ بنيادي عام رواجي نُقطا هيٺين ريت ٿين ٿا:

### معروضيت:

- خبرن ۽ نقطءِ نظر ۾ واضح فرق. ادارتي مؤقفن کي واضح طورتي خبرن کان ڌار هئڻ گهرجي. رپورٽر ۽ ادارتي عملو واضح طور تي ڌار ڌار آهن.
- خبرن ۽ اشتهارن ۾ واضح فرق. سمورا اشتهار واضح طور تي سڃاڻپ ۾ ايندڙ هئڻ گهرجن.
- رپورٽر مختلف مفادن ۾ ٽڪراءُ کان پاڻ بچائين. ان ۾ رشوت نہ وٺڻ ۽ اهڙن مامرن تي رپورٽنگ نہ ڪرڻ شامل آهن. جيڪي رپورٽر جي ذاتي، معاشي يا سياسي مفادن تي اثرانداز ٿيندا هجن.
- مختلف نقطءِ نظر متوازن ۽ مناسب طريقي سان پيش ڪيا وڃن.

- ڪنهن منفي خبر جو موضوع بڻجندڙ فرد کي ان خبر جي اشاعت يا نشريات کان اڳ موٽ ڏيڻ جو هڪ مناسب موقعو فراهم ٿيڻ گهرجي.
- سنسرشپ سميت ڪنهن بہ رپورٽنگ ۾ ٿيندڙ مداخلت کي ضرور وائکو ڪيو وڃي.

**ذريعا:**

- گمنام ذريعن جي رازداري.
- جتي ممڪن هجي گمنام ذريعن کان پرهيز ڪجي.
- فردن يا ٻين خابرو ادارن جي جاري ڪيل بيانن جو درست اظهار.
- تصويرن، آواز ۽ حوالن کي گمراهہ ڪندڙ حوالي سان پيش نہ ڪيو وڃي. جيڪڏهن نقل، ورجاءُ، ڦير گهير ۽ فنڪاراڻي قياس آرائيءَ کان مڪمل طور تي پرهيز ممڪن نہ هجي تہ انهن جو واضح طور تي اظهار/ اعلان ڪيو وڃي.
- مضمون/ مواد جي چوري انتهائي بدناموسيءَ واري ڳالهہ آهي ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ غير قانوني پڻ.

**حقيقتن تي ٻڌل رپورٽنگ واسطي درستگي ۾ معيار:**

- رپورٽر مان ڪنهن خبر/ رپورٽ جي تياريءَ لاءِ مخصوص ڪيل وقت ۾ گنجائش ۾ هر ممڪن حد تائين درستگي ۾ معتبر ذريعا حاصل ڪرڻ جي توقع رکي ٿي وڃي.
- واحد اکين ڏٺي شاهد جي حوالي سان واقعن جي رپورٽنگ نسبتي ليکجي ٿي. ٻن يا وڌيڪ آزاد اکين ڏٺي شاهدن جي حوالي سان واقعن جي رپورٽنگ حقيقي ليکي سگهجي ٿي.
- پبلشر جي ڪنهن ٻئي ملازم ذريعي حقيقتن جي آزاداڻي چڪاس قابل قبول آهي.
- غلطين جي نشاندهي ٿيڻ تي درستگي شايع ڪئي وڃي.
- عدالتي ڪيسن ۾ جوابدارن کي سزا اچڻ تائين "مبينہ طور"/ "شڪي طور" ڪيل ڏوهہ طور ورتاءُ ڪيو وڃي، جيستائين غلط سزا متعلق ڪو وڏو تڪرار سامهون نٿو اچي.

- نقطءِ نظر بابت سروي ۾ انگن اکرن جي جاچ کي ٺُز انداز ۾ واضح ڪرڻ جي حوالي سان خاص ورتاءُ جي ضرورت هوندي آهي. ان ۾ امڪاني غلطين ۽ جھولن جو پڻ واضح اظهار ڪرڻ گهرجي.

**بهتان ۽ بدناموسي:**

- حقيقت رپورٽ ڪرڻ ڪڏهن بہ بدناموسيءَ جو باعث نٿي بڻجي، جنهن ڪري درستگي ۽ نسبت انتهائي اهم بڻجن ٿا.
- خانگي شهرين کي خلوت وارا حق حاصل آهن. جن کي سندن متعلق رپورٽ ڪندي عوامي مفادن جي ڀيٽ ۾ مناسب توازن ڏيڻ گهرجي. عوامي شخصيتن جا نسبتاً گهٽ خلوت وارا حق ٿين ٿا.
- پبلشرن کي پنهنجن رپورٽرن خلاف بدناموسيءَ وارين قانوني ڪاررواين جو پُرجوش انداز ۾ بچاءُ ڪرڻ گهرجي.

## نقصان رسڻ کي محدودڪرڻ وارو اُصول:

ڪنهن عمومي حوالي ٽيل ڪم جي سلسلي ۾ رپورٽر کي حقيقتون ۽ تفصيل سهيڙڻ، انٽرويو ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ، پسمنظر جاچڻ، تصويرون ڇڪڻ، وڊيو ۽ آواز جي رڪارڊنگ ڪرڻ وارا ڪم ڪرڻ گهرجن. ڇا ڪيس جاچڻ سڄاتل هرڪا شيءِ رپورٽ ڪرڻ گهرجي؟ جيڪڏهن ها تہ پوءِ اها ڪيئن ڪجي؟ نقصان کي محدود رکڻ واري اُصول جو مطلب آهي تہ مڪمل انڪشاف جي منفي اثرن کي ڪجهہ اهميت/ وزن ڏيڻ جي ضرورت آهي، جنهن سان عملي ۽ اخلاقي مونجهارو پيدا ٿئي ٿو.

پيشيور صحافين جي سوسائٽيءَ جو ضابطءِ اخلاق (3) هيٺين صلاح ٿو آڇي، جيڪا گهٽي ڀاڱي پيشيور صحافين جي عملي ڪمن جي نمائنده آهي:

- اخباري ڪوريج سان منفي طور تي متاثر ٿيندڙ ڏانهن شفقت وارو ورتاءُ رکو. ٻارن يا اڻ تجربيڪار ذريعن يا موضوعن تي ڪم ڪندي خاص حساسيت جو مظاهرو ڪريو.
- ڪنهن هاڃي ۽ ڏک مان متاثر ٿيلن جا انٽرويو ڪندي يا تصويرون ڇڪيندي حساس انداز جو مظاهرو ڪريو.
- اهو ذهن نشين ڪريو تہ جاچ سهيڙڻ يا رپورٽ ڪرڻ سان نقصان يا بيچيني ٿي سگهي ٿي. خبرن جي پتوڙ/ حصول غرور ڪرڻ جو لائسنس ناهي.

- اهو مدنظر رکو تہ خانگي شهرين کي اختيار اثر رسوخ يا توجهہ چاهيندڙ سرڪاري عملدارن ۽ ٻين جي پيٽ ۾ پنهنجي متعلق ڄاڻ کي وڏيڪ ڪنٽرول جو حق حاصل آهي. انتهائي عوامي دلچسپي/ مفاد ئي ڪنهن فرد جي خلوت ۾ مداخلت لاءِ جواز پيدا ڪري ٿو.
- سُٺي معيار جو مظاهرو ڪريو. حرص لاءِ هنيوڇيءَ کان پاسو ڪريو.
- ننڍيءَ ڄمار وارن جوابدارن ۽ جنسي ڏوهن جي متاثر ٿيلن جي سڃاڻپ جي حوالي سان انتهائي خبردار رهو.
- رسمي طور الزام عائد ٿيڻ کان اڳ شڪي ڏوهارين جي سڃاڻپ جي لحاظ کان امانت دار ٿجو.
- ڪنهن شڪي ڏهاريءَ جي مناسب عدالتي ڪارروائيءَ واري حق ۽ عوام جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ واري حق ۾ توازن رکو.

## پيشڪش:

اخلاقي معيارن کي پيشڪش جي معيارن جي عمومي معيارن سان منجهائڻ نہ گهرجي. انهن معيارن ۾ هيءَ شامل آهن:

- درست انداز سان ڳالهائي ۽ لکي ويندڙ ٻولي.
- شفاف/ واضح انداز.
- اختصار (يا گهرائپ. پبلشر جي صوابديد تي آڌاريل)

## خود ضابطگي:

ضابطءِ اخلاق سان گڏوگڏ ڪيترائي خابرو ادارا هڪ اندروني محتسب مقرر ڪندا آهن. جنهن جو ڪم اداري کي عوام ڏانهن ايماندار ۽ جوابده رکڻ هوندو آهي. محتسب جي ذميوارين ۾ اندروني ۽ ٻاهرين دٻائن سبب پيدا ٿيندڙ ٽڪرائن ۾ سرچاءُ آڻڻ ۽ شايع ٿيل خبرن لاءِ عوام آڏو جوابده هئڻ کي برقرار رکڻ شامل آهي.

## اخلاقيات ۽ معيار عملي صورت ۾:

ٻين اخلاقي ضابطن جيان صحافتي معيارن جي جهُرڻ بابت پڻ شديد ڳڻتيءَ جا انحصار ٿين ٿا. جديد رپورٽنگ ۾ انتهائي تڪراري مامرن مان هڪ سُڌ سماءُ جو نہ رڳو سياسي معاملن پر ثقافتي ۽ ٻين ڏسائن ۾ متعصب هئڻ آهي. هيجان انگيزي پڻ هڪ عام شڪايت آهي. حقيقتن بابت معمولي غلطيون پڻ عام جام

آهن. جيڪي ڪنهن مخصوص رپورٽ جي موضوع سان واقفيت رکندڙ ڪوبہ فرد فوري طور تي پروڙي سگهي ٿو.

سُڏ سماءُ ۾ مسلسل ايندڙ تبديلين ڪري، ڪي وسيع ڱٽتيون پڻ آهن. مثال طور اخباري رپورٽن جي اختصار ۽ نشري آوازن جي استعمال سچائيءَ تي پروسي ڪي گهٽائي ڇڏيو آهي ۽ ان سان عوامي ادراڪ لاءِ گهربل تت ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي.

پيشي کان ٻاهر واري اخباري انتظاميا ۾ اضافو سُڏ سماءُ سان شعوري طور تي هٽ چراند ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿو. مخصوص رپورٽنگ (گاڏڙ ساڌڙ ٻنا معيار) جا اڪثر اخبارن تي الزام ڌا ڌريا وڃن.

## معيار ۽ ساک:

اهم خابرو ادارن ۾، جيڪي هٽ بيان ڪيل صحافتي اخلاقيات جا عمومي معيار لاڳو ڪرڻ ۽ سرخرو رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، عمومي معيار ۽ لڳاءُ ۾ فرق نظر اچي ٿو. پيشيوراڻو انداز، پروسي جوڳو هئڻ ۽ عوام ڏانهن جوابده هئڻ ڪنهن خابرو اداري جا تي اهم اثاثا آهن. ڪو ادارو اخلاقي معيارن جي مسلسل نفاذ سان ڪنهن حد تائين سگهاري ساک حاصل ۽ برقرار رکي ٿو جيڪا عوام ۽ شعبي ٻنهي ۾ ان جي حيثيت تي اثرانداز ٿئي ٿي.

انتهائي بااحترام اشاعتن، پروگرامن ۽ نشرياتي نيٽ ورڪ ۾ هيٺيان عنصر ٿين ٿا:

## مناسب وهنوار ۽ اخلاقيات:

پاسو کڻندڙ صحافي- خود صحافت جي شعبي ۾ بحث جو هڪ اصطلاح- جيڪو وصف طور "مصروفيت" ڪي ٿڏي ٿو جڏهن تہ ساڳئي وقت ٻيا ڪيترائي عمومي معيار، اخلاقي قدر برقرار رکي ٿو.

تخليقي غير ادبي ۽ ادبي صحافت، زيرِ تحرير موضوعن ڪي اڪثر ڪتابن جي طوالت جيتري گهرائپ ۽ بصيرت اُٿڻ لاءِ ادب سان ٺهڪندڙ ٻولي ۽ گهاڙيٽن جو استعمال ڪري ٿي. مڪالمي، تشبيهہ، تجاوز ۽ ٻين اهڙن طريقن جهڙن گهاڙيٽن سان پڙهندڙن ڪي اُها بصيرت آڇجي ٿي، جيڪا عام طور تي عمومي خبرن/ رپورٽن ۾ نہ هوندي آهي. بهرحال، صحافت جي هن شاخ جا ليکڪ بہ اخلاقي معيار ايئن ئي برقرار رکن ٿا جيئن عمومي صحافتي رپورٽنگ ۾ ٿيندو آهي. بهرصورت هو پلوڙ نثر ذريعي عمومي خبرن/ رپورٽن جي حدن کان اڳتي وڌن ٿا.

نئين ۽ پوراڻي صحافت پڻ ڪجهه بنيادي اخلاقي معيار رد ڪري ٿي ۽ پنهنجي واسطي صحافتي نثر جي ٽيڪنيڪي معيارن کي هڪ پاسي رکي ٿي ۽ هڪ مخصوص حلقي تائين رسائي ماڻي ٿي.

ڊائجسٽي (Tabloid) صحافين تي وڪرو وڌائڻ جي خيال سان اڪثر درستگيءَ کي قربان ڪرڻ ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪرڻ جو الزام ڏريو ويندو آهي. سپر مارڪيٽ ڊائجسٽ اڪثر خبرن بدران تفريح تي ڌيان ڏيندا آهن. ڪن ۾ "خبرون" بہ هونديون آهن. جيڪي ايترو تہ انڌير نگريءَ واريون هونديون آهن جو اهي جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ نہ پر تفريح ماڻڻ لاءِ پڙهيون وينديون آهن. اهڙا ڪجهه ادارا عمومي صحافتي معيار برقرار رکڻ جي دعويٰ تہ ڪندا آهن پر عملي طور تي انهن جو پورائو نہ ڪندا آهن. جڏهن تہ ٻيا ان قسم جي ڪا دعويٰ ئي نہ ڪندا آهن.

## سُڌ سماءُ جو آزاديءَ سان تعلق:

سُڌ سماءُ جي آزاديءَ کان محروم ملڪن ۾، خبرون رپورٽ ڪندڙن جي اڪثريت ٿي سگهي ٿو تہ مٿي ڄاڻايل صحافتي معيارن تي عمل نہ ڪندي هجي. غير آزاد سُڌ سماءُ کي اڪثر حڪومت تي تنقيد کان جهليو ويندو آهي ۽ اڪثر معاملن ۾ انهن کي سرڪاري پروپيگنڊا وارا اسم پنهنجين خبرن طور هلائڻا پوندا آهن. سنسرشپ جي ٻين بہ ڪيترن ئي حوالن سان حڪومت کي اهم لڳندڙ معاملن تي رپورٽنگ مُڏو ڪري سگهجي ٿو.

## فرق، ڇڪڙيون ۽ تڪرار:

آزاد سُڌ سماءُ جي "مرڪزي ڌاري" واري صحافين ۾ ڪم ڪار جي حوالي سان اُصولن ۽ تفاوتن ۾ تمام گهڻا اخلاقي نُقطا موجود آهن. بدناموسي ۽ بهتان متعلق قانون مختلف ملڪن ۾ ڌار ڌار ٿي سگهن ٿا ۽ مقامي صحافتي معيار انهن سان ٺهڪاءُ ۾ جُڙي سگهن ٿا. ساک برقرار رکڻ ۾ درست ڳالهہ انتهائي اهم آهي پر خاص طور تي نشرياتي سُڌ سماءُ ۾ سامعين اڪثر سڀ کان اڳ نئين ڄاڻ ڏيندڙ ڌانهن متوجهہ ٿين ٿا.

مختلف ادارا رفتار ۽ درستگيءَ ۾ مختلف طريقن سان توازن رکي سگهن ٿا. جتي ناظرين ڪن پل ۾ انيڪ چينل بدلائي سگهڻ واري حيثيت ۾ هجن ۽ سخت

چنانچہ واري ماحول ۾ تمام گھڻو نشرياتي وقت ڪتب آڻيو هجي، اتي تازو مواد انتهائي اَملھ ٿئي ٿو. انتهائي تيز رفتار ڦير گهير سبب ٿي سگهي ٿو تہ اهڙن نيٽ ورڪن جا رپورٽر جاڻ جي تصديق ڪرڻ واري پنهنجي صلاحيت جي ڏس ۾ وقت جي دٻاءُ هيٺ هجن.

ذاتي خلوت، سرڪاري رازن ۽ فوجداري ڪيسن ۽ سول قانوني چاره جوئيءَ ۾ نالن ۽ حقيقتن جي انڪشاف بابت قانونن ۾ انتهائي فرق ٿي سگهي ٿو ۽ ان حوالي سان صحافتي معيار پڻ مختلف ٿي سگهن ٿا. مختلف ادارن وٽ انهن ضابطن جي پاسداريءَ يا پيچيدگيءَ بابت مختلف دليل ٿي سگهن ٿا. هڪ ٻيو فرق/ اختلاف چونڊن جا ابتدائي نتيجا ظاهر ڪرڻ متعلق پڻ آهي.

ڪجھ خابرو ادارن جو خيال آهي تہ ووٽ ڏيڻ وارو عمل جاري هئڻ دوران راءِ عام (Exit Poll) جا نتيجا يا ابتدائي/ اڻپورا نتيجا رپورٽ ڪرڻ جمهوري عمل لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿو. اهڙيون رپورٽون بعد ۾ ووٽ ڏيندڙن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿيون.

ڪجھ اهي بہ خدشا ظاهر ڪيا ويندا آهن تہ اهي ابتدائي نتيجا اڪثر غير درست ۽ ماڻهن کي گمراھ ڪندڙ ٿي سگهن ٿا. ٻيا ادارا سمجهن ٿا تہ اهڙي جاڻ چونڊن واري عمل جي شفاف هئڻ جو انتهائي اهم حصو آهي ۽ هو ان جي رپورٽنگ ۾ ڪو فائدو نہ تہ نقصان بہ نٿا ڏسن.

## سواد، شائستگي ۽ قبوليت:

تشدد، اُگهاڙپ، بدبولي يا مقامي ثقافت يا قانون ۾ نہ قبولڻ جوڳي صورتحال ۾ ماڻهن بابت رپورٽنگ تي مختلف ماڻهن جا مختلف ۽ ڌار ڌار ردعمل ٿين ٿا. ايستائين جو ساڳين مخاطب ٿيندڙن سان مختلف ادارن ۽ ايستائين جو انفرادي رپورٽرن جا مختلف معيار ۽ عمل ٿي سگهن ٿا. اهي فيصلا، ناظرين لاءِ ڪهڙيون حقيقتون جاڻڻ ضروري آهن، تنهن جي چوڏاري ٿين ٿا.

جڏهن ڪو اڻ وڻندڙ يا پريشان ڪندڙ مواد خبر/ رپورٽ لاءِ اهم ليکيو ويندو آهي تہ ان صورت ۾ ناظرين جو ردعمل جهڪو ڪرڻ لاءِ عمومي طريقن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي. اڻوڻندڙ يا ناقابلِ برداشت مواد بابت اڳواٽ چتاءُ

ڏسندڙن/ ٻڌندڙن/ پڙهندڙن کي ان سان منهن مقابل ٿيڻ کان بچڻ جي راهہ ٿو فراهم ڪري.

تيز ترش لفظ جزوي طور تي مُنجهيل يا اڻ چٽا ٿي سگهن ٿا. ست پريا تيز ترش لفظ داغي يا ذري گهٽ مصنوعي طور تي گهڙيل ٿي سگهن ٿا. تصويرن جي متبادل طور اُپٽار مان فائدو وٺي سگهجي ٿو تصويري خاڪن کي خارج ڪري سگهجي ٿو پريشان ڪندڙ مواد سري تان هٽائي ڪنهن اندرين صحفي تي منتقل ڪري سگهجي ٿو يا ڏينهن بدران رات جو دير سان نشر ڪري سگهجي ٿو جڏهن ٻارن جي موجودگيءَ جو امڪان گهٽ هوندو آهي.

انهن ٽيڪنيڪن خاص طور تي منجهيل مواد يا خود۔ سنسرشپ طور ڪي حقيقتون يا تفصيل نہ ڏيڻ سان معروضيت ۽ سچائيءَ تي ڪو داغ اچي ٿو جيڪو عوامي مفاد ۾ ناهي تہ اڪثر جوڳا تڪرار پيدا ٿين ٿا. مثال طور جنگين جي اُپٽار يا تصوير ڪشي اڪثر پُرتشدد, رتوڇاڻ پري, ڪنبائيندڙ ۽ واضح طور تي هاجي پري ٿئي ٿي, ان ڪري ڪجهہ مواد ڪجهہ ناظرين لاءِ پريشان ڪندڙ ضرور ٿئي ٿو پر جنگ جا اهي ئي پهلو آهن, جن کي سامهون آڻڻ انتهائي ضروري آهي.

ڪجهہ فرد/ ڌريون دليل ڏين ٿا ڏين تہ جنگ جي اُپٽار ۾ "چانگو" لڙائي جاري رکڻ يا ختم ڪرڻ ۽ ٽڪراءُ/ تڪرار شروع ٿيڻ وارين حالتن يا پاليسين بابت راءِ عامہ تي اثرانداز ٿئي ٿو. جنگ جو احاطو ڪرڻ دوران پريشان ڪندڙ تشدد ۽ ييچ ڊاهہ جي اُپٽار وقت بہ وقت, اداري بہ اداري ۽ ملڪان ملڪ مختلف ٿي سگهي ٿي.

## سُٺ سماءُ ۾ مهم هلائڻ:

ڪيترائي اشاعتي ادارا پنهنجي وسيع پڙهندڙ حلقي ۽ بنا نالي وارن ايڊيٽوريلن جي شڪل ۾, جيڪي اداري جو مؤقف ٿا ظاهر ڪن,راغب ڪندڙ لکڻين مان لاڀ ٿا پرائين. ادارتي لکڻين ۽ خبرن وچ ۾ واضح فرق هئڻ جي باوجود اِهو عمل ڪجهہ ماڻهن جي ذهن ۾ اداري جي خبرن جي رپورٽنگ واري سياسي مصروفيت بابت ڪي شڪ پيدا ڪري سگهي ٿو (جيتوڻيڪ بنا نالي واري ايڊيٽوريلن سان گڏ ٻين موقعن تي آڌاريل ڪيتريون ئي نالي سان ڏنل لکڻيون پڻ موجود هونديون آهن.)

ڪي اشاعتي يا نشري ادارا ڪنهن مخصوص فرد (جيڪو اداري جو پنهنجو تجزئي نگار ٿي سگهي ٿو) يا ڪنهن ٻاهرين فرد/ اداري سان لاڳاپيل نقطي نظر سان لاڳاپيل لکٽي/ رپورٽ شايع/ نشر ڪندا آهن. هڪ خاص طور تي تڪراري سوال اهو اُٿندو ٿو رهي تہ ڪنهن خابرو اداري کي ڪنهن سياسي عهدي لاءِ اُميدوارن جي حمايت ڪرڻ گهرجي يا نہ. سياسي پنيرائي رپورٽنگ ۾ پنهنجا نوازڻ جا وڏيڪ موقعا فراهم ڪري ٿي ۽ مفادن ۾ تڪراءُ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

## تفتيشي/ تحقيقي طريقا:

تفتيشي/ تحقيقي صحافت گهٽي پاڻي جاڻ سهيڙڻ واري مشق آهي، جنهن ۾ انهن حقيقتن کي ڦلهوربو آهي، جيڪي عام/ سادي سودي درخواست يا ڳولا سان نہ ملن يا ڳجهيون ۽ دٻائي رکيون ويندي‌ون هجن يا هٿ چراند ٿيل هجن. جتي تحقيقي ڪم ڳجهي صحافت يا ٻهروپ يا اجان ئي خانگي جاسوسيءَ وارن ڳجهن طريقن سان ٿيندو هجي، اُتي اخلاقي معيارن تي تمام گهڻو بار پوي ٿو.

گمنام ذريعا ﭘتي ڏار آهن. اهي اڪثر هاٽوڪن واقعن بابت ڳجهي رکيل يا لڪايل جاڻ، اڳي رپورٽ نہ ٿيل اسڪينڊلن بابت جاڻ يا سُڌ سماءُ ۾ ڪي نقطءِ نظر واضح ڪرڻ تي ڌمر جو خدشو رکندڙ ڪنهن مخصوص گروهہ جو مؤقف ڏيڻ جهڙين خبرن لاءِ ست جوڳي جاڻ فراهم ڪن ٿا.

ان مامري جو منفي پهلو اِهو آهي تہ نالو ظاهر نہ ڪرڻ وارو شرط رپورٽر لاءِ ذريعي جي ڪيل ڳالهہ جي تصديق ڪرڻ کي ڏکيو يا ناممڪن بڻايو ڇڏي. ڪڏهن ڪڏهن ذريعا پنهنجي سڃاڻپ ان ڪري مخفي رکندا آهن جو ٻي صورت ۾ ماڻهو سندن بيان کي هڪدم گڏي ڇڏيندا. ان ريت گمنام ذريعن سان لاڳاپيل بيان نالي سان جاري ٿيندڙ بيانن جي ڀيٽ ۾ ماڻهن وٽ وڏيڪ اهميت جوڳا ٿي سگهن ٿا.

## اخلاقي پس و پيش جا مثال:

صحافتي اخلاقيات جو هڪ اهم ڪم صحافين کي پيش ايندڙ انيڪ وسوسن کي منهن ڏيڻ ۾ سندن مدد ڪرڻ آهي. قومي سلامتيءَ جهڙي انتهائي حساس مامري کان وٺي ڪنهن ذريعي جي دعوت قبولڻ يا ڪنهن ذاتي انٽرنيٽ بلاگ تي موقف ظاهر ڪرڻ تائين صحافين تي عوام جي ڄاڻڻ واري حق،امڪاني

جوڪمن، سمورن قسمن جي خدشن ۽ ترغيبن ۽ ايڊيٽرن، رپورٽرن ۽ ناشرن يا انتظاميا ۽ بين وچ ۾ ٽڪرائن کي مدنظر رکي فيصلا ڪرڻ گهرجن.

## هيٺيان اخلاقي صلاحڪاري اسم ان ڏس ۾ اهم آهن:

- پوليس کي گهربل ڪنهن ڏقيريءَ سان پوليس کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ کانسواءِ، انٽرويو ڪرڻ جو وقت طئي ڪرڻ، اخلاقي طور تي مناسب ٿيندو؟
- ڇا مناسب حوالي جي اڻهوند نقص پري ڳالهه آهي؟
- ڇا ڪنهن رپورٽر لاءِ ڪنهن اهڙي موضوع تي ڪا خبر ناهڻ اخلاقي طور تي مناسب ٿيندو جنهن بابت هو ساڳي اخبار جي ادارتي صفحي تي لکي چڪو هجي؟
- ڪهڙين حالتن ۾، ڪنهن گرفتار ٿيل فرد جي سڄاڻپ ڪنهن عوامي شخصيت جي مٽ مائٽ طور ڪرڻ گهرجي؟
- فري لانس صحافي ۽ فوٽوگرافر پنهنجي لکڻي يا تصوير ڪنهن وڏي اداري ۾ هلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي واعدي تي پئسا ڏوڪڙ حاصل ڪندا آهن. اِهي ادارا بہ ڪين سندن محنت جو مناسب معاوضو ڏيندا آهن. ڇا اهو عمل اخلاقي طور ٺيڪ آهي؟
- جيڪڏهن ذريعو غير معتبر ثو ثابت ٿئي تہ ڇا صحافيءَ کي رازداريءَ جي ضمانت تي جاڻ جو ذريعو ظاهر ڪرڻ گهرجي؟

## صحافين جي عالمي فيڊريشن (IFJ) طرفان صحافين جي هلت جي اُصولن بابت پڌرنامو:

هيءَ عالمي پڌرنامو واقعن جي اُپٽار ۾ خبرن ۽ جاڻ سهيڙڻ، منتقلي، اڳتي وڌائڻ ۽ تبصرو ڪرڻ ۾ رُڌل صحافين لاءِ پيشيوراڻي هلت جي هڪ معيار طور ڏنو ويجي ٿو.

- سچائي ۽ سچائي جاڻڻ وارن ماڻهن جي حق جي تعظيم صحافين جو پهريون فرض آهي.
- انهيءَ فرض جي ادائيگيءَ ۾، صحافي خبرن جي ايمانداراڻي قلهور ۽ اشاعت ۽ انصاف پرئي تبصري ۽ تنقيدجي حق جي آزاديءَ وارن اُصولن جو سدائين بچاءُ ڪندا.
- صحافي ڪيس معلوم حقيقتن سان نهڪندڙ ڳالهيون ئي رپورٽ ڪندو. هو بنيادي جاڻ نہ دبائيندو ۽ نہ ئي دستاويزن سان ڪا هٿ چراندو ڪندو.

- صحافي خبرن، تصويرن ۽ دستاويزن جي حصول لاءِ فقط مناسب طريقا ئي استعمال ڪندو.
- صحافي هر ممڪن طور تي ڪنهن بہ اهڙي ڇپيل جاڻ جي تائيد تہ نہ ڪندو جيڪا هاڃيڪار حد تائين درست نہ هوندي.
- صحافي اعتماد وسيلي حاصل ٿيندڙ جاڻ جي وسيلن جي ڏس ۾ پيشيوراڻي رازداري رکندو.
- صحافي سُڌ سماءُ ذريعي هٿي ملندڙ متڀيد جي خطري کان هوشيار رهندو ۽ پين ڳالهين سان گڏوگڏ نسل، صنف، جنسي انداز، ٻولي، مذهب، سياسي يا ٻئي ڪنهن نقطہِ نظر ۽ قومي ۽ سماجي پسمنظر تي ٻڌل اهڙي متڀيد کان هر ممڪن طور تي پاڻ بچائيندو.
- صحافي هنن ڳالهين کي انتهائي پيشيوراڻي ڪاري ضرب ليکيندو: مواد جي چوري، بدخواهي، غلط اُپٽار، تهمت، بدناموسي، بهتان، بنا ثبوت جي الزام، اشاعت يا ان کي روڪڻ لاءِ ڪنهن بہ شڪل ۾ رشوت/ ترغيب قبولڻ.
- صحافي پنهنجي نالي جي پاسداريءَ لاءِ مٿين سمورن اُصولن تي ايمانداريءَ سان عمل ڪندو.

(صحافين جي عالمي فيڊريشن جي 1954ع واري عالمي ڪانگريس ۾ بحال ٿيل ۽ 1986ع واري عالمي ڪانگريس ۾ ترميم ٿيل)

## ضابطہِ اخلاق: اخباري ايڊيٽرن جي پاڪستان ڪائونسل (NECP) مقصدن جو اعلان نامو:

(اخباري ايڊيٽرن جي پاڪستان ڪائونسل طرفان 1993ع ۾ بحال ڪيل ضابطہِ اخلاق تان ورتل) هيءَ ڪائونسل 22 مئي 1993ع تي قائم ٿي. ان جي مقصدن ۾ سُڌ سماءُ جي آزاديءَ جو تحفظ ۽ ملڪ ۾ صحافت جي صحتمند واڌ ويجهہ لاءِ ڪم ڪرڻ شامل آهي.

ڪائونسل سمجهي ٿي تہ ايڊيٽرن/ صحافين جو فرض سچ جي سيوا ڪرڻ آهي. اهو بہ سمجهي ٿي تہ سُڌ سماءُ جا ادارا پنهنجي آئيني اختيار ۽ حقيقتون ڄاڻڻ ۽ انهن جو اطلاع رسائڻ ذريعي عوامي بحث مباحثي ۽ ڄاڻ جو ذريعو آهن.

"اسلامي جمهوريہ پاڪستان" جي آئين جي شق 19، جيڪا سُڌ سماءُ جي آزاديءَ جي ضمانت ڏئي ٿي، ڪجهہ فرض پڻ عائد ڪري ٿي، انهيءَ شق موجب:

"هر شهريءَ کي تقرير ۽ اظهار جي آزاديءَ جو حق حاصل هوندو ۽ اسلام جي شان شوڪت، پاڪستان جي سالميت، سلامتي يا بچاءُ يا ان جي ڪنهن حصي، پرڏيهي رياستن سان دوستاڻن ناتن، امن امان، شائستگي يا اخلاقي قدرن، يا عدالتن جي توهين، بدناموسي يا ڪنهن ڏوهہ لاءِ پڙڪائڻ جهڙن قانوني طور تي جهل وڌل معاملن کانسواءِ سُڌ سماءُ کي مڪمل آزادي حاصل هوندي."

حڪومتي مداخلت کي دعوت ڏيڻ کانسواءِ مٿي ڄاڻايل آئيني ذميواريون پوريون ڪرڻ ۽ صحافتي اُصولن جي پاسداريءَ واسطي، ذميواريون، سُڌ سماءُ جي آزادي، ايمانداري، درستگي، اڻ ڏرائپ، مناسب ورتاءُ ۽ شائستگي ۽ ڪائونسل طرفان بحال ڪيل "مقصدن واري اعلان نامي" ۾ واضح ڪيل مقصد ماڻڻ لاءِ ڪائونسل جا ميمبر هتي ڄاڻايل ضابطہِ اخلاق جي قبوليت جو اعلان ڪن ٿا:

(1) هيٺين کان اخباري خبر، ايڊيٽوريل، مضمون، تصوير ۽ اشتهارن جهڙين اشاعتن جي هر انداز کان پاسو ڪيو ويندو:

- بداخلاقي يا فحاشي
- فردن، ادارن يا گروهن خلاف چِسا ۽ توهين آميز اظهار
- فردن، ادارن يا گروهن، اخبارن ۽ ٻين اشاعتن خلاف ڪوڙا ۽ بغض ڀريا ليڪجندڙ الزام.
- فرقيواريت، عصبيت يا صوبائي ڏڦير ۽ مت ڀيد ۽ طبقاتي ڏڪار کي هٿي ڏيڻ
- ڏوهن ۽ اَوَ گُڻن جي تشهير
- تشدد کي پڙڪائڻ

(2) ايڊيٽرن/ صحافين کي عوام جي سچائي ڄاڻڻ واري حق کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ مفاد کان آجو هئڻ گهرجي.

(3) هو ان خاطريءَ لاءِ لاڳيتو ڪوشش ڪندا تہ عوامي معاملا عوام آڏو ٿي رهيا هجن ۽ سرڪاري رڪارڊ عوام جي جائزي/ جاچ لاءِ کليل آهي.

(4) فرد جي پنهنجي ساک ۽ راستبازيءَ جي تحفظ واري حق جو هر صورت ۾ احترام ڪيو ويندو، ان کي سامهون آڻڻ يا ان تي تبصرو ڪرڻ کان اوستائين پاسو ڪيو ويندو جيستائين ان جو عوامي زندگيءَ تي ڪو وڏو اثر نہ پوندو هجي.

(5) خبرن جي پيشڪش، واقعن تي تبصرا ۽ درست شڪايتن تي اظهار مناسب ۽ معروضي هئڻ گهرجي ۽ حقيقتن کان شعوري طور تي پاسو نہ ڪائجي. سرخيون لاڳو مواد سان نهڪندڙ هئڻ گهرجن ۽ تصويرون ڪنهن واقعي جي درست عڪاسي ڪندڙ هئڻ گهرجن ۽ لاڳاپيل معاملن کانسواءِ ڪا معمولي شيءِ بہ پيش نہ ڪرڻ گهرجي. آف دي رڪارڊ گفتگو شايع نہ ڪرڻ گهرجي. خبرن، مضمونن ۽ تصويرن جي اجرا واري تاريخ تي لڳل پابنديءَ جي پوئواري ڪرڻ گهرجي.

(6) صحافيءَ کي اعتماد ۾ ٻڌايل ڄاڻ جي پنهنجي ذريعي کي تحفظ ڏيڻ جو حق حاصل هئڻ گهرجي.

(7) پئسن عيوض شايع ٿيندڙ سمورن اعلانن، مضمونن يا اشتهارن لاءِ انهن جي حيثيت جو واضح طور تي ٻڌايو وڃي.

(8) ڪابہ اخبار ڪنهن پرڏيهي ملڪ، اداري يا ڪاروبار طرفان يا انهن طرفان ڪنهن بہ شڪل ۾ ڪوبہ مالي يا ڪو ٻيو فائدو يا ذميواري قبول نہ ڪندي، ان جو اطلاق پئسن عيوض شايع ٿيندڙ اشتهارن تي نٿو ٿئي.

(9) سوکڙيون، نوازشون، مفت سفر، خاص ورتاءُ يا مراعتون ايڊيٽرن جي ساک کي هاجو رسائي ۽ انصاف ۽ اڻ ڌرائپ واري سندن احساس کي مجروح ڪري سگهن ٿا. مُلهہ رکندڙ ڪابہ شيءِ قبول نہ ڪئي وڃي.

(10) جيڪڏهن ايڊيٽرن جي ساک متاثر ٿيندي هجي تہ ثانوي ملازمت، سياسي وابستگي، سرڪاري عهدو رکڻ ۽ ڪميونٽي تنظيمن لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ايڊيٽرن کي پنهنجي ذاتي زندگي اهڙي نموني سان گهارڻ گهرجي جو جيڪو ڪين حقيقي يا محسوس ٿيندڙ مفادن جي ٽڪراءُ مان محفوظ رکي سگهي.

(11) اخبارن، رسالن يا خابرو ادارن طرفان شايع ڪيل ڪنهن بہ غير درست ڄاڻ جي نتيجي ۾ اُماڻيل باجواز درستگيون يا ترديدون ممڪن حد تائين جلد کان

جلد شايع ڪرڻ گهرجن تہ جيئن اصل اشاعت، جنهن جي موٽ ۾ درستگي يا ترديد جاري ٿي هجي، ذريعي قائم ٿيل تاثر اثرائتي طور زائل ڪري سگهجي.

(12) سُڏ سماءُ ڪابہ اهڙي شيءِ شايع ڪرڻ کان پرهيز ڪندي جيڪا مذهب بابت توهين آميز هجي يا جنهن سان ڪنهن فرقي يا اقليت جا مذهبي جذبا مجروح ٿيندا هجن.

(13) سُڏ سماءُ ڪنهن دوست رياست جي سربراهہ متعلق توهين يا ڌڪار جو سبب بڻجندڙ ڪابہ شيءِ شايع ڪرڻ کان پاسو ڪندي.

(14) سُڏ سماءُ بچاءُ جي قوتن ۾ سول هٿياربند قوتن جي وفاداريءَ تابعداريءَ کي گرهڻ لڳائڻ جو امڪان رکندڙ ڪابہ شيءِ شايع ڪرڻ کان پرهيز ڪندي.

(15) سُڏ سماءُ بچاءُ وارين قوتن کي سياست ۾ شامل ڪرڻ کان پاسو ڪندي ۽ انهن جي ڪارڪردگي ۽ ورتاءُ بابت فقط مناسب تبصرو ڪندي.

(16) پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي ڪارروائين جي رپورٽنگ جي ڏس ۾ ڪارروائيءَ جا اُهي حصا جن بابت چيئرمين / اسپيڪر رڪارڊ مان خارج ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هجي، شايع نہ ڪيا ويندا ۽ پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي سمورن صفن/ ڌرين طرفان ڪيل ڳالهين جي مناسب رپورٽ پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

(17) عدالتي ڪارروائيءَ جي رپورٽ ڪرڻ ۾، صفائي پيش ڪندڙ ڌرين جو مؤقف/ دليل نہ ڏيارڻ جو خيال رکيو ويندو.

(ذريعو: آزاد پريس ڪائونسل)

## ضابطءِ اخلاق: عمل/ ڪم ڪار جو اخلاقي ضابطو:

خبرن ۽ تبصرن جي بي روڪ وهڪري جي خاطري ڪرائيندي عوامي مفادن لاءِ آزادي ۽ ذميواريءَ سان اُصولن ۽ شائستگيءَ تي ٻڌل پيشيوراڻو ڪم سرانجام ڏيڻ واسطي سُڏ سماءُ لاءِ هيٺيون ڪم ڪار جو اخلاقي ضابطو جوڙيو ويو آهي، جيڪو خبرن، مضمونن، ايڊيٽوريلن، فيچرن، ڪارٽونن، خاڪن، تصويرن ۽ اشتهارن سميت اشاعت جي سمورن انداز کي عوامي مفادن جي پورائي لاءِ استعمال ڪندي ايمانداريءَ، درستگيءَ، معروضيت ۽ انصاف تي ٻڌل هئڻ لاءِ سُڏ سماءُ واسطي سونهون فراهم ڪري ٿو.

انهيءَ ضابطي جا اهم عنصر هن ريت آهن:

(1) سُٺ سماءُ اخلاقي معيارن کي مٿانهون رکندي ۽ مواد جي چوريءَ ۽ بهتان بازيءَ ۽ بدناموسيءَ تي پٻڌل اشاعتن کان خاطريءَ سان پاسو ڪندي.

(2) سُٺ سماءُ سموريون بنيادي ۽ واسطيدار حقيقتون شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ تبصرن ۽ قياس آرائين کي مجيل حقيقت طور اظهار ڪرڻ کان پاسو ڪندي. ڪنهن هڪ فرد يا فردن جي هڪ ننڍي تعداد جي رويي کي عمومي رنگ ڏيڻ کي غير اخلاقي ليکيو ويندو.

(3) سُٺ سماءُ فردن جي خلوت جو احترام ڪندي ۽ خانگي، ڪٽنبي زندگيءَ ۽ گهر ۾ گهڙڻ/ مداخلت ڪرڻ لاءِ ڪو بہ اُپاءُ نہ وٺندي.

(4) افواهن ۽ اڻ تصديق ٿيل اطلاعن کان پاسو ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ريت انهن کي شايع ڪرڻو پيو تہ ان بابت وضاحت ضرور ڪئي ويندي.

(5) اڳتي وڌايل/ منتقل ڪيل تصويرن سميت سموري جاڻ درست ۽ سچائيءَ تي ٻڌل هوندي.

(6) سُٺ سماءُ ڪنهن فرد يا گروهہ جي نسل، مذهب، ذات، فرقي، قوميت، نسلي تعلق، صنف، محتاجيءَ، بيماريءَ يا ڄمارَ جي بنياد تي مت ڀيد يا ڌڪار پئدا ڪندڙ يا ان کي همٿائيندڙ ڪنهن مواد جي تياريءَ، ڇپائيءَ ۽ منتقليءَ کان پاسو ڪندي.

(7) سُٺ سماءُ پنهنجو پاڻ کي ڏوهن کي ڪارنامي ۽ ڏوهارين کي سورمي طور پيش ڪرڻ لاءِ نہ آڇيندي.

(8) سُٺ سماءُ ڪو بہ اهڙو مواد يا اظهار شايع يا منتقل نہ ڪندي جيڪو اسلامي جمهوريا پاڪستان جي آئين جي شق نمبر 19 سان ٽڪراءُ ۾ ايندو هجي.

(9) سُٺ سماءُ ڪنهن بہ هاڃو رسائيندڙ غير درست ڳالهہ کي هڪدم درست ڪندي، خاطري ڪندي تہ درستگيون ۽ معذرتون مناسب اهميت ماڻين ۽ ڪنهن اهميت ڀريي معاملي تي تنقيد يا تبصري هيٺ آيل فرد جي جواب ڏيڻ واري حق جو احترام ڪندي.

(10) طبي مامرن تي رپورٽ ڪندي، پڙهندڙن ۾ بي بنياد ڊپ يا اجايون اُميدون پئدا ڪندڙ هيجان انگيزيءَ کان هر صورت ۾ پاسو ڪيو ويندو. ابتدائي تحقيقي نتيجن کي حتمي يا ذري گهٽ حتمي طور پيش نہ ڪيو ويندو.

(11) تشدد ۽ ڪنورتا جي هيجان انگيزيءَ کان پاسو ڪيو ويندو. اٽوٽندڙ معاملن جي بلڪل درست رپورٽنگ ڪئي ويندي، خاص طور تي جڏهن عدالتي ڪارروائيءَ کي رپورٽ ڪيو وڃي تہ ڪنهن جوابدار کي فيصلو صادر ٿيڻ کان اڳ ڏوهاريءَ طور پيش نہ ڪيو ويندو.

(12) ٻارن، نابالغن ۽ عورتن خلاف جنسي ڏاڍ اڳراين ۽ اُگرن ڏوهن جي صورت ۾ سندن نالا ۽ سڃاڻپ ڪري سگهندڙ تصويرون شايع نہ ڪيون وينديون.

(13) بريفنگ ۽ پسمنظر وارن انٽرويوئن دوران طئي ٿيل رازداريءَ کي برقرار رکيو ويندو.

(14) سُڌ سماءُ راءِ عامہ ۽ سروي جا نتيجا شايع ڪندي ماڻهن، جاگرافيائي علائقي ۽ اهڙي سروي جي سهاڪتاڪار جي سڃاڻپ واضح طور بيان ڪندي.

(15) ڪنهن بہ قسم جي مالي يا ڪا ٻي مراعات يا ترغيب، جيڪا مفادن ۾ ٽڪراءُ جو باعث بڻجي سگهي ۽ پيشيوراڻي ڪم تي اثرانداز ٿيڻ جو ست رکندڙ ڪا ترغيب جيڪا ساک پري، آزاد ۽ شفاف سُڌ سماءُ جي تصور سان ٺهڪندڙ نہ هجي، کان لازمي پاسو ڪيو ويندو.

(ذريعو: www.internews.net.pk)

**ذميواري:**

- ڪا سني اخبار مناسب، درست، ايماندار، ذميوار، آزاد ۽ شائستي ٿئي ٿي. سچائي ان جو سونهون اُصول آهي.
- اِها اهڙن عملن کان پرهيز ڪندي جيڪي ڪنهن مناسب، درست ۽ اڻ ڏري انداز ۾ خبرون پيش ڪرڻ واري صلاحيت سان ٽڪراءُ ۾ ايندڙ هجن.
- اخبار کي معاشري جي سمورن حصن جي هڪ مثبت نقاد وارو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اِها پنهنجي عمل ۽ احاطي ۾ پنهنجي مختلف نوع واري مخاطب آباديءَ جو واضح اظهار ڪري. اِها سرڪاري يا خانگي اختيارين جي غلط ڪارين، مڪر يا غلط استعمال کي پُرجوش انداز ۾ وائکو ڪري.

ايڊيٽوريل ذريعي اها عوامي مفادن ۾ گهربل اصلاحن ۾ جدت جي وڪالت ڪري. جيستائين ڪو واضح سبب نہ هجي خبرن جا ذريعا ظاهر ڪيا وڃن. جيڪڏهن ڪنهن ذريعي جي رازداريءَ جو تحفظ ضروري هجي تہ ان سبب جي وضاحت ڪئي وڃي.

- اخبار اظهار ۽ سُڌ سماءُ جي آزاديءَ واري حق کي متاهون رکي ۽ فرد جي خلوت واري حق جو احترام ڪري. اخبار حڪومت جي خبرن تائين عام گڏجاڻين ۽ رڪارڊ ذريعي عوام جي رسائيءَ واسطي پُرجوش انداز ۾ پتوڙي.

**درستگي:**

- اخبار شد مد ڏيڻ، ڇانگي يا ٽيڪنيڪل جوڙ توڙ ذريعي غير درست انداز، لاپرواهي، مت ڀيد يا مروتي خلاف بند ٻڌندي.
- اِها جوڳي غلطين کي تسليم ڪري ۽ انهن کي ترت ۽ واضح طور تي درست ڪري.

**(ب) نقصان کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ:**

اخلاقيات تي عمل ڪندڙ صحافي ذريعن، موضوع هيٺ آيل فردن ۽ پنهنجن ساٿين کي تعظيم لائق انسان ليکيندا آهن.

**صحافين کي هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي:**

- اخباري ڪوريج ذريعي منفي طور تي متاثر ٿيندڙن ڏانهن ٻاجهہ ڀريو مظاهرو ڪريو. ٻارن ۽ اڻتجربيڪار ذريعن يا واسطيدارن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ مهل خاص طور تي حساسيت جو مظاهرو ڪريو.
- ڪنهن هاڃي يا ڏک جي متاثر ٿيلن جا انٽرويو ڪرڻ يا تصويرون ڇڪڻ مهل حساس پڻي جو مظاهرو ڪريو.
- ذهن نشين رکو تہ ڄاڻ سهيڙڻ ۽ رپورٽ ڪرڻ سان نقصان يا بيچينيءَ جو احتمال ٿي سگهي ٿو.
- ذهن نشين رکو تہ خانگي/ عام شهرين کي اقتدار، اثر رسوخ يا ڌيان چاهيندڙ سرڪاري/ حڪومتي عملدارن ۽ ٻين جي ڀيٽ ۾ ڄاڻ ظاهر نہ ڪرڻ جو وڌيڪ حق حاصل آهي. ڪو انتهائي عوامي دلچسپي/ مفاد ئي ڪنهن جي خلوت ۾ مداخلت جو جواز ٿو پيدا ڪري.
- سٺي معيار جو مظاهرو ڪريو. مونجهاري ذريعي ڌيان ڇڪرائڻ کان پاسو ڪريو.

- نابالغ شڪي ڏوهارين ۽ جنسي ڏوهن جي شڪار ٿيلن جا نالا ظاهر ڪرڻ ۾ احتياط کان ڪم وٺو.
- الزامن جي رسمي طور تي عائد ٿيڻ کان اڳ شڪي ڏوهارين جا نالا ظاهر ڪرڻ ۾ احتياط ڪريو.
- ڪنهن شڪي ڏوهاريءَ جي مناسب عدالتي ڪارروائيءَ واري حق ۽ ماڻهن جي ڄاڻڻ واري حق ۾ توازن رکو.

### (پ) آزاداڻي طور تي ڪم/ عمل ڪريو:

صحافين کي ماڻهن جي ڄاڻڻ واري حق کانسواءِ ٻئي ڪنهن به مفاد جي تابع نه هئڻ گهرجي.

### صحافين کي:

- حقيقي يا تصوراتي مفادن جي ٽڪراءُ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- اهڙين تنظيمن ۽ سرگرمين کان آزاد هئڻ گهرجي جن سان ساک متاثر ٿيڻ جو احتمال هجي.
- سوکڙين، رعايتن، معاوضن، مفت سفري سهولتن ۽ خاص ورتاءُ کان نابري وارڻ گهرجي ۽ صحافتي ساک متاثر ٿيڻ جو امڪان هئڻ جي صورت ۾ ثانوي ملازمت، سياسي وابستگي، سرڪاري عهدي ۽ ڪميونٽي تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- ٽاري نه سگهجندڙ ٽڪرائن کي وائکو/ ظاهر ڪرڻ گهرجي.
- واڳ ڌڻين کي احتساب جوڳو بڻائڻ لاءِ هوشيار ۽ باهمت رهڻ گهرجي.
- اشتهار ڏيندڙن ۽ مخصوص مفادن سان ورتاءَ ۾ رعايت ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ گهرجي ۽ خبرن جي ڪوريج تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ سندن دٻاءُ جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي.
- رعايتن يا پئسي ڏوڪڙ عيوض ڄاڻ آڇيندڙ ذريعن کان هوشيار رهڻ گهرجي. خبرن لاءِ نيلامي واڪ نه ڏيڻ گهرجي.

### (ت) احتساب جوڳا ٿيو:

صحافي پنهنجن پڙهندڙن، ٻڌندڙن، ڏسندڙن ۽ ٻين آڏو جوابده آهن.

- صحافي ڪوريج کي واضح ڪندي صحافتي هلت تي ماڻهن سان مباحثي جو اهتمام ڪري.
- سُڌ سماءُ خلاف شڪايتن جي اظهار لاءِ ماڻهن کي همٿائي.
- غلطيون تسليم ڪري ۽ انهن کي ترت ٺيڪ ڪري.
- صحافين ۽ سُڌ سماءُ جي غير اخلاقي عمل کي وائکو ڪري.
- ساڳين اعليٰ معيارن تي پاڻ بہ پورو لهي، جيڪي ٻين لاءِ چاهي ٿو.

## ساک، درست پٽو ۽ درستگيون: اخباري محتسب واري اداري جون سفارشون:

اخبارون پنهنجي وس آهر بهترين موجود ڄاڻ شايع ڪري پڙهندڙن وٽ پنهنجي ساک بهتر بڻائي سگهن ٿيون. انهيءَ خاطريءَ جو هڪ حصو درست پٽي، عمدگي ۽ مناسب انداز ۾ لڪيل آهي. هڪ ٻيو حصو جوڳين غلطين يا ڇهولن کي تسليم ۽ درست ڪرڻ ۾ آهي. ڪجهه عالمي خابرو محتسبن جي عمومي درستگيءَ واري پاليسي هن ريت آهي:

- غلطيون مڃڻ ۽ رڪارڊ درست رکڻ ۾ ڦرت رهو. جڏهن بہ ڪنهن جوڳي غلطيءَ جو پتو لڳي، درستگي شايع ڪريو.
- پڙهندڙن لاءِ اخبار ۾ ڪنهن ست پري غلطيءَ جي نشاندهي ڪرڻ کي سولو بڻايو. هڪ فون ان لاءِ مخصوص ڪريو ۽ شايع ٿيل غلطين بابت ڄاڻ وصول ڪرڻ لاءِ هڪ فرد کي ذميوار بڻايو. رابطي بابت اهڙي ڄاڻ روزانو شايع ڪريو.
- عملي جي ڪنهن هڪ فرد کي غلطين جي رپورٽن جي پوئواريءَ لاءِ ذميوار بڻايو ۽ خاطري ڪريو تہ ضروري درستگيون وقت سر ٿين. اهو ڪو ڪُل وقتي ڪم ناهي پر ان لاءِ ڪو پنهنجو وقت سيڙائي ۽ ضرورت پوڻ تي غلطين جي جاچ لهي.
- درستگيون واضح طور ڪريو. پڙهندڙن لاءِ اهي ڳولڻ سولو بڻايو. ڪجهه اخبارون اِهي ساڳيءَ جاءِ تي شايع ڪنديون آهن، عام طور تي روزانو مرڪزي حصي جي صفحي نمبر 2 تي، ٻيون اخبارون غلطيءَ واري حصي ۾ ئي درستگي هلائينديون آهن.

- خاطري ڪريو ته خبرن، فيچرن، راندين، تفريح ۽ ادارتي ڪمن ڪارين تي درست پٽي جا هڪ جهڙا معيار لاڳو ٿين ۽ درستگين لاءِ هڪ جهڙو وهنوار اختيار ٿئي.
- غلطيون ڪندڙ عملي لاءِ مثبت پوئواريءَ وارا وهنوار تيار ڪريو. درست پٽي جي اهميت بابت عملي ۾ بحث مباحثي تي زور ڏيو. تصديق ڪرڻ وارن معيارن جي وضاحت ڪريو ۽ ضرورت محسوس ڪندڙ عملي کي تربيت فراهم ڪريو.

## رپورٽرن ۽ ايڊيٽرن لاءِ تجويزون:

- ڪنهن به خبر يا ذميواريءَ کي معمول طور نه وٺو. جيڪڏهن معمول جي انداز ۾ لکندا يا ايڊيٽنگ ڪندا ته اوهان سراسري معيار ماڻيندا. اوهان کي سراسري نه هئڻ گهرجي.
- خبرن کي روان دوان رکڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم روزانو ڪريو. پنهنجين خبرن/ رپورٽن کي ميرانجهڙي يا ڍر جو ڪاج بڻجڻ نه ڏيو.
- اڳواٽ طئي ڪيل قياس سان ڪنهن خبر/ رپورٽ تي ڪم نه ڪريو.
- توهان کي پنهنجي ڏکي خبر/ رپورٽ لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي. رپورٽر طور پنهنجي ڪمپيوٽر/ ڪاغذن کي اکرن سان ستي نه ڇڏيو. ايڊيٽر طور، پنهنجن پڙهندڙن کي ڏکيون خبرون/ رپورٽون فقط ان ڪري پيش نه ڪريو جو سدائين ايئن ئي ٿيندو رهيو آهي.
- وڏيڪ وقت ٻڌڻ تي سيڙايو. ڏاهپ جي شروعات ۽ پڇاڙي توهان تي ئي نٿي ٿئي، ڪارائتا خيال ۽ ادراڪ انهن واسطي اڻ ڳڻيا آهن جيڪي ڏاهپ سان ٻڌڻ جي فن ۾ مهارت رکن ٿا.
- اوهان کي هر ڪنهن سان انٽرويو ڪرڻ گهرجي. صحيح سوال ڪرڻ بابت ڄاڻيندڙ رپورٽر ۽ ايڊيٽر ان ريت پنهنجي ۽ پنهنجين خبرن/ رپورٽن لاءِ وڏي مدد ماڻي سگهن ٿا. هر ڪو خبر جو ذريعو هوندو آهي.
- "ڇو" پڇڻ وارو عمل جاري رکو. اِهو گهٽي ياڳي خبرن/ رپورٽن ۾ سڀ کان گهٽ پڇيو ويندو ۽ جواب ملندڙ سوال آهي. پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ ڄاڻڻ چاهين ٿا.
- جتي به وڃو توهان کي آزاديءَ کي ياد رکڻ ۽ تحفظ ڏيڻ گهرجي. ماڻهن جي ڄاڻڻ واري حق سان لاڳاپيل سمورن قانونن جي اطلاق واسطي پنهنجي

ذميواري پوري ڪريو. ڪنهن سهنج واسطي انهن قانونن تي ڪو ناهه ڪرڻ خلاف مزاحمت ڪندا رهو.

- پنهنجن پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن کي بهتر طور ڄاڻڻ لڳو. توهان جي مخاطب ٿيندڙن جي اُپٽار ڪندڙ سروي وغيره پڙهو ۽ پروڙيو. پنهنجن ساٿين جي عمومي پرت کان ٻاهر بہ ماڻهن سان وقت گذاريو.
- روزانو پنهنجي اخبار ڏيان سان پڙهو. پنهنجن مخاطب ٿيندڙن بابت باخبر رهڻ لاءِ پنهنجين خبرن/ رپورٽن سان گڏوگڏ ٻيا اسم بہ پڙهو ۽ پنهنجن ساٿين جي ڪم ۾ دلچسپيءَ جو اظهار ڪريو. ڪين محسوس ڪرايو تہ ان معاملي ۾ توهان سندن گهڻ گهرا آهيو.
- مجموعي طور تي، اوهان کي وڌيڪ پڙهڻ گهرجي: وڌيڪ اخبارون، وڌيڪ رسالا ۽ وڌيڪ ڪتاب _ لکڻ جي انداز ۽ خيالن تي وڌيڪ ڏيان ڏيو.